

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

جلد ســ

تحقيق ۽ تاليف

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

# رهاڻ هيرن کاڻ

Gul Hayat Institute

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## (جلد پهريون)

تحقيق ۽ تاليف

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ**

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبلڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
2001ع

نيو فيلڊس پبلڪيشن جو ڪتاب نمبر ٻه سئو ايڪيتاليهه

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي.

پهريون ايڊيشن اپريل 2001ع

**قيمت** 80/- روپيا

Gul Hayat Institute

(مصنف جا حق ۽ واسطا قائم)

**REHAN HERAN KHAN. BY: DR. N.A. BALOCH.**
Published By: New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition April 2001.
Price Per Copy Rs. 80/-
Book No. 241

**هي پهريون ڇاپو فيروز احمد جو ادبي خدمت جي قدرداني طور، بنا معاوضي نيو فيلڊس پبلڪيشنس طرفان اشاعت لاءِ ڏنو ويو. نبي بخش.**

# عنوان جي فهرست


| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| مهاڳ | ۱ - ۲ |
| سنڌي لفظ ’ڪڇهري‘ | ۳ - ۵ |
| تاريخ | ۶ - ۲۲ |
| سامراجي حڪومت خلاف سنڌ جو خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو | ۲۳ - ۳۱ |
| سدا حيات سورهيه صبغت الله شاهه | ۳۲ - ۳۵ |
| زمانو بدلجي ويو | ۳۶ - ۴۳ |
| وڻا سي وينجهار | ۴۴ - ۵۸ |
| سنڌي ٻولي | ۵۹ - ۶۲ |
| سنڌ جي اوڀڙ (نباتات) جو مطالعو | ۶۳ - ۸۴ |
| ڏٿ ۽ ڏوٿي | ۸۵ - ۹۱ |
| ٽڪر-ٽر-ڳهاڙواري وات | ۹۲ - ۹۴ |
| سنڌ جون رانديون | ۹۵ - ۱۰۰ |
| ٻالهيون ملهه ۽ ملهن جون | ۱۰۱ - ۱۰۴ |
| عوامي فيلسوف | ۱۰۵ - ۱۲۰ |
| واسينگ نانگ جي مڻ | ۱۲۱ - ۱۲۲ |
| هيءَ جڳ بازيگر جي بازي | ۱۲۳ - ۱۲۶ |
| سنڌ جون مانائتيون مايون | ۱۲۷ - ۱۳۱ |
| سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگري | ۱۳۲ - ۱۳۷ |
| مقامات سنڌي | ۱۳۸ - ۱۴۱ |
| گول لاٽون چورس چگهه | ۱۴۲ - ۱۵۴ |
| مُندن جي موٽَ ۽ سِڪ وارن جون سارُوٽيون | ۱۵۵ - ۱۶۳ |
| ڪچهري ناڙي | ۱۶۴ - ۱۷۴ |


Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

بلسمه تعاليٰ

# مهاڳ

هي رهاڻ هيرن ڪاڻ آهي. پنجاهن سالن واري دور (٢٠٠٠-١٩٥٠ع) ۾، سنڌ جي سڄڻن ۽ سگهڙن سان ڳوٺن شهرن، واهڻ وسين ۾ رس رهاڻيون ٿيون جن جو هيءَ مواد يادگار آهي. ڪن پيارن ترغيب ڏني ته آءُ پنهنجي سوانح عمري لکان: ڪنهن حدتائين هي منهنجي سوانح عمري آهي.

هن ذخيري ۾ شامل ڳالهيون سڀ نيون آهن، ۽ گهڻيون سڀ نه اڳ لکيل آهن ۽ نه ڇپيل. هنن ڳالهين کي رهاڻ واري رنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندڙن کي مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ۽ پڙهندڙ کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌايون ويندين ۽ ڪيئي نيون معنائون وهجايون وينديون. غور سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارن لاءِ هن ذخيري ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ راڄن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهه ٻولهه، سرت سمجهه، دانائي دورانديشي، خوشي ۽ خوشطبعي، شعر ۽ ادب جا من موهيندڙ مثال موجود آهن.

هن ذخيري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي راقم گهڻو اڳ جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌيون. ٿي سگهي ٿو ته ڪي صحيح نموني سان نه ٻڌايون ويون هجن يا نه سمجهيون ويون هجن، ۽ جيئن ته اهي هڪ وڏي وقفي کان پوءِ هت بيان ٿيون آهن انهيءَ ڪري ڪي پوريون ياد به نه رهيون هجن. پڙهندڙ مهربانن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪا وڌيڪ صحيح صورتحال معلوم ٿئي ته پنهنجي پيار ۽ پاٻوهه سان درستي ڪن.

هي اڻکٽ خزانو آهي جيڪو ڪنهن حدتائين منهنجي لکيل ياد داشتن ۾ موجود آهي پر گهڻي حد تائين منهنجي يادگيرين ۾ محفوظ آهي. وقت ۽ فراغت آهر، ان کي قسطن وار شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. پهرين جلد جي اشاعت بعد هيءَ 'رهاڻ هيرڻ ڪاڻ' جو ٻيو جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

هيءَ سلسلو، سنڌ جي مختلف موضوعن، سنڌ جي عوامي جذبن احساسن، ڳُڻن ۽ ڳالهين جو آئينو آهي جنهن اڳتي هلي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ويهين صديءَ ۾ سنڌ جي عام زندگيءَ جا ڪهڙا نقش نشان هئا ۽ فهم ۽ فڪر جا ڪهڙا خاص عنوان هئا.

هن جلد ۾ بہ موضوع خاص تحقيقي نوعيت جا آهن: هڪ 'سنڌ جي اوپڙ (نباتات) جو مطالعو' ۽ ٻيو 'سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگري ۽ هنر'. سنڌ سائي آهي پر ان ساوڪ جو مطالعو نہ ٿيو آهي. راقم سرزمين تي وڃي سنڌ جي گاهن، ٻوٽن، ٻوٽن ۽ وَلين ڪي ڏٺو ۽ تفصيل قلمبند ڪيا جن کي ابتدائي ڄاڻ طور شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن وڌيڪ تحقيق ٿي سگهي. 'شاهہ جي رسالي' ۾، لوهارن جي ڌنڌي پيشي جي حوالي سان شاهہ صاحب جا چيل بيت زيرغور آيا تہ انهن کي صحيح طور تي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگريءَ جو پتو پيو. اهو تفصيل سنڌ ۾ چيلن ۽ تلن، يعني ٽيڪنيڪ ۽ ٽيڪنالاجي، جي تاريخي مطالعي لاءِ خاص اهميت رکي ٿو.

هن جلد ۾ شامل بہ موضوع ادبي انشائي نوعيت جا آهن: هڪ 'مقامات سنڌي' ٻيو 'گول لاٽون چورس چگهہ'. انهن ۾ تحقيقي معلومات بدران طبعزاد عبارت آرائي جو رنگ ڀريل آهي. وڌيڪ وضاحت هرهڪ جي شروعات ۾ شامل آهي.

آخر ۾ 'ڪچهري نازي' جو نئون موضوع رکيل آهي، جيئن جلد پهرئين جي آخر ۾ 'ڪچهري بدين' جو موضوع شامل هو.

Gul Hayat Institute

نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد، سنڌ

١٦ - ڊسمبر ٢٠٠٠ع

# لفظ 'ڪچهري'

هر ٻوليءَ ۾ ڪي مشهور معروف لفظ اهڙا آهن جن جي اصل جي پوري پڪي خبر نٿي پوي. سنڌيءَ ۾ 'ماني' ۽ 'ادا' اهڙا لفظ آهن. 'ميان' بہ اهڙو لفظ آهي مگر اهو سنڌي توڙي ٻين ٻولين (پنجابي، پشتو وغيره) ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. 'ڪچهري' بہ اهڙو لفظ آهي، ۽ جئن تہ راقم جي عمر ڪچهرين ۾ گذري آهي انهيءَ ڪري اهو وري ويچار هيٺ آيو آهي.

١٩-صدي کان وٺي انگريزن جي دور ۾، لفظ 'ڪچهري' ڪورٽ جي معنيٰ ۾ عام طور استعمال ٿيو، ۽ انگريزن جي دور جي اردو ۽ انگريزي ڊڪشنرين ۾ اهو لفظ خاص طرح انهيءَ معنيٰ ۾ئي ملي ٿو. مصنف جوهن پليٽس (John T. Platts) پنهنجي "اردو، ڪلاسيڪل هندي-انگريزي ڊڪشنري" ۾ ڪچهري جي معنيٰ هيٺين طرح ڏني آهي جنهن مان ڪورٽ، فيصلي ڪندڙ تنظيم، دربار، شهري ايوان، ماڻهن جو ميڙ يا ڪاروباري ڪارگذاري جون معنائون نڪرن ٿيون

A court of justice, tribunal, a public office, a town house, or the people assembled, or the business proceeding.

ڪچهري سان لاڳو اصطلاحن جون معنائون هن طرح ڏنيون ويون آهن: ڪچهري برخاست ڪرڻ= ڪورٽ پوري ڪرڻ؛ ڪچهري چڙهڻ= ڪورٽ ۾ اچڻ. ڪچهري ڪرڻ= ڪورٽ هلائڻ، ڪيس ٻڌڻ، سرڪاري ڪم اُڪلائڻ؛ ڪچهري لڳائڻ= ماڻهن جو ميڙ گڏ ڪرڻ يا گوڙگهمسان ڪرڻ؛ پري ڪچهري ۾ =کلي ڪورٽ ۾.

مٿين معنائن مان ڏسبو تہ اهي سڀ ڪورٽ ۽ فيصلن سان لاڳو آهن، ۽ اهي سنڌي ۾ ڪچهري جي معنائن کان مختلف آهن. سنڌ ۾ ڪچهري عام فهم عوامي لفظ آهي، هندوستان ۾ 'ڪچهري' انگريزن جي دور وارو خاص لفظ آهي ۽ انتظامي آهي.

سنڌ ۾ سگهڙن سان ڪچهريون ڪندي توڙي وڏي عمر جي سڄاڻ ماڻهن سان رهاڻ ڪندي، 'ميرن جي ڪچهري' جو ذڪر آيو: "فلاڻو ميرن جي ڪچهري ۾

Gul Hayat Institute

ويو: ڪچهري لڳي پئي هئي. ميرصاحب پاڻ ويٺو هو. وغيره“. پر اهڙن سيني حوالن ۾ ’ڪچهري‘ جو مفهوم ’رهاڻ واري مجلس‘ معلوم ٿيو: ’ڪورٽ قائم ڪرڻ‘ يا ڪيس هلائڻ واري معنيٰ سامهون نه آئي. سگهڙن جي عام ڪچهرين ۾ ميرن جي دربار بدران ’ميرن جي ڪچهري‘ جو ذڪر آيو.

سنڌيءَ ۾ لفظ ’ڪچهري‘ تمدني مفهوم وارو آهي. ’ڪچهري‘ معنيٰ اها محفل ۽ مجلس جنهن ۾ ڳالهيون هَلن، جنهن مان علم ۽ عقل وڌي: جتي فهم ۽ فضيلت سان ويهجي ۽ جتي سمجهه ۽ عقل سان ڳالهائجي. اڄ تائين سنڌي ۾ ’ڪچهري‘ هڪ عام ۽ عوامي لفظ آهي ۽ شهرن کان وڌيڪ ٻهراڙي ۾ استعمال ٿئي ٿو، تر بر ۾ سمجهجي ٿو ۽ ڳالهائجي ٿو. ’چڱن جي ڪچهري‘، ’مڙسن جي ڪچهري، ’پاڻ ۾ ڪچهري ڪيائون‘ (محبت وارن). پر گهٽن جو هجڻ لازمي ناهي: ٻه دوست هوندا ته به هڪ ٻئي کي چوندا ته ادا ويهه ته ڪچهري ڪريون. چوندا: فلاڻو ڪچهريءَ جو مور آهي، ’مڙس ڪچهريءَ جهڙو آهي‘. ڪچهريءَ ۾ اچڻ وقت سگهڙ ماڻهو چوندو ”ادا ڪچهريءَ جو سلام“، موڪلائڻ وقت سمجهدار چوندو ’ڪچهريون قائم‘! (يعني شال ڪچهريون قائم هجن).

لکت ۾ اردو يا هندي ۾ هي لفظ ڪڏهن استعمال ٿيو ان لاءِ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي ته جيئن هن لفظ جي قدامت بابت صحيح نتيجي تي پهچي سگهجي. ڪن معتبر اردو لغاتن (جهڙوڪ ”فرهنگ آصفيه‘) ۾ هي لفظ ڏنل ئي ڪونهي: البته اوحدالدين بلگرامي ’نفائس اللغات‘ ۾ ڪچهري کي هند جو هندي لفظ ڪري ڄاڻايو آهي ۽ ان جي معنيٰ ’ديوان‘ ۽ ’حساب خانه‘ لکي آهي، يعني سرڪاري دربار يا انتظامي دفتر. بلگرامي هيءَ لغات سنه ١٢٥٦ هه (١٨٣١)ع ۾ لکي، يعني هندستان ۾ انگريزن جي دور ۾ انگريزن جي انتظامي يا دفتري مفهوم مطابق لکي.

ٻئي طرف تحقيق ڪرڻي آهي ته سنڌي لکت ۾ هي لفظ ڪڏهن آيو. في الحال راقم جي ڄاڻ موجب، ١٢-صدي هجري (ارڙهين صدي عيسوي) جي پهرئين اڌ جو لکت ۾ حوالو موجود آهي جيڪو نفائس اللغات توڙي انگريزن جي دور جي ڊڪشنرين کان هڪ سئو سال کن اڳ جو آهي. شاهه عبداللطيف (ف ١١٦٥

ھ/ ١٧٥٢ع) جي همعصر ۽ ساٽياري ميين محمد صلاح پنهنجي منظوميءَ 'بزغل جا ڪلما' عرف مُحمد صلاح جي سنڌي' ۾ لفظ 'ڪڇهري' آندو آهي:

رسالت پاڪ رسول جي پَرا سَيتِ پِيا
ڳُهڙُ ڳِيڙين ڳائيو چوڏس چڳايا
قريشيءَ جي ڪچهرين پيئي پچارا.

Gul Hayat Institute

# تاريخ

## ساڪائن/ سِيٿيَن (Scythians) وارو دور

ساڪائن/ سِيٿين/ سٿانن (اصل ۾ ترڪ). پهرين صدي قبل مسيح کان ٻي صدي عيسوي واري دور ۾ سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندن طاقت جو پهريون مرڪز اوڀر- ڏکڻ ايران وارو ملڪ هو جيڪو پوءِ سندن نالي سان "ساڪا-ستان"، سگستان، سِجستان (عربي اُچار) يا سِيستان سڏجڻ ۾ آيو. اتان 'ساڪائي' قبيلا هيٺ بلوچستان مان لنگهندا سنڌ ۽ هند ۾ پهتا. پنهنجي تحقيق ۾ آءُ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته جن ماڳن، شهرن، ۽ علائقن جي نالن ۾ ساڪ، ساڪا، سيوا، سيوي، سيوستان واريون صورتون موجود آهن سي 'ساڪائن' جي تاريخي ماڳن منزلن جا نشان آهن. هن سال گذريل جون (٢٠٠٠ع) ۾ آءُ وڌيڪ تحقيق لاءِ پنجگور (بلوچستان) ويس ۽ ڪن ماڳن جي نالن مان منهنجي گمان جي تصديق ٿي ته ساڪائي قبيلن جي آمد سيستان مان مڪران جي پنجگور واري رستي کان ٿي: هو اڳتي آواران، خضدار، قلات ۽ سبي کان سنڌ پهتا. ساڪائن، سيستان مان بلوچ قبيلن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو جيڪي بلوچستان مان ٿيندا سنڌ ۾ پهتا، بعد ۾ ساڪا به بلوچن واري واٽ سان سبي ۽ سنڌ پهتا. پنجگور کان گچڪ، اتان گُوارگو، ڏَنڊار ۽ پوءِ آواران ۾ آيا. گَچڪ ۾ هن وقت تائين به ماڳ ساڪائن جي نالي سان سڏجن ٿا: هڪ 'ساڪائي قلات' (قلعو) ۽ ٻيو 'ساڪائي ڪان' (ڪارين). اڳتي قلات (موجوده) تي ساڪائن جي تسلط سببان قلات کي سندن نالي سان 'سيوا- قلات' سڏيو ويو، ۽ سبي به سندن نالي سان 'سيوي' سڏيو ويو. هنن سنڌ ۾ به پنهنجو نالو سيو- سِتان/ سِيوِستان آندو ۽ ان جي گادي جو هنڌ به سندن نالي سان سِيوِي- واهڻ يا سيوهڻ سڏيو ويو. ديبل (ڀنڀور) جي کوٽائي ۾ هيٺينءَ سطح تي ساڪائن جا آثار مليا آهن. ديبل وارو ماڳ 'ساڪري' جي حد ۾ آهي ۽ 'ساڪري' جي نالي ۾ به 'ساڪا' جو عنصر شامل آهي.

سنه ١٩٦٥ع ۾، 'روهي اوئغور' نالي عالم جو تحقيقي مقالو، 'طُخارين جو

Gul Hayat Institute

اصل وطن' جي عنوان سان، ڪراچي مان پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي جي (ميمائر نمبر٨٠) ۾ ڇپيو جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته: سنه ٥١٨ع ۾ چيني سياح سُن- يُون، جيڪو وَخان ۽ پوهو مان لنگهيو، تنهن ڄاڻايو آهي ته هَياطِله (ترڪ قبيلا) طاقتور هئا ۽ چاليهه ملڪ سندن ڍل ڀريندڙ هئا. انهن ۾ ڏکڻ وارو ملڪ تِيهه لو ۽ مشهور بندر ديبل وارو ڀاڱو به شامل هو، جن تي سنه ٨٠ قبل مسيح ڏاري ساڪائن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي. ساڪا سنبت به سنه ٧٨/٧٩ ۾ شروع ٿيو.

## سَگر جو وارو

محقق بيروني پنهنجن ڪتابن ۾، هند ۽ سنڌ جي ستن تاريخي سَنَبتَن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان ٻن سَنبتن يعني 'ساڪا سنبت ۽ سنڌ سنبت' جي شروعات انهن وڏن حادثن سان ٿي جيڪي سرزمين سنڌ ۾ ٿيا. ان جي وضاحت راقم 'سنڌ سنبت' بابت لکيل مضمون ۾ ڪئي آهي جيڪو 'سنڌ صدين کان سيمينار' جي موقعي تي پيش ڪيو ويو. 'ساڪا سنبت' بابت بيروني پنهنجي ڪتاب 'قانون مسعودي' ۾ لکيو آهي ته: ساڪا بادشاه جي سنڌ ۽ سامونڊي ڪناري تائين حڪومت هئي. هن ماڻهن تي ڏاڍا ظلم ڪيا ۽ مقامي ماڻهن کي مجبور ڪيائين ته 'ساڪن' جو لباس پائين. وڪرماجيت پوءِ ان کي ملتان ويجهو 'ڪرور' وٽ ماريو. ان سال کان ساڪا سنبت شروع ٿيو.

بيروني پنهنجي ٻئي ڪتاب (ڪتاب الهند) ۾ هڪ مختصر بيان ۾ 'سنڌ سنبت' جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو ساڪا سنبت کان ٥٤٨ سال پوءِ، هجري سنه چار ۽ عيسوي سنه ٤ مارچ ٦٢٦ع کان شروع ٿيو. ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ هڪ وڌيڪ تفصيلي بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته: 'هند جي ڪنهن بادشاه کي ايران واري طرف جي بادشاهه ماريو هو. ان جي مرڻ کان پوءِ ڪيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو 'سَگر' هو. سگر جي ماءُ ڪيس ٻڌايو ته ڪيئن ڀاهرئين بادشاه سندس پيءُ کي ماريو هو. پوءِ 'سگر' چڙهائي ڪري پيءُ جو وير ورتو ۽ گهڻا ماڻهو ماريائين.

ياڻنجي ٿو ته اهو ساڳيو واقعو ٿوري اختلاف سان فتحنامي ۽ تاريخ معصومي ۾ بيان ٿيل آهي جنهن مطابق ايران مان نيمروز (سيستان) جي لشڪر سنڌ تي چڙهائي ڪري راءِ سهاراس کي ماريو جنهن کان پوءِ سندس پٽ راءِ سهاسي تخت

Gul Hayat Institute

تي وينو ۽ وڏو طاقتور ٿيو.

انهن ٻن بيانن مان سنڌ سنبت بابت ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته راءِ سهاراس جي موت کان پوءِ سندس پٽ سگر وير ورتو، ۽ پوءِ ٻيو پٽ راءِ سهاسي تخت تي ويٺو. اهو انهيءَ ڪري جو تحقيق ڪندي معلوم ٿيو ته سنڌ ۾ 'سَگر' بابت روايتون اڄ تائين موجود آهن. ميرپورماٿيلي - اٻاوڙي طرف ڪڇرين ڪندي ٻه ٽي دفعا سگهڙن کان ائين ٻڌو ويو ته 'سَگر جو وارو هو'، يا 'هي گهٽو اڳ سگر جي واري جي ڳالهه آهي.' ٿر ۾ ڪيل تحقيق مان معلوم ٿيو ته هت ڪي پراڻا کوهه آهن جيڪي اڳين زماني جا 'سگر جي واري جا' آهن. ٽالپورن ٿر ڪي آباد ڪرڻ طرف گهٽو توجهه ڏنو ۽ غير آباد زمينون سنڌ جي ماڻهن کي ڏنائون. انهن جدا جدا جاين تي پراڻا کوهه ڳولي لڌا جيڪي ڪنهن اڳين وقت ۾ ڏلهي (لٽي) چڏيا هئائون. هاڻي جڏهن انهن جاين تي نوان راڄ اچي وينا ته ماڻهن هيناهيون ڏنيون ۽ پڻ ڏنائون ته مينهن جو پاڻي ڪن جاين تي هيٺ ٿو وڃي؛ تڏهن اهي جايون کوٽيائون، کوهه لڌائون، ۽ پاڻي ڪڍيائون. اهڙن کوهن بابت ڳالهيون هلندڙ هيون ته اهي قديم زماني جا 'سَگر جي واري جا' آهن. اهڙو پهريون کوهه مون کي سگهڙ ساهڙ ٽيبي پنهنجي ڳوٺ ڪَرنور ۾ ڏيکاريو. معلوم ٿيو ته 'سگر جي واري' وارو هي کوهه نَوَ پرهه هيٺ، پڪي روهڙي تائين، چڻ ته پڪو گندلو. ان کان هيٺ پهرين وارِيءَ وارو عمق پڪين سرن سان ٻڌل جيڪي ننڍڙيون (چار يا پنج آڱر ويڪر ۽ ڊيگهه ۾). ان کان هيٺ ڪَچي يا اَپري روهڙي وارو عُمق ٻَڌو ڪونه ويو، انهيءَ ڪري تَڙُ ڊٺو. ساهڙ جام چيو ته: اسان جي وڏن هيٺ 'ٻِٽو' وارِ پٽي کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻڌجي نه سگهيو.

وڏيڪ پڇائون ڪندي معلوم ٿيو ته ٻيا هيٺيان کوهه مشهور آهن ته 'سگر جي واري' جا آهن. تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ اِٽيهَر' ۾ (کوسن بلوچن جو جيڪي ٽالپورن جي واري ۾ اتي آيا ۽ کوهه ڳولي ڪڍيائون)، 'ٿر ۾ 'سگر جي واري' جا ٻيا مشهور کوهه هيٺين ماڳن وارا: وَرڻاريو، دوبار، ٽُگوسَر، ٻسارڻو، ڪُڏي، وَڪُڙيو، ساڪريو (اهي ننگرپارڪر تعلقي ۾) ۽ تارياڻو، راڄوڙو، (تعلقو مٺي). اهي کوهه سڀ پٿر جا. انهن جي خاص سڃاڻپ اها جو هيٺ تمام سوڙها. ايترو جو انهن جو گهيرو ''ٽي پير'' (يعني ماڻهوءَ جي ٽن پيرن جي ويڪر جيترو

گهيرو). ماڻهو وَرَندو (اندر گهڙندو) ته رهڻ جي نڪرندو.
ٿر ۾ مقامي طور تي 'سَگر' بابت ڏند ڪٿائون (legends) هليون.
١٩- آڪٽوبر ١٩٩٢ع تي مٺي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ۽ وري 'مينگهي جي تڙ' تي ٢٤- آگسٽ ١٩٩٧ع تي ڪيل ڪچهري ۾ راقم کي اهڙيون ڏند ڪٿائون مليون جن موجب سَگر بادشاهه سان جنات پڌل هئي. جنن کان هو روزانه نئون کوهه کوٽائيندو هو ۽ نئون پاڻي پيئندو هو. جملي پنجاه ڪروڙ کوه کوٽايائين.

سَگر کٽـايا ساڳـڙو کُوئا ڪِروڙ پَچـاس

'ساڳڙو' يعني 'ساڳڙو بَڌ' وارا، سٺي بڌ وارا. جيسر مير جي ڳاڙهن پٿرن جي بڌ وارا. پوءِ فخر ڪيائين ته مون وٽ هيتري ڳِڻات آهي. مون جهڙو ڪير! ماڻهن تي ظلم ڪيائين ۽ ڪانئن زوري کوه کٽايائين. هنن ته پٽيو، پر ڌرتيءَ به ڏٽي وٽ دانهن ڪئي ته هن ظالم منهنجو پيٽ تنگ تنگ ڪري منهنجا آندرا ڪڍي ڇڏيا آهن. مٿس ڏٽي جو ڏمر ٿيو ۽ جڏهن مئو ته مٿس ڪنهن ڏيئو به ڪونه پاريو:

هڪ لک پُوت، سـوا لک نِيـاتي
اي دن ايسـو، ڏيوَلي نه ٻيـسي ٻاتي

سگر جو پٽ ڀگر ۽ ان جو پٽ ڀاڳيس ٿيو. هن جبل ۾ ويهي ڇهه هزار چاونجاهه ورهيه تپسيا ڪئي ۽ ڀاڳ وارو ٿيو. ڀاڳيس جي بخت سان ئي ''گير مير'' (پهاڙن) مان گنگا ندي هيٺ لٿي.

## عرب اسلامي دور

حيدرآباد جي قلعي جي دروازي سامهون، شاهي بازار جي اولهه طرف 'اصحابي جي قبر' مشهور آهي. 'تبع تابعين' جو سنڌ ۾ اچڻ صحيح ڪري ڄاڻبو، باقي اصحابن جي سنڌ ۾ اچڻ بابت شروعاتي تحقيق بوبڪن جي وڏي عالم مخدوم جعفر بن ميران ڪئي ۽ ان بعد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 'بياض هاشمي' ۾ هن موضوع تي لکيو. سندس عربي عبارت جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

**فصل:** اصحابن جي باري ۾ جيڪي سنڌ ۾ آيا جن مان ڪن هت وفات ڪئي. سنڌ جي مقامي ماڻهن مان هڪ شخص 'تابعي' پڻ هو. روايت آهي ته رسول الله ﷺ، پنجن اصحابن سان پنهنجو خط سنڌ وارن ڏانهن موڪليو هو: سنڌ ۾ 'قلعي نيرون' ۾ جڏهن آيا ته اتي جي ڪن ماڻهن اسلام قبوليو. پوءِ انهن

مان ۽ اصحاب سنڌ جي راڻي سان گڏ واپس ويا. باقي ٽي اصحاب سنڌ ۾ رهيا جن سنڌ ۾ اسلام کي وڌايو ۽ سنڌ وارن لاءِ اسلامي احڪام کي کولي سمجهايو. پوءِ انهن اتي (نيرون ۾) وفات ڪئي ۽ سندن قبرون اڄ تائين اتي موجود آهن (جمع الجوامع). مون هي روايت مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل ڏٺي ۽ پڻ مخدوم حافظ بن مخدوم بايزيد کان ائين ٻڌم. اهو صحيح آهي ته سنڌ جو هڪ شخص 'تابعي' هو جنهن اسان امام محمد بن حسن جي ڪتاب 'موطاء' جي حوالي سان هن بياض جي 'دوائون علاج شفاء' بابت قران شريف جي آيتن واري باب هيٺ لکيو آهي. (مخدوم محمد هاشم)

## سلطان محمود غزنوي

● اسلامي دور ۾، 'السند' بغداد جي خلافت جو هڪ وسيع وڏو صوبو هو. خليفي متوڪل جي دور ۾ سنه ٢٤٧ ھ تائين هن صوبي جو انتظام خليفي طرفان مقرر ڪيل گورنرن ذريعي هليو. بعد ۾ هن صوبي جو انتظام وقت جي خليفي طرفان سلطان محمود غزنوي جي حوالي ٿيو. ان بابت مؤرخ ابن عمراني (وفات ٥٨٠ھ) پنهنجي ڪتاب "الانباء في تاريخ الخلفاء" (١٩٧٣ع ۾ لائيڊن، يورپ مان ڇپيل) ۾ ڄاڻايو آهي ته: خليفي القادر بالله خراسان، جبال، سنڌ ۽ هند جا صوبا سنه ٣٨٧ ھ ۾ سلطان محمود جي حوالي ڪيا. ٻي روايت موجب سنه ٤٠٢ ھ ۾ سلطان جي حوالي ٿيا.

● گجڻي واري دانهن. سنڌ جي هڪ آڳاٽي روايت 'گجڻي واري دانهن' بابت آهي، يعني 'غزني واري دانهن'، يا اهو فرياد جيڪو سنڌ مان هڪ مائي سلطان محمود وٽ غزني ۾ ڪٺي وئي. 'نئين ڪوٽ' کان اوير، پڙي جي وچ ۾، ٻيٽ ۾، آڳاٽو قبرستان آهي جيڪو هاڻي 'درس راڄپار جو مقام' سڏجي. ان قديم ماڳ تي، 'وڏوهر' نالي صاحبزادو رهندو هو، جنهن کي ٿانور پٽي ڪُهايو. ان صاحبزادي جي ماءُ غزني جي هٽي ۽ اها سلطان محمود وٽ دانهين وئي. سلطان مائي جي دانهن اُنائي ۽ پاتي جي ملڪ تي چڙهائي ڪري ٿانور پٽي کي ماريو. تاريخ ۾ 'پاتيہ' ملڪ تي سلطان محمود جي حملي جو ذڪر آهي جيڪو اتر طرفان سنڌ جي سرحدن سان لاڳو هو. هن روايت مان اهو اهڃاڻ ملي ٿو ته پُراڻ درياءَ ۽ پوري ناري جي دو-آبي واري آباد علائقي ۾ غزني جو ڪو خاص نمائندو

رهندو هو.

● ٻرڙائو جو ڪوٽ، جيڪو جهڏي شهر کان ٻه ميل اتر اوڀر طرف پُراڻ (درياءَ) جي ڪپي ڪنڌي تي آهي، ان بابت عام روايت آهي ته اهو 'گجڻي جي واري جو' آهي، همون جو تلاءُ به اتي آهي.

● مل محمود ۽ خدا دوست. هي هڪ قصو آهي جيڪو سلطان محمود جي نالي ۽ حوالي سان سنڌ ۾ گهڻي وقت کان هلندڙ آهي. ان ۾ سلطان محمود غزنوي کي 'مل محمود' (يعني وڏو طاقتور) سڏيو ويو آهي. ان جي پٽ جو نالو 'خدا دوست' ڄاڻايو ويو آهي. شروع وارو بيت ته:

ملڪ ۾ مل محمود هو غزنوي غازي
عادل تنهن عدل سين ڪڍي بِدعت بازي
ميڙي مرد ملوڪ ڪيا نر سپ نمازي
نِوڙت نِيازي، هو دين گهڻو ديدار ڪيو.

## سومرا دور

سومرن بابت ڪافي مواد راقم جي ٽن ڪتابن ۾ اچي ويو آهي: ٻه جلد دودي چنيسر جي ڳالهه جا ۽ هڪ جلد سومرن جي دور جو. مشڪل مسئلو آهي سومرن حاڪمن جي حڪمراني جا سلسلي وار سال قائم ڪرڻ. ٿتي جي سمن حڪمرانن جي نالن، لقبن، سنن ۽ سالن بابت راقم طرفان ڪيل تحقيق خيرخوبي سان آڳاتو پوري ٿي، جو لکت توڙي آثارن مان پورا پڪا اهڃاڻ مليا. سنڌ جي سومرن اميرن بابت هيٺيان حوالا هن مسئلي تي روشني وجهن ٿا.

- سومرن جو آخري بادشاهه همير هو جنهن کي سمن ماريو. همير پٽ دودي جو هو. اهي نالا پڪا آهن جو ان وقت ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو جي لکيل خطن ۾ موجود آهن.
- همير بادشاهه کي شايد پٽ ڪونه هو، ۽ جي هو ته به پيءُ سان گڏ مارجي ويو. باقي همير جي ڀن ڀائرن هَمُو ۽ محمد کي پوءِ سلطان فيروز شاهه خانديش ۾ جاگيرون ڏنيون ۽ هو اتي ئي رهيا. انهن جا نالا به پڪي پختيءَ طرح معلوم ٿيل آهن ۽ راقم جي انگريزي مقالي ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهن.
- سنه ٦٢٤ هه ۾ جڏهن جلال الدين شاهه خوارزم جو بادشاهه سنڌ مان لنگهيو

Gul Hayat Institute

تڏهن سنڌ جي لاڙ توڙي ڪڇ جو حڪمران چنيسر هو جنهن جو لقب ”سِنان الدين“ هو. اها شاهدي به لکت ۾ موجود آهي ۽ پڪي آهي.

- باقي ٻين حڪمرانن جا نالا توڙي سن ۽ سال، ڪن مشهور روايتن جي آڌار تي تخميني طور متعين ٿي سگهندا. انهيءَ سلسلي جون
- هڪڙيون روايتون دودي نالي بادشاهن بابت آهن. هڪ بيان اهو ته ’ست دودا‘ ٿيا جنهن مان ايترو گمان ڪرڻ صحيح ٿيندو ته دودي جي نالي سان هڪ کان وڌيڪ بادشاه ٿيا.
- ٻيون روايتون انهيءَ اهڃاڻ تي متفق آهن ته پهريون بادشاهه دودو هو جنهن کي ”دودو وڏو“ چيو ويجي ٿو.
- هڪ وڏي سگهڙ (فقير عبدالستار مهر مرحوم) جي زباني ته: پهريون دودو ڀونگراڻي هو ۽ ٻيو دودو دوداڻي هو. سنڌ جي نسب نامن جي روايتي اصول موجب، ڀونگراڻي يعني ڀونگر جو پٽ، ۽ دوداڻي يعني دودي جو پٽ. دودي چنيسر جي ڳالهه وارو ’دودو دوداڻي‘ هو.
- هڪ دودي جو لکت ۾ ذڪر، شيخ حسين ديولي يعني پير پٺي جي وقت ۾ اچي ٿو. شيخ حسين عرف پير پٺو.

## سمن جو دور

سومرن کان پوءِ ڪڇ ۾ سمن جي حڪمراني رهي ۽ ڪن مشهور سمن اڳواڻن اتي ئي وفات ڪئي. هيٺئين بيت مان اهڃاڻ ملي ٿو ته لاکي ۽ ڦل جون قبرون اتي آهن:

اڄ لاکو نه ڦُل، ڳجهه ڳرهيان ڪن سين
منجهه ڪيرن هُل، ٻاهر لَون چمڙا.

گهڻي پڇا ڪيم پر معلوم نه ٿي سگهيو ته اهي ڦتل قبا ڪٿي آهن جن ۾ شاعر چمڙا ڏٺا. تاريخ ۲-مئي ۱۹۶۸ع ۾ خليفي صاحب جي ڳوٺ (تعلقو ٽنڊو باگو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ مرحوم گل محمد سالاراڻي جت ٻڌايو ته: جادم ۽ جکري جون قبرون، ڳوٺ کَهياري تعلقي لکپت ۾، ڪُوئانَر ڍنڍ کان اتر- اولهه ٽڪر تي آهن. ڪڇ جي رڪارڊ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ’مُهڙ‘ ۽ ’مناهين‘ مان، ’مُهڙ‘ جو قبو ڪڇ ۾ موجود آهي.

## ڪلهوڙن جو ديوان ٽيڪراج

شروع ۾ ميان عباسي (ڪلهوڙا حڪمران) مهدوي طريقي جا فيض وارا فقير ٿيا. پوءِ جڏهن دنيوي طاقت هٿ ڪرڻ جو پَهه ڪيائون تڏهن ملڪ جي هيٺن راڄن کي هيسائي زمينن تي قبضا ڪيائون جنهن ڪري هو مغلن جي ملتان واري گورنر وٽ دانهين ويا. انهيءَ ڪري ميان آدم شاهه قيد ٿيو ۽ پوءِ ملتان ۾ ڪيس موت جي سزا ملي. ان بعد به ابڙن، سانگين ۽ ٻين قبيلن جي زمينن تي قبضا ٿيا ۽ انهن جا فرياد ملتان جي گورنر شهزادي معزالدين وٽ ٿيا. ان طرفان چاڙهيل فوج سان ميان دين محمد مقابلو ڪيو، پر مارجي ويو. ميان نصيرمحمد داناء هو سو في الحال سنڌ ڇڏي پنجاب هليو ويو، ۽ جڏهن واپس آيو تڏهن راڄن جي رضا سان زمين کي وڌايائين. مائي ڳاڙهي ڪان جڏهن زمين ورتائين ته هوءَ رُني، جنهن تي ميان صاحب ڪيس دلداري ڏني ته هيءَ شهر منهنجو هوندو پر نالي تنهنجي سان سڏبو. ميان يارمحمد دلير هئڻ سان گڏ سياسي شعور وارو هو ۽ ان جي دور کان طاقت وڌي جڏهن هن پنهورن کي سامتاڻي مان بي دخل ڪيو. ميان نورمحمد طاقت استعمال ڪئي. سياسي بصيرت کان وڌيڪ هن ۾ زور ۽ ڏاڍ جو جذبو هو. پنهنجن (دائودپوٽرن) توڙي پاڙيسرين (قلات جي خانن) سان جنگيون ڪيائين، ان کان وڌيڪ ته سنڌ جي اندروني رياستن جي حاڪمن (راڻن، ڪلمتين، برفتن ۽ ڪڪرالي جي ڄامن) توڙي اثر رسوخ وارن عالمن ۽ طاقتور قبيلن خلاف لشڪر چاڙهيائين.

نُهڙين جي قبيلي کي آڻ مڃائڻ لاءِ ڪانئن سگَ گهريائين جو هنن نه ڏنو: پوءِ جوٽيجن کان گهريائين جن ڏنو. ميان نورمحمد پوءِ نئين ڪوٽ، ٻوري ۽ ٽر واري علائقي تي ٽيڪراج کي پنهنجو عملدار مقرر ڪيو جنهن ڏاڪي جمائڻ لاءِ اتي پنهنجي ماڙي نهرائي ۽ ميان جي زور تي ماڻهن سان وڌي هيس ڪئي. ان ماڙيءَ جا آثار اڃان تائين موجود آهن. ٽيڪراج کي ئي ميان موڪليو هو جه وڃي ان وقت جي ونگي جي وريام توڳاچي (وڏي) کان سگَ گهريائين. هن چيس ته: هفتي ۾ توکي جواب ملندو. پوءِ توڳاچي پنهنجو لشڪر وٺي چڙهيو ۽ ٽيڪراج کي ماريائين ۽ ان بعد هو پنهنجي ڪٽنب ۽ ماڻهن سميت سنڌ ڇڏي ڪڇ هليو ويو. جڏهن ٽالپور حڪمران ٿيا ته انهن ڪلهوڙن جي ستايل سيني

Gul Hayat Institute

ماڻهن ۽ قبيلن جي پوئواري ڪئي. پنهنجا خاص ماڻهو موڪليائون جيڪي لاڙ مان لڏي ويل قبيلن (نوتيارن ۽ نهڙين) کي ڪڇ مان وٺي آيا. وسائي پوتو (چانڊيو) فقير (اسلام ڪوٽ لڳ). ڪاڪڙهارجي وسائي پوٽن جي وڏن مان) موڪليائون جيڪو وڃي وڏي اڳواڻ ابراهيم کي ڪڇ مان وٺي آيو ۽ هو اچي 'اَچا اوتار' يا 'اڇيون بازاريون' ۾ رهيو. تالپورن طرفان 'ارباب' جي وڏي خطاب سان سڏيو ويو. مير ٺاري خان طرفان سندس وڏي آڏرياءُ ٺي ۽ هو اچي 'ڪيتلاري' ۾ مقيم ٿيو جيڪو هاڻي ٽَرائي سڏجي.

انگريزن جي دور ۾ ڏاڙيلن اچي مال هنيو، جنهن ۾ ارباب تاج محمد شهيد ٿيو. ويڄهن لاڳاپن جي ڪري، ڪاڪڙهار جي وسائي پوٽن مان رحم علي خان (وڏي) پويان واهر ٿي مال ڇڏايو ۽ پڻ ارباب تاج محمد ۽ ٻين جا جنازا سينگاري ڍڪائي پهچايا. ارباب تاج محمد، ارباب توڳاچي (ٻئي) جو پٽ هو. هن پوئين ويجهي دور (١٩٦٠-١٩٧٥ع) ۾، وڏن اربابن مان ارباب توڳاچي ۽ ارباب الله جوڙيي سان راقم مليو. ٻئي وڏا لائق شخص هئا. ارباب الله جوڙيي مولوي احمد ملاح جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيل قرآن شريف ڇاپايو. هن ٢٨-آگسٽ ١٩٩٣ع تي هڪ سئو سالن ڪان مٿي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. آءُ هن خاندان جي پوين مان ارباب امير حسن، ميرمحمد، عطا الله ۽ فيض محمد جي دعوتن ۽ ڪچهرين ۾ ويس ۽ سندن ميزبانين ڪان متاثر ٿيس. هنن لفظن لکندي اخبار مان معلوم ٿيو ته ارباب فيض محمد ڪالهه (٢٠٠٠-١١-٢٧) گذاري ويو.

## ميان نورمحمد ۽ نادرشاهه

نادرشاهه جي پهريائين دهليءَ تي ڪاهه ۽ پوءِ سنڌ تي چڙهائي بابت سنڌ جي ڪنهن شاعر وڏو بيت چيو جنهن جون پهريون ٻه سٽون هي ته:

اِصفهانا آئيو نِهنگ نادرشاهه

تَنهن جو هڪڙو ڪڙڪو قنڌار تيِ، ٻيو دهليءَ پيو ڏَڪاءُ

پر هن جو ٽريو ڏاڪو سنڌ تي ٿيو جنهن ۾ ميان نورمحمد دليري بدران ڏڄ ۽ خوف جو مظاهرو ڪيو. ڪٿي ڪي ويهه ماڻهو به ڪين بيهاريائين جيڪي نادرشاهه کي سامهون ٿين ها جو لڄ پت رهجي اچي ها ته مقابلو ٿيو. نادرشاهه هندوستان کي پويان ڇڏي، اڳتي ايران ويندي ڪابل مان واپس وريو ۽ ڪُرَم

ندي وارو لڪ لتاڙي ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان مان ٿيندو اچي سنڌ تي ڪڙڪيو.

ـ ديري غازي خان ۾ گلمڻ خان (گامون سچار) کان نادرشاهه پڇيو ته ”غازي خان جا گهڻا وزير هئا“؟ چيائين ”چار“. پڇيائين ته ”بيا به توجهڙا، هئا؟“ چيائين ته: ”اُهي مون کان وڌيڪ هئا“. تڏهن نادرشاهه چيو ته ”پوءِ غازي خان جو ديرو ڪيئن لٽيو؟“ چيائين ته ”هن ٻڌڻ کان بس ڪئي، ۽ چوڻ کان اسان به بس ڪئي.“

ـ سنڌ به ائين لٽجي وئي. ميان نورمحمد جا پنج وزير هئا. مير ’چامر- ندو خان‘ (ائين سندس سچو نالو) ٽالپور، ٻيو چامر جان محمد ڏاهري جيڪي ٻئي ملڪ جا وڏا خيرخواهه هئا پر انهن جي صلاح تي ميان صاحب ڪونه هليو. ٻئي طرف راڄو ليکي، پيروز ۽ ٻيا ميان صاحب کي پنهنجي ملڪ خلاف ڀڙڪائيندا ۽ جنگ جون صلاحون ڏيندڙ هئا.

ـ اهو هڪ وڏو سوال آهي ته نادرشاهه دهلي جا خزانا لٽڻ بعد هندوستان مان ايران ڏانهن روانو ٿي ڪابل پهتو ۽ اتي پهچڻ بعد وري ڇو سنڌ ڏانهن وريو؟ سخت سياري ۾ ڪُرم درياءَ وارو ڏکيو لڪ لتاڙي، ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان وارا وڏا وڪڙ ڪاٽي، نادر سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ ڇو ضروري سمجهيو؟ وقت جي تاريخن ۾ ان بابت ڪا صفائي ڪانهي. فقط ايترو اڏورو حوالو ملي ٿو ته نادرشاه ميان نورمحمد ڏي لکيو هو ته هو ڪيس ڪابل ۾ اچي ملي پر ميان صاحب ڪونه ويو.

ـ جيڪڏهن فقط اهو ئي سبب هو ته پوءِ ميان نورمحمد جي غفلت يا غير دورانديشي جي ڪري هڪ ٽريل آفت سنڌ تي نازل ٿي. ميان نورمحمد اڳ ۾ ئي دهلي جي بادشاهه جي اطاعت قبول ڪري ’خدا يار خان‘ جو لقب وٺي چڪو هو ۽ هاڻي جڏهن محمد شاهه بادشاهه هڪ خاص فرمان ذريعي پنهنجي ملڪن سان گڏ سنڌ کي به نادرشاهه جي حوالي ڪيو هو ته ان جو سڏ ٻڌڻ ضروري هو. سياسي بصيرت جي تقاضا هئي ته دهلي ۾ نادرشاهه جيڪي ڪيو هو تنهن کان سنڌ کي بچائجي. جيڪڏهن ميان نورمحمد ۾ ايتري طاقت ڪانه هئي جو نادرشاهه جي حملي کي منهن ڏيئي سگهي ته پوءِ ڪابل ۾ وڃي ساڻس نه ملڻ ۾ ڪهڙي

حڪمت عملي هئي؟

- دهلي جي بادشاهه محمد شاهه آڻ ميجي ۽ مغليه سلطنت جو هڪ وڏو ڀاڱو نادرشاهه جي حوالي ڪيو. ان ۾ سنڌ جو خاص ذڪر هو. چوٿين محرم ١١٥٢ھ (١٧٣٩) ۾ دهلي جي بادشاهه فرمان جاري ڪيو جنهن ۾ چيائين ته: آءٌ اهي سڀ علائقا نادرشاهه جي حوالي ٿو ڪريان 'جيڪي اٽڪ درياءَ ۽ ساڱري جي اولهه ۾ آهن' (يعني مٿان اٽڪ وٽان سنڌو درياءَ ڪان وٺي هيٺ سنڌ ۾ ان جي ساٽري ڦاٽ جي اولهه ۾ آهن). فرمان ۾ سنڌ جي اولهه طرف وارن انهن علائقن جا تفصيل ڏنا ويا ته: قلعو بکر، سکر، خدا آباد، جو ڪين ۽ بلوچن (ڪلمتين) جا علائقا، صوبو ٺٽو، شهر جوڻ، ۽ شهر سماواتي. وڌيڪ وضاحت لاءِ چاڻايو ويو ته درياءَ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ تائين، سواءِ لاهري بندر جي، ٻيو اهو سڄو ڀاڱو جيڪو (سنڌو درياءَ جي) ساڱري (ڦاٽ) ڪان اولهه طرف آهي ۽ جيڪو اڳ هندوستان جي سلطنت ۾ شامل هو سو نادرشاهه جي حوالي آهي.

انهيءَ فرمان ڪان پوءِ نادرشاهه سيني ڏانهن آڻ مڃڻ جا ۽ ساليانه ڍل ڀرڻ جا حڪمناما جاري ڪيا. ميان نورمحمد ڏانهن به اهڙو فرمان آيو ۽ پڻ ڪيس لکيو ويو ته ڪابل ۾ اچي بادشاهه جو سلامي ٿئي!

- سياسي تدبر جي ڪمي ۽ سندس پنهنجي غرور، سنڌ کي توڙي ميان نورمحمد کي وڏو نقصان پهچايو. نادرشاهه جي اچڻ ڪان اڳ ميان نورمحمد دائودپوٽرن، قلات جي خانن، ۽ سنڌ جي اندروني حاڪمن ۽ عالمن سان جنگيون جوٽي ڪاميابيون حاصل ڪيون. جن سندس غرور وڌايو. ان سان گڏ ليکي وزير جيڪي فتنه بازهئا تن تي هو وڌيڪ ڀروسو ڪرڻ لڳو. روايت موجب راڄي ليکي، ميان کي انهيءَ ڳالهه تي ٻيهاريو ته نادرشاهه ڪير ٿيندو آهي! هو ڪو ايران مان اسان تي حڪم هلائي سگهندو ڇا!

انهيءَ ڪري جڏهن دهلي مان محمد شاهه جي فرمان سان گڏ نادرشاهه جو حڪم نامو پهتو ته ميان نورمحمد ڪابل ۾ اچي ملي ۽ ساليانو ڍل ادا ڪري ته ميان نورمحمد طرفان نادرشاهه جي حڪمنامي جو جواب لاپرواهي سان ڏنو ويو. سنڌ جي آڳاٽن ڪتبخانن ۽ ڪن قلمي بياضن ۾ انهن خطن جا هڪ ڪان وڌيڪ شعر قلمبند ٿيل نظر آيا جن مان ظاهر آهي ته نادرشاهه جي محررن ۽ ميان

Gul Hayat Institute

نورمحمد جي منشين اهي لکيا. نادرشاهه جي هڪ خط ۾ سندس طاقت جو سمان ڇٽيو ويو ته:

مَن بادِ شمالم که بمالم همه را    من گرگ گزندم که بگیرم رَمه را

از دبد بہ خلق چه باکست مرا    صرافِ جهانم که شناسم همه را

ميان طرفان ان جي جواب ۾ لکيو ويو ته:

پشه چه باشد که پرد چند میل - گر بہ هوا رفت نشد جبرئیل

-

وگر مگس زورِ دو بازو کند - طُعمہِ سیمرغ نخواهد ربود.

ان تي نادرشاه طرفان هڪ خط جي سرنامي ۾ ميان نورمحمد ڏانهن ”بطرف خان بي سامان“ ڪري لکيو ويو. ان جي جواب ۾ نادرشاهه ڏانهن ”بطرف بادشاهه بي وزير“ ڪري لکيو ويو. ٻي جي جيڪا گهرهئي تنهن لاءِ لکيو ويو ته:

کافِ که در کلهوره آن کاف را کُشند

باقي ازان چه مانند خواهنده را دهند

اهو معيار ڪان هيٺ وارو سخت جواب ٻڌي نادرشاهه تپي ويو.

- نادرشاهه جڏهن سخت سياري هوندي 'ڪُرم دَره' وارا پهاڙ لتاڙي اچي ديري اسماعيل خان پهتو، تڏهن ميان نورمحمد کي پڪ ٿي ته اچي ٿو: پر پنهنجي لشڪر کي آڏا گهٽ جهلڻ ۾ مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ بدران، پاڻ کي ۽ پنهنجي خزاني کي بچائڻ ۾ لڳي ويو. پاڻ بچائڻ لاءِ ڏوراهين قلعي عمرڪوٽ جو رخ رکيائين. ڪيس گهٽي ڳڻتي خزاني ڪٽڻ ۽ بچائڻ جي هئي. سڄو ڏيان خزانو ميڙي چونڊي ڪٽڻ ڏانهن ڏنائين. البت سنڌ مان جتان نادرشاهه جي اچڻ جو گمان هو اتان جي فصلن ۽ ٻين مددي شين ۽ سامان کي ساڙڻ جو حڪم ڪيائين، جنهن ڪري نادرشاهه ڪان وڌيڪ ميان جي ماڻهن سنڌ جي گهڻي ڀاڱي کي تباهه ڪيو. سندس ڪنهن بہ سپہ سالار يا سپاهي ڪٽي بہ مقابلي وارو ڪردار ادا ڪونہ ڪيو جو عزت آبرو طور يادگار رهيٌ ها!

- ان وقت وزيرن جو ڪردار ڪهڙو هو تنهن بابت لکت ۾ ڪا وضاحت ڪانهي. ان وقت جون جيڪي ڳالهيون ياد رهيون ۽ زباني روايتن ذريعي هلنديون آيون آهن انهن مان صرف مير چاڪر ندي خان ٽالپور ۽ چاڪر جان محمد ڏاهري بابت

Gul Hayat Institute

ڪجھ معلوم ٿئي ٿو. مير صاحب جي ڏنل صلاحن جو ميان صاحب کي احساس ٿيو ۽ ڪيس پنهنجو خيرخواھ سمجهي پاڻ سان گڏ عمرڪوٽ وٺي ويو. چام جان محمد بہ خيرخواھ هو پر راجي ليکي وارن هميشہ ميان صاحب کي جان محمد خلاف پئي پڙڪايو. چون ٿا تہ چام جان محمد عمر ۾ ہين ڪان وڏو هو، ۽ ان وقت ڪا عمارت نهي هئي جنهن کي گڏجي ڏسڻ ويا. راجي وارن جي اشاري تي ائين ٿيو جو جان محمد جو پير ٿڙڪيو ۽ هيٺان گپ سندس ڪپڙن کي لڳي. راجي وارا 'باندر! باندر!' چئي ڪليا. تڏهن جان محمد بہ ڪاوڙ مان چيو تہ: ڪو وقت آيو تہ حساب ٿيندو! انهن گفتن تي هو ميان نورمحمد کي پڙڪائيندا پئي رهيا. ڪيس هاڻي ائين چيائون تہ: جان محمد کي ڳجها پيغام نادرشاھ ڏانهن موڪليا آهن. ان تي جان محمد کان ميان نورمحمد منهن موڙي ڇڏيو.

ـ جڏهن نادرشاھ سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيو تہ چام جان محمد ضرورت محسوس ڪندي وڃي بادشاھ کي مليو. پاڻنجي ٿو تہ ديري غازي خان ۽ لاڙڪاڻي جي وچ تي ڪٿي مليو ۽ ڪيس چيائين تہ: 'ميان نورمحمد مون کي اوهان جي استقبال لاءِ موڪليو آهي. هو پڻ ڏيڻ لاءِ ۽ اوهان جي اطاعت لاءِ تيار آهي. ڪنهن جنگ ۽ لڙائي جي ضرورت ڪانهي. اسين تابعدار آهيون.' نادرشاھ کي ايترو تہ مطمئن ڪيائين جو هن پنهنجي گهڻي فوج ۽ پيو سڄو اٽالو لاڙڪاڻي ۾ ڇڏيو، ۽ گهوڙي سوارن جي دستي سان جان محمد سان گڏ روانو ٿيو. مير چام ندي خان ٽالپور اڳ ۾ انتظام ڪري ڇڏيو هو ۽ شهدادپور ۾ پنهنجا ماڻهو بيهاريا هئا جن ميان صاحب جي طرفان تحفا تحائف پيش ڪيا ۽ اطاعت جي عرضداشت ڏني، پڻ ان سان گڏ مهماني جي. نادرشاھ هاڻي گهڻو مطمئن ٿيو پر جان محمد کان پڇيائين تہ عمرڪوٽ گهڻو پري آهي؟ چيائين تہ هتان "ٽيھ فرسنگ" آهي ۽ فقط آڌي هڪ رات جو پنڌ آهي. اهو ڏينهن وارو پاڳو ۽ سڄي رات گهوڙا هليا. تان جو گهوڙي ڦونگارو هنيو. تڏهن نادرشاھ جان محمد کي چيو تہ: 'ايتري منزل هٽي منهنجو گهوڙو ڦونگارو هڻندو آهي جيترو پنڌ تو ٽي ٻڌايو: سو عمرڪوٽ ڪٿي آهي'؟ اجان ڏينهن نہ ٿيو هو ۽ پرھ کان اڳ واري اونداهي هئي. جان محمد جواب ڏنو تہ: 'جي بادشاھ جي گهوڙي صحيح منزل ماري ڦونگارو هنيو آهي تہ پوءِ عمرڪوٽ جي ٻاهران بيٺا آهيون.'

ائين قلعي جي ديوار نظر آئي ۽ نادرشاه نهايت مطمئن ٿيو ۽ قلعي جي دروازي واري پاسي پڙاء ڪيائين.

ـ ميان نورمحمد ننڍڙ ۾ هو جو وچي ڪيس جاڳايائون. هن کي اهو خواب خيال ۾ ئي ڪونه هو ته ڪو نادرشاه راتو واه اچي هٿ مونکي رسندو. خبر پيس ته جان محمد بادشاهه سان گڏ آهي. هتان جان محمد بادشاه ڪان اجازت گهري ته وڃي ميان صاحب کي احوال ڏئي. مير چاڪر- ندي خان ميان صاحب کي چيو ته: جان محمد اوهان جو خيرخواه آهي ۽ سڀ خير ٿيندو، پر ترت هلي بادشاهه جي آڏو پيش پئو. جڏهن جان محمد سامهون آيو ته ميان صاحب چيس ته: نيٺ وٺي آئينس! جان محمد جواب ڏنو ته: ”هائو، پر چند گهوڙي سوارن سان“ (هي روايت موجب چيائين ته: ”پنجن سوارن سان“ يعني ته حملي خاطر نادرشاهه کي لشڪر سان چاڙهي ڪونه آيو آهيان، پر جئن هڪ بادشاهه ٻئي بادشاهه وٽ مختصر اتالي سان مهمان ٿي اچي تيئن وٺي آيو آهيان). پوءِ ميان صاحب کي چيائين ته ”خير ۽ صلح خاطر عاجزيءَ سان هلي پيش پئو“. ميان صاحب کي هاڻي جان محمد جي ڳالهه تي ويساه ٿيو. سو پنهنجيون ٻانهون پويان ٻڌائي قرآن شريف متي تي ڪٽي اچي نادرشاهه جي سامهون بيٺو. تڏهن هيٺين گفتگو هلي.

نادرشاهه: سَگِ اَبلق چرا گُريختي؟ (=اي ٻهُڙا ڇو ڀڄي آئين؟ ميان نورمحمد کي ڪوڙهه وارا اڇڙا تڪڙا هئا. انهيءَ ڪري ڪيس ڪاوڙ مان ’ٻهُڙو ڪتو‘ چئي خطاب ڪيائين).

نورمحمد: طاقتِ مهمان نداشت، خانه را به مهمان گذاشت (مهمان جي مهماني جي طاقت نه هئي انهيءَ ڪري گهر کي مهمان جي حوالي ڪيو ويو).

نادرشاه، جان محمد سان ڪيل وعدي مطابق، ميان صاحب جي جان بخش ڪئي، باقي ڏيل وڏي مڙهيائين ۽ جيڪو خزانو ميان صاحب ميڙي گڏ ڪيو هو سو ڪنيائين. ڏيل جي ادائگي ۽ تابعداري جي ضمانت طور، ميان صاحب جا ٽي پٽ محمد مراد ياب، عطرخان ۽ غلام شاهه پاڻ سان گڏ ايران وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيائين. ميان صاحب مغموم ٿيو ته ڪير سندس فرزندن کي سنڀاليندو! نادرشاهه، مير چاڪر- ندي خان جي فارسي داني کان گهڻو متاثر ٿيو هو ۽ پڻ چاڪر جان محمد ڏاهري کان مطمئن هو. سو اجازت ڏنائين ته انهن ٻنهي مان ڪو به

شاهي مهمان طور گڏجي هلي ۽ ٽن فرزندن کي سنڀالي. ميان صاحب، مير صاحب تي ڀروسو ڪيو ۽ هن خيرخواهي جا فرض بجا آڻيندي وچڻ قبول ڪيو.
- حڪمران جي حيثيت ۾ ميان نورمحمد جو ڪردار دليري ۽ تدبر کان خالي نظر اچي ٿو. هو ذاتي طور ڏجڻو ماڻهو هو: نه رڳو نادرشاه جي ڏپ کان ڀڄي عمرڪوٽ پهتو، پربعد ۾ احمد شاه ابدالي جڏهن سنڌ جو رخ ڪيو ته اجان هو ٢٠-محرم جمعي ڏينهن سنه ١١٦٧هه ۾ شڪارپور پهتو ته ميان نورمحمد خوف ۽ هراس ۾ ملڪ ڇڏي، اُتڙي تر طرف جان بچائڻ لاءِ منهن ڪري ڀڳو ۽ اچ اُساٽ سبيان سندس پساهه پورو ٿيو.

## ٽالپرن جو دور

ٽالپرن جي دور بابت تحقيق ڪندي، ٧-جنوري ١٩٩٠ع تي جَنوُجي ۾ مير رستم خان (بن سهراب خان بن رستم خان بن امام بخش خان بن محمد حسن خان بن مير رستم خان اول) سان ملاقات ٿي*. خيرپور جي خاندان بابت معلوم ٿيو ته رياست جي باني مير سهراب خان کي پنج پٽ هئا: ١- وڏو مير رستم خان، ٢- مبارڪ خان (اولاد ڪنڌرن لڳ تنبو علي آباد)، ٣- غلام حيدر خان (وڏي پٽ مير محمد خان، ڪوٽ مير محمد ڀڏايو)، ٤- علي مردان (ٻه پٽ لاولد) ۽ ٥- علي مراد جيڪو پوءِ انگريزن جي دور ۾ رياست جو حڪمران ٿيو.
مير سهراب خان هڪ وڏو بهادر سپه سالار ۽ حڪمراني ۾ وڏو منتظم هو. هن اتر- اوڀر سنڌ جي ٿر واري علائقي کي جيڪو سندس انتظام هيٺ آيو تنهن کي سنڀاليو ۽ خوشحال ڪيو. تعلقي ناري جُبي جي حد جيڪا جوڌپور ۽ جيسلمير سان ٿي لڳي، ان سان لاڳو ڪوٽ قلعا تعمير ٿيا ۽ سرحدون مضبوط ٿيون.
- ٢٦ ڊسمبر ١٩٨٠ع تي ۽ پڻ پوءِ، فقير پير بخش ڳاهي جي دعوت تي ناري ۾ سندس نئين ڳوٺ ۾ ۽ پڻ اصل ڳوٺ 'ڀڏريي' ۾ راقم جون ڪچهريون ٿيون جن ۾ خيرپور رياست جي نظام بابت معلوم ٿيو ته تجل کان چوراسي ميل اوڀر طرف چوُدنگي 'ٻَڏي ٻاڙي' هئي جتي جوڌپور، جيسلمير، خيرپور رياست ۽ انگريزن جي علائقي جون حدون اچي ٿي مليون.
- مختيارڪار ۽ ڪاردار نه رڳو بلوچن مان پر سنڌ جي ٻين قبيلن قومن مان پڻ مقرر ڪيائون. فقير موجن ڳاهو، ڳاهڪي پرڳڻي جو مختيارڪار هو.

---

* هنن لفظن لکندي، اخبار ۾ پڙهيم ته مير رستم خان فوت ٿيو آهي. (٢٥- آڪٽوبر ٢٠٠٠ع)

ـ قبيلن جي وڏن ۾ چڱن کي ميرن زمينون، سنَدون ۾ پروانا ڏنا. پنهنجو پاڻ کي جاگيرون ڪين ڏنائون. راڄن کي صلح ۾ رهڻ لاءِ راڄوٽي قدم کنيائون. حملا ڪري ڪنهن کي ڪونہ هيسايائون. ڳاهن ۾ راڄڙن جون حدون ۾ نزاع نبيريائون. ڳاهن ۾ مهرن جا پاڻ ۾ صلح وارا فيصلا ڪيائون.

ـ ميرن جي مرڪزي انتظامي سيڪريٽريٽ جو نالو هو "شاهي دروازو". راڄن قومن تي ٽورو ڏن ۾ محصول جنس طور مقرر ٽيل هوندو هو. فقير موجن ڳاهي کي ٽي سئو هم چورس ميل کاتي ۾ ڏنا ويا. زمين ٻن کان پنجن اٺن روپين ايڪڙ تي ڏني وئي. جيڪي سرڪاري ماپ لاءِ آيا سي ويا ماپيندا ۾ ڏيندا تان جو فقير پاڻ بس ڪئي. ان جي عيوض فقير نوَ اُٺ جنس طور ۾ فقط نوي روپيا روڪڙا ساليانو "شاهي دروازي" تي پياريندو هو.

ـ ٽي سئو چورس ميل ايراضي ۾ مانڊلو، مهڙ وارو، موڪرو، بادل وارو، ٻانڊيو، ننگرو واءِ، منڌراهو وغيره جملي تيهٺ ماڳ ۾ ٽڙ شامل هئا. حدون هن طرح: ڏکڻ ڏانهن جوٽيجن جي ٻڪار، اتر طرف پنيرن جي زمينداري، ڀوراهو ۾ ڀورن واري کان ڏکڻ "ڪارو ڪبڙ"- اتي 'ڏوري' هٽي اگر پورياڻون جو اگر حد جو دائمي نشان. اولهہ طرف ديهہ پيربخش ڳاهو، ناري جي آبادي- اوير طرف راڄڙ جو پير" شِيهي واريون ڪنڊيون" ۾ "ميران ڇر".

ـ ميرن جو مختيارڪار ٻارهين ڪوهين تي منزل ڪندو هو. هو ٽي منزلون ڀولهٽو، مقام واري کان پوءِ نَنگرو تي لٿو. ننگري تي مير عباس علي خان موجن فقير کي چيو هو تہ 'موڪرو' بہ تنهنجو تہ 'پڌريو' بہ تنهنجو (اهي ٻئي نالا ٽـڙن جا).

## سنڌ تي انگريزن جي قبضي خلاف ڪارروايون

● مير شيرمحمد خان جنگيون جوٽيون. محب وطن ماڻهو نيپئر جي دربار ۾ سلامي تي نہ ويا. ١٨٥٧ع ۾ جيڪب آباد طرف بلوچن بغاوت ڪئي. ١٨٩٦ع ۾ ١٩٤٢ع ۾ پيرصاحب پاڳاري جي قيادت هيٺ انگريزن خلاف حر تحريڪ هلي.

● **سن جو سيد چتن شاهہ.**

سنڌ تي قبضي بعد نيپئر سنڌ مان وڏن ماڻهن کي گهرايو تہ حيدرآباد ۾ دربار ۾ اچي سلامي پيرين ۾ سرفراز ٿين. گهڻا غيرتمند سلامي تي ڪونہ ويا ۾ نقصان

Gul Hayat Institute

سنائون. جي. ايم. سيد صاحب لکيو آهي ته سيد ڇتن شاهه سَن وارو ان وقت پير مرد هو پر وڏي حوصلي ۽ همت وارو هو ۽ دربار ۾ سلامي تي ڪونه ويو. سندس نظريو هو ته: "مير صاحب نظربند هجن ۽ آءُ جاگير وٺي وجي تابع ٿيان! اهو قبر ڪنڌيءَ تي ويهي ٽڪو ڪونه ڪٽڻو اٿم". آخر جيڪي ماڻهو دربار ۾ نه آيا هئا تن لاءِ انگريزن هڪ آفيسر درياءَ جي جهاز ۾ چاڙهي حال احوال دريافت ڪرڻ لاءِ موڪليو. اهو جڏهن سن ۾ آيو ته شاهه صاحب کي سندس جاءِ تي ملڻ ويو ۽ پڇيائين ته: پريا مڙس گهڻو وقت سنيرين؟ شاهه صاحب جواب ڏنس ته: اڃوڪو ڏينهن. پيو پڇيائين ته: اوهان جي سرڪاري رڪارڊ ۾ جاگير ڄاڻايل آهي. اوهان جي نئين سرڪار سان وفادار ٿي رهندا ته اها اوهان جي بحال ڪئي ويندي. جواب ڏنائين ته: آءُ ضعيف آهيان، پٽ گذر ڪري ويل آهي. ٻه ننڍا پوٽا اٿم. ڪير زمين سنڀاليندو! سرڪار جي نوازش ڪري ڏيڍ گز قبر جي زمين عنايت ڪندي ته شڪر گذار ٿيندس، باقي جاگير آءُ ڇا ڪندس! انهن جوابن مان صاحب کي تسلي نه ٿي. شاهه صاحب جي طاقت جي هاڪ هئي. مير شير محمد خان اڃان تابع نه ٿيو هو. هن آفيسر کي شاهه صاحب جي وفاداري ۾ شڪ پيو سو کيس گرفتار ڪري جهاز ۾ چاڙهي حيدرآباد وٺي ويو. ڪجهه وقت کيس نظربند رکي جڏهن کين اطمينان ٿيو ته هي اهڙو ضعيف آهي جو ڪوبه نقصان يا بغاوت ڪري نه سگهندو ته کيس ڇڏي ڏنائون. مياڻي جي جنگ واري سال کان پوءِ ٻئي سال وفات ڪيائين.

Gul Hayat Institute

# سامراجي حڪومت خلاف، سنڌ جو خلافت تحريڪ ۾ڀرپور حصو

١٨٥٧ع ۾ جيڪب آباد جي بلوچ انقلابين جي بغاوت، پير صاحب پاڳارن جي آزادي لاءِ علمبرداري ۽ ١٨٩٦ع ۾ حُر تحريڪ، ۽ پوءِ ١٩٢٠ع کان وٺي خلافت تحريڪ سنڌ جي عام توڙي خاص ۾ انگريزن جي سامراجي حڪومت خلاف جذبو پيدا ٿيو. خلافت تحريڪ ۾ سنڌ وارن جي ڪيل ڪم ۽ قربانين تي تفصيلي ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. انگريزن جي مخالفت ۾ سڀ کان وڏو ڪردار عالمن جو هو ۽ ڪيترن ئي سنڌ جي عالمن ۽ مولوين کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو. ١٩٦٠ع ۾ راقم سنڌ ۾ خلافت تحريڪ بابت مواد گڏ ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر ٿورو مواد جمع ٿيو جنهن مان ڪي هيٺيان عارضي نتيجا:

- سڀ کان مٿين سياسي سطح تي، خلافت تحريڪ جو همدرد اڳواڻ غلام محمد خان ڀرڳڙي هو. هو خلافت واري وفد ۾ شامل هو جيڪو لنڊن ۾ جارج پنجين بادشاه ڏي ويو ته ترڪي سان عزت ڀريو برتاءُ ۽ صلح ٿئي. هو ترڪ اڳواڻ توفيق پاشا يا رفعت پاشا سان مليو، ۽ سندن خيال ۽ صلاح موجب ئي صلح واري مقصد لاءِ ڪوشش ڪيائين.
- سنڌ اندر سڀ کان وڏي اثر وارو اڳواڻ بزرگ تاج محمود امروٽي هو.
- سڀ کان وڏي قرباني ڏيندڙ پهريون ڪارڪن محمد مکڻ لُنڊ، ويٺل 'مِٺي فقير جو ڏيرُ' (ضلعو سانگهڙ) هو جنهن تپيداري تان استعفا ڏني، انگريزي سامراج خلاف آواز اٿاريائين، جيل قبوليائين ۽ ارڙهن مهينا جيل ڪاٽيائين.
- انگريزن جي قبضي وارو ملڪ ڇڏي، افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ واري تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ ۾، وڏي ۾ وڏو اڳواڻ ضلعي لاڙڪاڻي جو جان محمد جوڻيجو هو جيڪو هجرت ڪرڻ وارن ڪارڪنن سان پوري ريل گاڏي ڀري روانو ٿيو.
- سياسي جذبي وارو انگريزي پڙهيل نوجوان پير الاهي بخش هو جيڪو جيل ۾ ويو.

● سنڌ جي ميرن مان خلافت تحريڪ ۾ عملي جذبي ۽ اعليٰ فڪر وارو مير الله بخش خان (جهول، ضلعي سانگهڙ) هو جيڪو جيل ۾ ويو ۽ پڻ اخبار 'الوحيد' جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

● انگريزن جي پروپئگنڊا جو جواب سيد اسدالله شاهه تڪڙائي ڏنو. مڪي جي شريف (جنهن انگريزن جي اشاري تي ترڪ خليفي خلاف بغاوت ڪئي) جي پيروي ۾ نوشهري فيروز جي مولوي فيض الڪريم (انگريزن جي اشاري تي) 'تحقيق الخلافة' رسالو لکيو جنهن جو مدلل جواب سيد اسدالله شاهه تڪڙائي ڏنو. ان تي سنڌ جي سيني نالي وارن عالمن صحيُون ڪيون. انهيءَ رَد لکَائڻ جو مُحرڪ، صحيون ونڊڻ ۽ هلي وڃي سيني کي انگريزن جي فتني کان سجاڳ ڪندڙ نوجوان مولوي الاهي بخش ايري (ويٺل ڀانهو لاکير، تعلقو ڪڪڙ، هاڻي خيرپورناٿن شاهه) هو. انهيءَ رد لکڻ بعد سنڌ ۾ خلافت تحريڪ زور ورتو.

● انگريزي حڪومت ٻي چال اها چلي جو مڪتبن کي گرانٽون ڏيڻ شروع ڪيون ته جئن مولوي سرڪار جو طرف وٺن ۽ خلافت تحريڪ ۾ شامل نه ٿين. مولوي دين محمد وفائي اها تجويز ڏني ته ماڻهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ گرانٽن خلاف شعر ٺاهي جتي ڪٿي پڙهيا وڃن. ڏوڪري ۾ خلافت جي جلسي ۾ مولوي دين محمد اها رٿ پيش ڪئي جيڪا منظور ٿي. راقم کي ان قسم جا جيڪي شعر مليا تن ۾ سڀ کان زوردار شعر مولوي درمحمد ڪانڌڙي جو هو. جڏهن ڪيس ڳولي لڌم ته مرحوم پاڻ به مونکي اهو سڄو نظم ٻڌايو جنهن جو هڪ شعر هو ته:

گرانٽن جي هڏي تي ڇو مُلان ايمان ٻوڙيو ٿا
اهو ٿَوَ گُونهه گورن جو، اجان ارمان روڙيو ٿا!

'جان محمد جوڻيجي کي 'محبوب رهنما' چيو ويو. افغانستان ۾ (؟) وفات ڪيائين ۽ سِر هند ۾ مدفون ٿيو. مولوي دين محمد وفائي سندس سوانح "ياد جانان" جي نالي سان لکي ۽ راقم کي به اهو ڪتاب تحفي طور ڏنائين. ڪنهن شعر چيو هو ته:

جان محمد جانِ محمد سنڌ جو سردار هو
مذهبي ماڻهو اسان جو پيشوا پڳدار هو.

Gul Hayat Institute

ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ پڇا ڪندي خلافت تحريڪ جي جن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جا نالا مليا سي هيٺ ڏجن ٿا. ٻين ضلعن ۾ پيا اڳواڻ هئا جيئن ته حيدرآباد ضلعي ۾ پير غلام مجدد سرهندي مٽياري جو ۽ حڪيم شمس الدين حيدرآباد جو. اهي ٻئي جلسن کي خطاب ڪرڻ ۾ داناءِ هئا. حڪيم شمس الدين نهايت ئي سنجيده تقرير ڪندو هو.

● ضلعي لاڙڪاڻي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن:

- پير تراب علي شاهه راشدي ڳوٺ قنبر علي خان (= قنبر) وڏو عالم، حڪيم ۽ بهترين انسان هو.
- پير مٺل راشدي، تعلقو ڏوڪري (جيل ويو)
- پير علي نورشاهه راشدي، ڳوٺ ٻنگي، لڳ لاڙڪاڻو
- جان محمد جوڻيجو ڏامراها ڀرين نمبر مک اڳواڻ
- مولوي درمحمد ڪانڌڙو (واره تعلقي جو مک)
- مولوي غلام فريد سُپريو، ڳوٺ نورمحمد سُپريو، تعلقو قنبر (جيل ويو)
- مولانا ميرمحمد، نورنگي معرفاڻي چانڊيو، ڳوٺ نورنگ واهه، ضلعو لاڙڪاڻو
- مولوي عبدالله نوناري، رتوديرو
- الله ڏنو ميربحر (؟) ڏوڪري جو (سيڪريٽري هو)
- جعفر شاهه گهتهڙ جو (تعلقي قنبر جو)
- مولي قادربخش چولياڻي بلوچ، چولياڻي جو، تعلقو واره
- مولوي عبدالرحمان براهماڻي بلوچ، ويٺل ترڙي حاجران لڳ
- مولوي الاهي بخش ابڙي تعلقي ڪڪڙ جو (نظرياتي طور جڻ تحريڪ جي محرڪن مان هو).

● ضلعي ٿرپارڪر جا اڳواڻ:

- محمد مکڻ لنڊ بلوچ، مٺي جي ڊپر جو، جنهن تپيداري تان استعفا ڏني. گرفتار ڪيائونس ۽ ١٨ مهينا جيل ۾ هو
- محمد امين پَلي، محمد مکڻ سان گڏ جيل ۾ ويو
- مولوي محمد صالح پيش امام ميرپورخاص، جلاوطن جوڌپور ڏانهن، پوءِ جيل ويو.

Gul Hayat Institute

- حاجي خميسو خاصخيلي اڻ پڙهيل مگر ڳالهائڻو بگهڙ هو. واگهريجي جو.
- پير اسماعيل جان سرهندي، ساماري جو
- حاجي احمد علي دل، مجذوب، ڊينگاڻ پرڳڙي جو
- مولي عبدالحي نوحاڻي، ڪنگورو، تعلقو ڊگهڙي جو
- الله ڏنو پتو، ڪنگورو، تعلقو ڊگهڙي جو
- حاجي مصري خان لغاري، واگهريجي جو
- مولوي عبدالحق چانڊيو، راوت سَر، تعلقو ڇاڇرو، وڏو ڪارڪن وڏي اثر رسوخ وارو
- ميون عبدالحي چو تيارين جو
- سيد اسحاق شاهه، ساماري جو
- مير غازي خان تنبدي جان محمد جو
- رئيس ميان محمد خان پناڻ، لڳ ڪُنري. ولائتي ڪپڙا عمر تائين پائڻ ڇڏي ڏنائين. وصيت ڪيائين ته مونکي ڪفن به هٿ جي ڪاڌي جو ڏجو. ميندي ڪندوَ هو ۽ انگريزن وٽ 'Red Beard' جي اڏ نالي سان مشهور هو.
- خانبهادر غلام نبي شاه به همدرد هو. خانبهادر پوءِ ٿيو. اهڙيءَ طرح ٻيا گهڻا رسوخ وارا خلافت تحريڪ جا همدرد هئا.

● ضلعي سکر جو، بلڪ سڄي سنڌ جو اڳواڻ جناب تاج محمود امروٽي هو. مولوي عبدالحي سمو، ويٺل قطب الدين سمو، لڳ نيڙهي، تنهن راقم کي ٻڌايو ته مولانا اشرف علي ٿانوي کي به مولانا امروٽي قائل ڪيو هو ته وقت جي حاڪم انگريز سان جهاد جائز آهي. تاج محمود صاحب جا خليفا سڀ مجاهد باعمل هئا ۽ سڀئي تحريڪ ۾ شامل هئا: جيئن ته خليفو محمد صالح ڏاريجو بائيجي وارو، ٢- مولانا حماد الله صاحب ڀرچونڊي وارو. مولوي محمد هاشم چنو اسحاق ديري جو (امروٽ کان ٢ ڪوه الهندي طرف) بزرگ امروٽ واري جو خاص وڏو ورڪر هو. سندس به ٽي شاگرد انقلابي غزل ڳائيندا هئا جن کي "بلبلان اسلام" ڪري سڏيندا هئا. انگريزن خلافت تحريڪ خلاف 'اَمن سڀا' قائم ڪئي. هڪ خلافتي پنهنجي غزل ۾ 'امن سڀائي' کي تنبيهه ڪئي ته:

هتـئـون نيٺ هلندين ادا امن سـيـائي
چـڏي دين پـنهنجــو ٻڌئي پڳ پرائي.

مـولوي نبي بـخش ٻلو، اوڍي (لڳ ٺل) وارو، امروٽي بزرگ جو خاص ورڪر ۽ انقلابي غـزل ٺاهيندو هو. مـحمد ادريس خلافتي (مولوي ڪونه هو) ڀني عاقل طرف جو، عبدالرزاق پيرزادو، سعيد آباد (نئين براج ڪان ٻاگڙجي تائين سَچو تر) جو، وڏيرو يارمحمد ڀُٽو ويـنل سکر جي ”شيخ شينهن“ محلي جو ورڪر هئا.

مولانا عبدالعزيز شيخ ٽريچاڻي وارو، بزرگن جو خليفو ۽ جڻ داخلي ۽ خارجي وزير هو، ۽ امروٽي بزرگ سـان پنجاب ۽ ٻاهر بـه خلافت جي سلسلي ۾ گڏجي ويندو هو. مولانا احمد علي لاهوري ان وقت امروٽ ۾ ئي رهندو هو.

سکر ضلعي جا ٻيا وڏا نامور خلافتي رهنما هيٺيان هئا:

- سردار خدا بخش خان ڀٽافي، تعلقو ميرپورماٿيلو، علم وارو داناء ۽ وڏو مدبر. امروٽي صاحب جي خاص صلاحڪارن مان هو ۽ گهڻو ڪم ڪيائين.
- مـولانا عبدالڪريم ڪورائي بلوچ عرف ڪهاڙو، ويـنل احمد پور لڳ قنبر، واعظ ڪرڻ ۽ غزل ٺاهڻ
- گهوٽڪي وارا پير، حاجي شيرمحمد شاهه ۽ حاجي فخرالدين شاهه.
- قاضي عـبدالرحمان (ايجي مسجد، تعلقو نوشهره فيروز) ”الوحيد“ جوا يڊيٽر ٿيـو. اول وقت ۾ بزرگ امـروٽي جي اثر هيٺ واعظ ڪندو هـو. پوءِ انگريزن نوڪري ڏيئي لالچائي ڦيرايس. پوءِ شيخ عبدالمجيد اها جاءِ ورتي.
- پـير حـڪـيم معين الدين ڪِنيارين وارو جيـڪو مـولانا عـبيـدالله سنڌي جي معتقدن ڪارڪنن مان هو تنهن بـه امروٽي صاحب جي اڳواڻي هيٺ وڏو ڪم ڪيو.
- ڪراچي مان شيخ عبدالمجيد، مولوي دين محمد وفائي، مولوي محمد صادق کڏي وارو اهي سڀ بزرگ جا پوئلڳ هئا ۽ پاڻ امروٽي بزرگ صدر ”جمعيت العلماء“ هو. سندس وفات بعد، مـولوي محـمد صـادق کڏي واري کي صدر چونڊيو ويو.

سنڌ خلافت ڪانفرنس جا پهريان اجلاس لاڙڪاڻي، گهتڙ (تعلقو قنبر) ۽ ٻين جاين تي ٿيا. چوٿون اجلاس، ٢-٣ مئي ١٩٢٠ع تي جيڪب آباد ۾ ٿيو، جنهن

Gul Hayat Institute

جو صدر مولانا تاج محمود امروٽي هو. سندس صدارتي خطبو تاريخي لحاظ سان هڪ اهم دستاويز آهي. جنهن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو. دادو شهر جي پن خلافتي ڪارڪنن، سيد جيوڻ شاهه ۽ محمد هاشم اهو خطبو لاهور مان ڇپايو. دادو شهر ۾ جيوڻ شاهه جي مسجد موجود آهي. مولانا امروٽي جي صدارتي خطبي ۾ هيٺيان خاص نُڪتا:

١- مسلمانن جي لاءِ خليفة المسلمين جي اهميت. اسلامي تهذيب ۽ روحاني ترقي جي اشاعت ۾ مقامات مقدسہ جي حفاظت ۽ اسلام جي دشمنن جي حملن جي مدافعت لاءِ اهڙي هڪ مسلمان بادشاه يعني اميرالمؤمنين خليفة المسلمين جو هجڻ ضروري آهي جو هر طرح آزاد، خودمختيار ديني ۽ دنيوي اقتدار رکندو هجي ۽ دين جي دشمنن جي مقابلي ڪرڻ جي پوري طاقت رکندڙ هجي.

٢- يورپ جي سرمايدار نظام جو ٻين قومن کي غلام بنائڻ جو طريقه ڪار. يورپ ۾ ڪنهن به اسلامي سرسبز زرخيز ملڪ کي، جنهن ۾ تيل جا چشما، سون چاندي ٽامي لوهه اگرن جون کاڻيون هونديون آهن پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ۽ اتي جي هنرن کي ضايع ڪرڻ ۽ انهن کي ٻي دست و پا بنائڻ ۽ ضروريات زندگي جي هرهڪ شيءِ ۾ يورپ جو محتاج رکڻ کي تهذيب جو نالو سڏيو ويندو آهي ۽ پڙهيائين اخبارن جي رستي ان جي حاڪم کي ظالم ۽ حڪمراني جي اصول کان ٻي خبر مشهور ڪيو ويندو آهي. تنهن کان پوءِ اتي جي ماڻهن کي ريلن ۽ تارن وجهڻ ۽ رستن ٺهرائڻ، هنري ڪارخانن جاري ڪرڻ، ۽ انهن کي دنيادار بنائڻ جا سرسبز باغ ڏيکاري، دلفريب دلاسا ڏيئي پنهنجي قديم فرمان روا کان بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. نتيجو اهو نڪرندو آهي ته قوم جو اعليٰ طبقو ملڪي شين تي غيرملڪي شين کي ترجيح ڏيڻ ۽ عيش عشرت جي زندگي بسر ڪرڻ سبب زندگي جي هرهڪ ضروري شيءِ ۾ يورپ جو محتاج بنجيو وڃي ۽ قوم جو ادنيٰ طبقو هنرن ۽ ڪاريگرن جي تباه ٿي وڃڻ سبب بک مرڻ لڳي ۽ لاچار ٿي پي مزدوري ۽ ڪولي جو ڪم اختيار ڪري.

٣- عيسائين جي مسلمان دشمني. معتبر ڪتابن مان حوالا ڏيئي وضاحت ڪئي

وئي ته يورپ جي خلافت سان جنگ آهي ۽ خدانخواسته ترڪي سلطنت ۽ ايراني حڪومت جي تباهي ڪوبه مسلمان ڏسڻ نٿو گهري.

٤- ترڪن جي حمايت ۽ انگريزن تي تنقيد. اوهان صاحب اهو خيال ڪري سگهو ٿا ته ترڪي خواه مخواه انگريزن سان جنگ ڪئي؟ عجب اهو ته انگلستان اسلام جي تباهي جو ٺيڪو ڪنيو آهي.

٥- هتان جي مسلمانن کي انگريزن سان وفادار رهڻ لاءِ ڪو سبب ڪونهي. اسان بنسبت پنهنجي مذهبي جذبات ۽ شرعي مطالبات کان سرڪار کي وقت بوقت جلسن جي رستي تارن جي رستي ۽ وفدن جي رستي آگاه ڪري چڪا آهيون ته جيڪڏهن فيصلو اسان جي مذهب جي برخلاف ٿيو (يعني ترڪي جي برخلاف) ته پوءِ اسين مذهبي حڪمن موجب وفادار رهي نه سگهنداسين.

٦- جهاد جي ترغيب ۽ هجرت جي ترغيب ۽ افغانستان طرفان همدردي جو ذڪر. مولانا محمد علي صاحب خلافت جي وفد جي پاران سيٺ ڇوٽاڻي صاحب کي جيڪو خط تاريخ ٢٥ مارچ ١٩٢٠ع جي لنڊن مان موڪليو آهي تنهن ۾ لکيو اٿس ته لائيڊ جارج وزيراعظم جو وفد کي ڏنل جواب نه رڳو مايوس ڪندڙ آهي پر سندس جواب ۾ ڪيترائي ڪوڙ بدڙو آهن.... انهيءَ ڪري اوهان کي صاف طرح خدائي حڪم ٻڌائجي ٿو ته اهڙي صورت ۾ اوهان تي جهاد فرض آهي. مگر جڏهن ته اوهان وٽ هٿيار پنهوار ۽ ٻيا ضروري اسباب موجود نه آهن انهيءَ ڪري ٻئي ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ هجرت ڪري وڃڻ کان سواءِ ايمان جي بچاءَ جو ٻيو ڪو رستو ڪونه آهي. خدا جو شڪر آهي جو سخت پريشاني جي وقت ۾ امير افغانستان غازي امان الله خان هندوستان مان هجرت ڪري ويندڙ مسلمانن کي پنهنجي خداداد وسيع سلطنت ۾ هرطرح امن ڏيڻ ۽ مالي جاني مدد ڪرڻ جو وعدو فرمايو آهي. اميد ته جيڪي صاحب جهاد جي طاقت نٿا رکن ۽ ايمان بچائڻ ۽ خدا تعاليٰ جي خوشخبري حاصل ڪرڻ واسطي هجرت فرض ٿا سمجهن سي پاڻ ۾ ملي گورنمينٽ کي درخواست ڪندا ته افغانستان ۾ هجرت ڪري وڃڻ لاءِ رستي ۾ ڪو روڪ نه ڪري ۽ اهڙي پاس ملي.

٧- گورنمينٽ سان قطع تعلقات ۽ ترڪ موالات (بائيڪاٽ) جي ترغيب. پر

جستائين اهڙو ڪو بندوبست ٿئي تيستائين ڪوبہ مسلمان سرڪار کي ڪابہ مدد نہ ڏئي، نہ ڪو ماڻهو فوج ۾ ڀرتي ٿئي ۽ نہ ڪو نوڪري ڪري. ۽ نڪو چندو چيرو ڏئي يا قرض ڏئي. نہ انهن جي ڪورٽن ۾ فرياد ڪري. جيڪڏهن پاڻ ۾ خدانخواستہ ڪو تڪرار ٿي پوي تہ اول ان ڪان درگذر ڪري ڇڏجي. نہ تہ شريعت موجب ان جو فيصلو ڪنهن مولوي ۽ عالم ڪان ڪرائي. غرض تہ سرڪار سان سمورا تعلق ٽوڙي ڇڏجن ۽ پنهنجا سيئي تعلق خدا سان ۽ رسول ﷺ سان قائم ڪن. (پورو ٿيو).

حڪيم پير معين الدين ڪنيارين وارو مولانا عبيدالله سنڌي جي گروهہ جو ماڻهو هو پر خلافت تحريڪ ۾ بزرگ امروٽي جي اڳواڻي ۾ ڀرپور حصو ورتائين. پوئين دور ۾ جڏهن هو نابينا ٿي پيو هو ۽ نواب شاهہ ۾ مطب هلائيندو هو تڏهن پهرين تاريخ فبروري ١٩٦٥ع ۾ ڪجهہ سکڻ سمجهڻ لاءِ راقم ساڻس مليو. سنڌس مهربانيءَ سان سنڌس ڪتبخاني جي گهڻن ڪتابن کي ڏٺم ۽ نالا لکيم ۽ پڻ انهن جي صفائي ڪيم، ۽ خلافت تحريڪ بابت پڇيم. چيائين تہ: پهريائين دهلي ۾ 'خدامِدين ڪانفرنس' ترڪي جي سلطان جي حمايت ۾ ٿي. عربستان جي شريف حسين انگريزن جي اثر هيٺ، ترڪي جي سلطان خلاف جيڪو خليفة المسلمين هو بغاوت ڪئي هئي. ڪعبة الله تي گولہ بازي ڪئي وئي جنهن جي احتجاج ۾ پهريائين سنڌي ۾ 'خون حرمين" رسالو شايع ٿيو. جيڪو پوءِ ضبط ٿيو. دهلي جي ڪانفرنس ۾ هندوستان جا وڏا اڳواڻ شامل ٿيا. سنڌ مان آءٌ ۽ شيخ عبدالمجيد وياسون ۽ امروٽي صاحب جو خط کڻي وياسون جيڪو مون حڪيم اجمل خان کي پهچايو'.

Gul Hayat Institute

- چيائين تہ خلافت تحريڪ ۾ هندن جي ڪانگريس مسلمانن سان تعاون ٿي ڪيو جنهن جي زور پيچڻ لاءِ انگريزن سنڌ ۾ محمدعلي پنهور سنڌيءَ ۾ 'وتوهڙ جي عنوان سان رسالو لکيو. محمد علي اهان ١٩٦٥ع جيئي 'امن سَڀا' تنظيم قائم ڪئي. انگريزن جي اشاري تي، خيرپور رياست جي وزير شيخ محمد ابراهيم خيرپور ۾ محد بن ... ڪانفرنس" سڏائي جنهن جو صدر مرزا قليچ بيگ هو. بزرگ امروٽي آيو ۽ پيا ڪارڪن بہ پهتا جن ۾

شيخ نورمحمد، شيخ عبدالمجيد، جان محمد جوڻيجو، آءٌ پيا شامل هئاسون. شيخ نورمحمد زبردست تقرير ڪئي. بزرگ امروٽي ۽ ڪارڪنن جي هن گڏجاڻي بعد سنڌ ۾ خلافت ڪانفرنسن جو سلسلو شروع ٿيو‘.
ـ چيائين ته: خلافت جي بحالي جو ٺهراءُ سڀ کان اول سنڌ ۾ پاس ٿيو.

Gul Hayat Institute

# سدا حيات سورهيه صبغت الله شاهه

دنيا جي تاريخ ۾ عظيم انسان ٿي گذريا آهن، جن حق ۽ انصاف لاءِ ، مُلڪ ۽ مِلت جي خدمت ،عظمت ۽ آزادي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون ، سنڌ مان سورهيه صبغتالله شاهه انگريزن جي سامراجي حڪومت خلاف جنگ جوٽي جن ڪيس شهيد ڪيو(۱۹۴۳ع) پر پوءِ ڇئن سالن اندر سندن حڪومت ختم ٿي ۽ ملڪ آزاد ٿيو .

سيد صبغت الله شاهه تاريخ ۱۳ -صفر ، سنه ۱۳۲۷ هجري ۾ ڄائو. سندس والد پير پاڳارو سيد شاهه مردان شاهه وڏي علم وارو هو ۽ عالمن جو قدردان هو. ديني ۽ اسلامي تعليم خاطر، "تفصير ڪوثر" جي نالي سان قرآن شريف جو تفسير تيار ڪرائي ڇاپايائين جيڪو سنڌي ٻولي ۾ قرآن شريف جو پهريون تفسير هو.

۱۲ صدي هجري (۱۸ - عيسوي ) ۾ جناب پير محمد راشد صاحب سنڌ ۾ اسلامي تعليم ۽ روحاني ترقي لاءِ درگاهه جو پايو وڌو ۽ سندن وفات کان پوءِ سندن فرزند سيد صبغت شاهه (وڏو) پهريون پير پاڳارو هو جيڪو هن گادي تي ويٺو. سورهيه صبغت الله شاهه تي به سندس والد ساڳيو نالو رکيو. سنه ۱۳۳۹ هجري (۱۹۲۵ع) ۾ والد جي وفات بعد پاڻ ڇهون پير پاڳارو ٿي گادي تي ويٺو.

اڳ ملڪ ۾ پنهنجي آزاد حڪومت هئي، ان وقت پهرئين پير پاڳاري سيد صبغت الله شاهه سکن جي وڌندڙ طاقت کي روڪڻ لاءِ مدد ڪئي، ٻئي پير پاڳاري سيد علي گوهر شاهه 'اصغر' جي وقت ۾ انگريزن سنه ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ تي حملو ڪري قبضو ڪيو. 'اصغر' صاحب جي عمر ننڍي ٿي ۽ ڪانئن پوءِ سندن فرزند، ٽئين پير پاڳاري سيد حزب الله شاهه، انگريزن جي ڏاري حڪومت خلاف قدم کنيو ۽ تُرڪي جي سلطان ڏانهن خط لکيو ته انگريزن کي هتان تڙي ڪڍيو وڃي.

حزب الله شاهه صاحب ان مقصد لاءِ جماعت جي طاقت کي وڌايو، ۽ پارهن چؤڪيون ٺاهي هڪ مضبوط نظام قائم ڪيو. سنه ۱۳۰۹ هجري ۾ سندن وفات

Gul Hayat Institute

کان پوءِ انگريزن پيرپاڳاري جي درگاهه جي جماعت جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي پيماني تي پوليس جي طاقت استعمال ڪئي جنهن جي ظلم خلاف سنه ١٨٩٦ع ۾ پهرين 'حُر تحريڪ' شروع ٿي. انگريزن حُرن کي سالن جا سال لوڙهن اندر بند رکيو، ۽ پوءِ انهن کي پوليس جي ٿاڻن تي حاضري ڏيڻ جو پائبند ڪيو.

سورهيه صبغت الله شاهه شهيد ١٩٢٢ع ۾ پير ڳارو ٿيو. ان وقت سندس عمر ٻارهن سال هئي، پر ٿوري ئي وقت ۾ ڪيس پنهنجي جماعت توڙي سنڌ جي عام ماڻهن خلاف انگريزي حڪومت جي ظلم ۽ ڏاڍين جو احساس ٿيو ۽ پوليس جي خلاف آواز اٿاريائين. ان تي حڪومت طرفان مٿن ڪوڙو ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو ويو. اهو ڪيس سکر ۾ هليو ۽ محمد علي جناح صاحب (قائد اعظم) سندن طرفان وڪيل ٿيو. جناح صاحب جڏهن ڏٺو ته ڪورٽ انصاف ڪرڻ بدران پيرصاحب جن کي سزا ڏيڻ چاهي ٿي تڏهن ڪيس تان هٿ ڪڍي هليو ويو. پوءِ انگريزن پيرصاحب کي سنڌ کان ٻاهر اماڻيو ۽ اٺ سال (١٩٣٠-١٩٣٨ع) هندستان جي جيلن ۾ رکيو.

پيرصاحب وڏو بهادر ۽ سورهيه هو. حڪومت جي سختين جي پرواهه ڪانه ڪيائين ۽ رَتنا گري جي جيل مان سلامن پيغامن ذريعي سنڌ ۾ جماعت کي صبر ڪرڻ ۽ پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ترغيب ڏنائين. انهيءَ تي انگريزن، پيرصاحب کي رتناگري مان ڪلڪتي اماڻيو. اتي سياسي اڳواڻن توڙي انگريزن جي مخالف انقلابين ساڻن مخفي طور لاڳاپا قائم ڪيا. اُن وقت ٻي وڏي جنگ لڳڻ واري هُئي ۽ هڪ بيان موجب بنگال جي وڏي انقلابي سياش چندر بوس طرفان پيرصاحب جن کي پيغام پهتا. انگريزن ضروري سمجهيو ته پيرصاحب کي بنگال کان پري ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ڪري جيل جي مدت پوري ٿيڻ تي پيرصاحب کي آزاد ڪيائون ۽ پاڻ ١٩٣٨ع ۾ واپس سنڌ پهتا.

هاڻي سورهيه صبغت الله شاهه مضبوط ۽ محڪم ارادي سان، ۽ ساڳئي وقت وڏي بردباري ۽ دانائي سان، امن ۽ اصلاح جو پروگرام شروع ڪيو ته جئن سنڌ جي عام ماڻهن ۾ سجاڳي اچي ۽ پڻ جماعت مضبوط ٿئي. وڏي تاڪيد سان ترغيب ڏنائون ته: (١) نشي کان مڪمل پرهيز ڪئي وڃي، (٢) بي اصول ۽ بداخلاق ماڻهن جي صحبت کان پاسو ڪيو وڃي، (٣) پنهنجي پاڙي وارن جي

Gul Hayat Institute

مدد ڪئي وڃي ۽ سندن بچاءُ ڪيو وڃي، (۴) ولايت (انگريزن) جي ڪپڙي ۽ سامان بدران ديسي ڪپڙو ۽ سامان استعمال ڪيو وڃي.

ان وقت ’مسجد منزل گاهه‘ سکر سببان فساد ٿيا. پيرصاحب ’غازي تحريڪ‘ شروع ڪئي ۽ پنهنجي غازين کي حڪم ڏنو ته فساد بند ڪرائن ۽ ڳوٺن ۾ هندن ۽ ٻين هيٺن جو بچاءُ ڪن.

جاسوسن انگريزن کي پيرصاحب جي ڪنيل قدمن بابت وقت به وقت خبرون پئي ڏنيون. غازين جي پرتي واري قدم حڪومت ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو، ۽ حڪومت اخبارن ذريعي پيرصاحب خلاف پروپئگنڊا شروع ڪرائي ته جيئن پيرصاحب خلاف قدم کڻڻ ۾ سولائي ٿئي. جماعت وارن مريدن توڙي پيرصاحب سان تعلق رکندڙن جون لسٽون تيار ڪرائي انهن تي سختي شروع ڪئي وئي. ڳوٺن مان ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو ته روزانو اچي تعلقي جي ٿاڻي تي پوليس وٽ حاضري ڀرائين.

ان تي پيرصاحب جن حڪومت وٽ احتجاج ڪيو ته جيڪي ماڻهو ڳوٺن مان پري پري پنڌ ڪري روزانو تعلقي جي صوبيدار وٽ اچي حاضري ڏيندا سي پنهنجو ڪم ڪار ڪيئن ڪري سگهندا.

ان تي پاڻ وڌيڪ سختي شروع ٿي ماڻهو جڏهن مجبور ٿيا ته پير صاحب جن چيو ته روزاني حاضري نه ڏيو.

جڏهن اهي ماڻهو پوليس جي چنبي مان آزاد ٿيا ته انهن پنهنجا اڳواڻ چونڊيا ۽ ٽولن جي صورت ۾ حڪومت سان گوريلا جنگ لاءِ تيار ٿيا. هاڻي انگريزن پيرصاحب جن کي ڪراچيءَ ۾ گهرايو ۽ زور رکيو ته جيڪي ماڻهو حاضري تي نٿا اچن تن کي حاضر ڪريو. پيرصاحب گورنر کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو ته ماڻهن کي پوليس وٽ روزانو حاضري ڀرڻ سان مجبور ڪيو ويو آهي، انهيءَ ڪري هو حاضري نٿا ڏين. حڪومت انصاف ڪري ۽ صلح پسند ماڻهن کي هٿيارن کڻڻ تي مجبور نه ڪري.

ان تي حڪومت پيرصاحب جن کي ڪراچي ۾ نظربند ڪرڻ چاهيو ۽ کين چيو ويو ته: اوهان ڪراچي کان ٻاهر نه وڃو. هاڻي مقابلي واري صورت سامهون آئي جنهن کي ڪاميابي سان منهن ڏيڻ لاءِ، همت، عظمت، جوانمردي ۽ ارادي جي

Gul Hayat Institute

پختگي ۽ مردانگي جي ضرورت هئي. پيرصاحب وڏو سورهيه ۽ دلير هو. ان سان گڏ وڏي سياسي تدبر وارو هو. ظاهر ۾ ته انگريزن جي حڪومت خلاف ڪو قدم ڪونه کنيو هئائون، رڳو ڪانئن ماڻهن سان انصاف ڪرڻ جي گهر ڪئي هُئائون. پر هاڻي ضروري هو ته مريدن ۽ ٻين خيرخواهن کي حقيقت کان آگاهه ڪن. انهيءَ ڪري پيرصاحب جن حڪومت جو حڪم لتاڙي، ڪراچي مان روانا ٿي سانگهڙ بنگلي تي ۽ پوءِ درگاه تي پهتا ۽ سيني باهمت ماڻهن کي ايندڙ حالات کان باخبر ڪيائون.

حڪومت طاقت استعمال ڪئي. پيرصاحب جن کي گرفتار ڪري مٿن بغاوت جو اهو مقدمو داخل ڪيو ويو ته پيرصاحب انگريزن جي بادشاه جارج ڇهين خلاف بغاوت ڪئي آهي. جماعت جي مکيه ماڻهن کي ڳرڻن مان ڳولي گرفتار ڪري، ٻارن ٻچن سميت لوڙهن (concentration camps) ۾ بند ڪيائون. تڏهن حرن فقيرن، سچن مريدن ۽ سندن ٻين ساٿين حڪومت خلاف ڪارروايون شروع ڪيون ۽ پهريائين ٽنڊي آدم لڳ لاهور ميل گاڏي ڪيرايائون. انگريزن پوءِ سنڌ جي گهڻن پاڱن سان 'مارشل لا' لڳايو ۽ هزارن ماڻهن کي قيد ڪيائون، ۽ سون ماڻهن کي پنهنجي 'اندي قاعدي' هيٺ ڦاسيون ڏنائون ۽ ٣ مارچ ١٩٤٣ع تي جناب پيرصاحب کي به شهيد ڪيائون.

سندن شهادت سان سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر انگريزن خلاف نفرت جو جذبو وڌيو. سنڌ ۾ جوانمردن حرن مريدن انگريزن خلاف پنهنجيون گوريلا جنگ واريون ڪارروايون جاري رکيون. هيءَ آخري جنگ هئي جيڪا هندستان ۾ انگريزن خلاف لڙي وئي، ۽ سورهيه صبغت الله شاهه جن جي شهادت کان پوءِ چئن سالن اندر ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي انگريزن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو.

Gul Hayat Institute

# زمانو بدلجي ويو!

زماني جو بدلجڻ، يعني ٿوري گھڻي وقت بعد حالات جو بدلجڻ، انسان جي زميني زندگيءَ جو هڪ مسلسل عمل آهي. پر جڏهن اوچتو حالات بدلجن ٿا ۽ نَوَن مسئلن ۽ مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو ته ماضيءَ جي سک سانت وارا ڏينهن ياد پون ٿا. وقت گذرڻ سان ڏک وسري ويندا آهن پر اڳيان سُک وري وري پيا ياد ايندا آهن. سنڌ تي انگريزن جي قبضي ڪان اڳ، راڄن جي رضا واري سماجي زندگي هئي. راڄوٽي فيصلا ۽ راڄائتيون ڳالهيون هيون. سبب معلوم هئا ته تڪرار ڇوٽا ٿين ۽ طريقا معلوم هئا ته اهي ڪيئن نبيرجن. حڪمرانن جي دست اندازي ڪانه هئي. فقط وڏا مسئلاءَ وڏا معاملا ٿي ميرصاحب پاڻ نبيريندا هئا، ۽ اهي فيصلا راڄن جي رخ مطابق، اهڙيءَ طرح ٿيندا هئا جيئن رضانااما ٿين ۽ ملڪ ۾ صلح ۽ امن قائم رهي.

انگريزن ١٩- صدي عيسوي سنه ١٩٤٣ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو: هجري سال ١٢٥٩ جو محرم مهينو هو. عام فهم ٻوليءَ ۾، انگريزن تيرهين سن ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو، ملڪ ۾ نوان قاعدا قانون ڪديا، پنهنجا عملدار ويهاريا ته ماڻهن تي حڪمراني ڪن ۽ انهن کي هيسائين. راڄن جي اڳواڻن کي ڦيرائي پنهنجو ڪيائون ته هو راڄن جي زور تي نه هلن پر حڪومت جي زور تي هلن ۽ راڄن کان بي پرواهه ٿي راڄن تي حڪومت ڪن. ايندڙ چاليهن سالن ۾، تيرهين سنه جي آخر (١٣٠٠هه) تائين، وڏو ڦيرو آيو ۽ چوڏهين سنه ۾ ته جڻ سڄو چرخو ئي بدلجي ويو! تڏهن ڪنهن سگهڙ چيو ته:

تيرهين ۾ تال مَتيا، ويا چوڏهين ۾ چٽ ٿي
ادب ۽ حياءَ جي محل وئي متجي

جئن پوءِ ٿئن چوڏهين سنه ۾، رِشتن، ناطن ۽ اخلاقي قدرن ۾ پِستي آئي ايتري قدر جو چيائون ته: چوڏهين سن ۾ قيامت اچڻ واري آهي. ڪنهن سگهڙ ٻروچ ان وقت جي حالات تي بيت چيو ته:

چوڏهين سَن ۾ ساماڻا هڪ چُغل پيا چور

Gul Hayat Institute

باندر ويٺو بادشاهه ٿي، نوڪر سندس نور
ساڏن سچن ماڪ ڪئي جن جاهنيان ڪاڏا هور
انب ڏسجي ڪو هيڪڙو، اَڪ اُجهاڳين طور
هرڻ پَسجي ڪو هيڪڙو، سهسين گهمن سور
مور ڪبوتر تورا ٿيا، ڪَپرون ڪانگ ڪروڙ
گنڍه گهمن گور، ويا پيلائي پروچ چئي.

سنڌ جي عام توڙي خاص ڏاري حڪومت جي آزار کي محسوس ڪيو: هڪڙن مقابلا ڪيا، ٻين ماٺ سان سَٺو، ۽ گهڻن هاءِ هاءِ ڪئي. عوامي شاعرن ۽ سگهڙن ڳالهين، پهاڪن ۽ بيتن ۾ اڳئين آزادي واري زماني کي ياد ڪيو. پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، انگريزن جي وقت وارا ڪامورا ويتر وڌيڪ بي لغام ٿيا، ۽ ملڪ جي ترقي ۽ ماڻهن جي خيرخواهي جا رستا ئي روڪجي ويا. جڻ زمانو ئي بدلجي ويو!

هڪڙن سياڻن چيو ته: 'زمانو ڪونه ٿو بدلجي: زمانو ساڳيو آهي پر ماڻهو بدلجي ويا آهن.' انهن جي نظر ڪن ماڻهن جي ڪُڌن ڪرتوتن تي پئي! ٻين چيو ته حالات بدلجي ويا آهن: انهن جي نظر مختلف سببن جي ڪري ماحول جي بدلجڻ تي پئي! ڪن پنهنجا اڳيان وَسندڙ ڳوٺ ۽ راڄ ياڳ ياد ڪري انهن جا ڳُڻ ڳايا، ڪن پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ۽ جلوا ياد ڪري ٿڌا شُوڪارا پريا!

نه فقط عام، پر عارفن پڻ اڳين وڏن الله وارن کي سِڪ مان ياد ڪيو. شاهه عبداللطيف چيو ته:

مون سي ڏٺا ماءِ، جني ڏٺو پرينءَ کي
ڪري نه سگهان ڪا، تني سندي ڳالهڙي.

ڪن سگهڙن اڳين سالڪن کي ياد ڪري چيو ته:

هِيرين گهورا هنجهڙا، ترين بَرين تورا
موتي جي مهراڻ جا سي ميڙيندڙ موڙا
هنجهه هليا، مور چليا، وڃي ڪنگ رهيا ڪورا
جيڪي گفتي جا گهورا، سي گوهر گڏاري ويا.

فضل پنيرو، ويٺل نارو، وڏي گن وارو وينجهار هو. هڪ سئو ورهين جي عمر ۾

Gul Hayat Institute

پاڪستان کان اڳ گذاريائين. نبي داد پنير وجيڪو هن وقت (١٩٩۴ع) سرتيو سگهڙ آهي، تنهن سان ڇُونڊڪي جي پريان ناري جي ويجهو، قائم فقير پنيري جي دعوت (٢۴- ١٩٩۴ع) تي رهاڻ ٿي. فضل جو بيت ٻڌايائين ته:

وَههَ ويا، وانهيرا ويا، لَتي ڇڏيا لَٽَ
گڏي ڇڏيون گوندرين، ڳالهيون اندر گهٽ
قُوڙائي جا قَٽ، مون سانڍِيندي سينوارِيا.

وهه ويا، يعني اهي وهندڙ واهه ۽ ڪڙيا ويا. ان لاءِ پيو انو ڪو لفظ 'نيڪام' آهي: چوندا 'اڳيان نيڪام ئي ويا'. اصطلاح طور، 'وهه ويا' معنيٰ اهي جوانيءَ جا جلوا ويا. وانهيرا ويا يعني اهي سُک وارا اجها ۽ گهَر ويا. انهن کي زماني جي لَٽ لتي ڇڏيو. تڏهن غمن گوندرن واريون ڳالهيون جيءَ ۾ جڙجي ويون. اهي فراق جا قَٽ جيڪي مون اندر ۾ سانڍيا سي به سينوارِجي ويا (بوءِ ڪري ويا). تڏهن جواب ۾ نبي داد چيو ته:

سانڍيندي سينواريا، مانَ اُجاريندڙ اچن
ڪولي ڏيو خريدارن کي ته هو هِيري هَٽُ هَٽن
وَڻج وارا ويسرا، هُت تا هَٽ هَلن
جڏهن اچي محبوب ملن، تڏهن نئين سِجَ نوان ٿيا.

يعني، سُور اندر ۾ سانڍجن ٿا ته اُجاريندڙ (صاف ڪندڙ، صحت ڏيندڙ) به ايندا. جوهرين وينجهارن (ڄاڻو سالڪن) وٽ ڪو وڃي ته هيري جي حڪمت وارو هٽ گهمائين. انهن سالڪن جا دڪان ڪليا پيا آهن پر ڪو وڻج وارو وتن وَجي! جڏهن اهي (اجاريندڙ) محبوب ملندا ته صحت نئين سج نئين ٿيندي!

**○ ١٩- صدي جي آخر وارا حالات.** هينيان بيت سگهڙ پَريي چانگ نتي ۾ سنه ١٩٦٠ع جي آخر ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌايا. اهي بيت شاعر هيبت (چانگ؟) سنه ١٩٠٠ع ڌاري چيا. ان وقت ۽ ان کان اڳ، انگريزن جي حڪومت جي اهلڪارن جي رويي عوامي زندگيءَ ۾ جيڪو اضطراب پيدا ڪيو سو انهن بيتن مان ظاهر آهي.

هاڻي هن جڳ جي مان ڳالهه ڪريان ڪيهي
دغل بازي دنيا ۾ پسو جا پيئي

غريب غربا، سيئي پَٽِ رهندا پيئي
ٽٽون، ٽوپڻ، لڄ، لغور ڦري سڪر ٿيندا سيئي
حيا، لڄ، هيبت چئي، سا ويچاري ويئي
سڻو سيئي، تہ آخر زمانو آئيو.

—

باندر ٿيندا بادشاهہ، نوڪر ٿيندا نور
هنجهن حدون ڇڏيون، ماڳ ڇڏي ويا مور
ڏسو دنيا جا دور، ٽي چڳن ڪي چريو ڪري!

—

سچ سويرو لَڏيو، سڀ رياء ۾ راضي
پون ڳجَ ڳنڍهن ڪي، تَرِجن پيا تازي
ويا مور مري، ڪنگ بنيا قاضي
بَنِي اها بازي، پَسو جا پيدا ٿي!

—

سچ سويرو لَڏيو، ڪوڙ رهيو ڪورو
عقل ڪنهن اشراف کي ٿانءُ رهيو ٿورو
چڱو مڙس چغليءَ تي چوري ٿيو چورو
پَسُ زَماني زورو، ڦِريا دَور دنيا جا.

—

سچ سويرو لڏيو، ٿيو ڪُوڙ قَضا
متن مائٽن پاڻ ۾ وڏا وير وڏا
'جيءُ' چون جوءِ کي، 'قوت' لڳي ماء
وَريا اندا واء، ڦِريا دور دنيا جا.

○ سگهڙ حاميد چيو تہ:

ماڻهو جيئرا مُلڪ ۾، پر خلقت وئي ڪِري
نڪو ساءُ، نڪا صحبت، نڪا ذوق ذري
پنهنجي حرص هَوا ۾ خلقت وئي ڪَرِي
ڪُوڙ ءِ ڳالا جِي پيري ٻڏائون پَرِي

Gul Hayat Institute

ٽئڙي ڳالهہ ڳري، پسو حال حاميدُ چئي.

- شاعر جعفر، جواني واري دور جي سُکن ۽ سَڄڻن کي ياد ڪندي چيو تہ:

پريت پراڻي تي، ادب ويو اخلاص
ويئي محبت ماڻهن مان، مِٺُن ڇڏيو ماس
ڏَندَ، ڏاڙهُون ڏورِ تيا، ڇَبڻ ناهي ڇاس
نظرُ وڃي نابين تيو، تن اندر کي تاس
ويئي ڪائي ڪونہ ڪو، ماڙهوءَ سندو ماس!
وتيو وڃ واس، جعفر چئي جهان ۾.

—

هتي دلِ، هيجُ ويو، سِڪَ ڪنيا سامان
ويئي ويچاري نڪري جا مِهر هُئي مهمان
ڪو ڏينهن قريبن لئي، منهنجو من ٿيو مستان
هاڻي جعفر منجهہ جهان، ناڻي وڪامي نينهن تو.

- **۱۹۳۲ع بَراج جي کلڻ سان رهڻي ڪهڻي ۾ تبديل.** جڏهن سالن صدين واري رهڻي ڪَهڻي ۾ تبديلي ايندي آهي تہ اها تبديل جيتوڻيڪ فائدي واري هوندي آهي تہ بہ جذبن ۽ احساسن واري دنيا ۾ اڳين ريت رسم وري وري پئي ياد ايندي آهي. سنڌ جي آبادي صدين کان وٺي سنڌو درياءَ جي پاڻي تي هئي. اُتل ۽ ٻوڏ وقت زمينن تي پاڻي ريل ڇيل هلندو هو، باقي اٿل کان سواءِ واهن ۽ ڪڙين ۾ پاڻي زمين جي سطح کان هيٺ وهندو هو. ڪنهن اڳئين زماني کان سنڌ جي ڪاريگرن ڪاٺ جي هڪ ڪَل ايجاد ڪئي جنهن سان واهن ڪڙين مان هيٺيان پاڻي ڪڍي مٿي آندائون. اها ڪل هئي اُرلو، هُرلو، ايٽُ يا نار. ۱۹۳۲ع ۾ سکر براج جي واهن وهڻ سان اڳيان نيڪامر (واهہ ۽ ڪڙيا) لتجي ويا، ۽ زمينن تي پاڻي موڪ وهڻ لڳو. پر ڪڙين کُورن تي جيڪي هُرلن ۽ نارن جا ڇهڇٽا هئا سي ختم ٿي ويا. رهڻي ڪهڻي ۾ بہ وڏو ڦيرو آيو. اڳ درياءَ جو پاڻي چار مهينا هوندو هو جو کيتي جو ڪم هلندو هو: اٺ مهينا ماڻهو فارغ هوندا هئا، ۽ ميلا، محفلون ۽ ڪچهريون پيون هلنديون هيون. براج واهن کان پوءِ بہ فصل ٽيڻ لڳا ۽ سڄو سال ماڻهو ڪم ۾ قابو ٿي ويا.

Gul Hayat Institute

سڪر براج جي نڪرڻ سان جيڪو زندگي ۾ ڦيرو آيو تنهن کي گهڻن سگهڙن شاعرن پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو. ٦- نومبر ١٩٩٤ع تي جهوني سگهڙ قاضي الله ورايي نظاماڻي (شال جيئي!) پنهنجو بيت ٻڌايو ته:

سڪر براج آيو سنڌ ۾، وئي موج سندي ماڻهن
جت چٽا چانور چوڪا هئا سِڪ گهٽي سارين
باڙيا ٻِڍڙيا بيشمار هئا، هيون قطارون ڪانگڙين
سِگهڙيا سابُو سرها، هئي سونهن گهٽي سونهرين
موتيا، گنجا ملڪ ۾، هيون راهون رَتڙين
ڪايو گهڻو خوش ٿيندا هئا، اهو مَرڪ ماروئڙن
هڪڙا ويندا هئا ولايت ڏي، ٻيو هو وڻج واپارين
ڪيڙيون، رونبا، روتِيون، اها ڪار ڪُڙمين
اهي سڀ سَرَسُجا ٿيا، اڄ وارو ڪونه ورين.
ڦتا واه وَهڻ ڪان، جـڻهن مُنهن ڪيا موڪن
هُرلا نار سڀ نڪري ويا، جي هئا ڪڙا منجهه ڪڙن
جوڙا سڀ جدا ٿيا، ڇڏيا ماندا ڻا مينهن
وڏيون محبتون ملڪ ۾ ڇڏيون چوبارين چڱن
پَڌري جي پيَٽ ڪان ساءِ مَتيو سنگتين
آسڻ سڀ اُجهامي ويا، اڄ دونهان پيا دکن
زمين پرزا پرزا ٿي، جنهن کي وڌيو اچي واٽرن
نمبر نشانيون نڪري ويون، ٿيو آرو ايڪڙن
ٻلون سڀ ڏکيون ٿيون، آهي ته تپيدارن
اعليٰ آفيسرن ملڪ ۾ اچي ڪاه ٻڌي ڪامورن
رياءَ رشوت رڙهي آيا، مسڪين پيا مارجن!

پهرين سٽن ۾ قاضي چانورن جا نَو قسم ڳڻيا آهن جيڪي اڳ لاڙ ۾ ٿيندا هئا: يعني باڙيا، ٻِڍڙيا، ڪانِگڙيا، سِگهڙيا، سابُو، سونهري، موتيا، گنجا ۽ رَتڙيا.

## • ياراڻي ۽ دوستي جا معيار بدلجي ويا:

اي سڄڻ! 'ياراڻي' ۽ 'دوستي' ٻئي عام ٻوليءَ ۾ ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. پر سنڌ جي محبت واري مام ۾ 'ياراڻي' جو مانُ مٿاهون آهي: اها ڄڻ خاص ۾ خاص سچي ذاتي دوستي آهي. چوندا: 'ادا، فلاڻن جي پاڻ ۾ ياراڻي هئي: هو وڏا يار هئا! اڳ 'ياراڻي' جي تصديق ۽ اظهار لاءِ هڪ ٻئي سان پٽڪا مٽائيندا هئا: هڪ پنهنجو پٽڪو يار جي مٿي تي رکندو هو، ته آڏو يار پنهنجو پٽڪو سندس مٿي ۾ وجهندو هو. هنن ڄڻ پڳون مٽايون ۽ پڳ مَٽ يار ٿيا. هن وقت اهڙا يار ڳوليا لڀندا ڇاڪاڻ جو هاڻي ذاتي مطلب گهڻو زور وٺي ويا آهن.

اڍائي سئو سال کن اڳ، ٻارهين سن (ٻارهين صدي هجري) جي ڪنهن سالڪ چيو ته 'سچي ياراڻي' ڏهين سَن (هڪ هزار هجري سن) تائين هئي: ٻارهين سَن ۾ ٻه ڪجهه رسمي رواجي هئي، باقي ٻارهين سَن ۾ ڄڻ ختم ٿي وئي!

ياراڻي يارن جي هزار ورهيــــــه هُئي
يارهين ۾ ٻـه يار هئـــــا روءِ رواج رُئي
تهــــان پوءِ مُــئي، ٻارهين ۾ ٻَنا ڪري.

ٻَنا ڪري، يعني وڏا ٻنا ٿاهي، ظاهر ظهور، پڌري پَٽ.

تيرهين سن ۾ شاعر حمل خان چيو ته:

ياراڻي يارن مـــــــان وينئي ڙي وينئي
گـڏيـل هيءَ گـمُـان ۾ سا پڌري ٿي پيئي
سڪ، صـحـبت، سـاءُ، ٽڙي ويا ٽرينئي
ڪنهين کي نينئي، حمل حالُ سڻائيان.

اڳ دوستيون سچيون هيون ته ميارون ٻه وڏيون هيون. ساجن وساڻ ۽ شيرخان بروچ ٻئي گهاٽا دوست هُئا. شيرخان کان ڪا ڀُل ٿي ۽ ساجن مُنهن مٽي ويو. تڏهن شيرخان ساجن کي پرچائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ سنيهو موڪليو ته:

آءُ ته نينهن نباهيــون، چنڻ ۾ چـــاهي
آڳـــانڌو آهي، جــئن ڪو ترهو تار ۾.

يعني محبت وارو ناتو هڪ آڌر ۽ آسرو آهي جئن تار درياءَ ۾ تُرهو. ساجن

جواب موڪليو ته:

پڳو سڄو نه ٿئي، توڙي سنئين طرف سُواء
ريهي سان راس نه ٿئي، ساڄن اچي نه ساء
دل ڏتارڻ آه، ڪو سمجهائي شيرخان کي.

يعني پڳي شيءِ سڄي ڪانه ٿيندي جيتوڻي واءُ سواءُ هجي ۽ سنئين طرف سَٽائو لڳي؛ ريهه سان پڳل شيءِ سڄي ڪانه ٿيندي، ڏتارڻ سان دل ڏتاري نه سگهبي.

هئي ڪنهن سگهڙ چيو ته:

پڳو سڄو نه ٿئي هڪ موتي پيو من
ڏيئي ريهه رُپي کي ڳنڍيو صرافن

يعني رهه ڏيڻ سان رُپو ڳنڍبو؛ موتي ۽ من پڳا ته سڄا نه ٿيندا.

حمل خان چيو ته:

حمل چئي هن هال جو ويهي ڪئه ويچار
ته دل لڳي دوستيءَ جو چا مُل آهي مقدار
تان اندر مان عقل چيو نُڪتو هي نروار:
'لڳي ته لک هزار، ٽُٽي ته ٽَڪوئي نه لهي.'

پر ڪنهن وڏي سالڪ چيو ته:

پرت پراٽي نه ٿئي، جي ڳنڍيندڙ هوءِ

Gul Hayat Institute

# ويا سي وينجهار

سنڌ، ناڙي ۽ لس ٻيلي ۾ جتي ٻه ڪچهريون ٿيون اتي مقامي سگهڙن شاعرن جو ذڪر آيو. گهڻن اهڙن سگهڙن سالڪن جا بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ”بيت“ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هيٺين شاعرن مان ڪن جا بيت رهجي ويا، ۽ ٻين جا بعد ۾ گڏ ڪيا ويا.

- **محمد علي رند**

محمد علي رند، شهواڻي، ويٺل ڪنري ۽ حسن رند ستيشن جي وچ تي، پاڪستان واري سال (۱۹۴۷ع) گذاريائين. ڪينسر، تعلقي ڇاڇري ۾، ۱٦ آڪٽوبر ۱۹۸۳ع تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ سندس هيٺيان بيت مليا:

موڪل ڏي ملير وڃان، وڃي ڇيلائي ڇيڙيان
مَتيون مانڌاڻين سين وڃي وير ٻه ولوڙيان
ڪيت وڃي ڪيڙيان، موٽي تن مارن سان.

—

مِينهَن تي مارن جا وسي پيا وَلهار
سيئي ٻوٽيون سايون ٿيون تانڪارن جا تار
پَچي پيو پَٽن تي ٻَڪروئي ٻيهار
ڇُٽيو اڃن ڇاهه مان ڇوڙيليون ڇوڏار
ڇاڙهن ٿيون ڇاهه ڪريو ڏوٽياڻيون ڏهپار
تني وٽ هيڪار، وڃي مران ته مانَ لهان.

فتح محمد سنگراسي سان ۱۴ جنوري ۱۹۷۸ع تي رهاڻ ٿي جنهن ۾، رحيم ڏني پلي، سومار مگريي ۽ مرزي نوحاڻي جا هيٺيان بيت ٻڌايائين. مرزي جا ٻيا بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ’بيت‘ (ص۱۹٦) ۾ شامل آهن.

- **رحيمڏنو پلي:**

نڪر نماڻي، نيهن ٻرو، ارت اُليڙي پار
هوتن ڪارڻ هيترو وڏءِ جيءَ جنجار

Gul Hayat Institute

پيـر نهاري، پڳ ڪـٽي، تون نڪري گس نـهار
پلي چـئي، پريـن ري تون گـهڙي هت ۾ گـهـار
گـولي تي گـذار، سڳر ڪارڻ ســئي!

—

سڳر ڪارڻ ســـئي ڏي وندر ۾ واهـون
ڏونـگر ڏايو ڏاڪــڙو اتــئي اڳـــاهـون
ڇُلي ڇڙهج ڇـپريـن ڪج دوست لاءِ دانهـون
ســانگو مَ ڪر ساه جــو، پيـر مَ ڏر پاهون
ڏيئي لـوليـون لـڪن تان لنگهج پپ بـه پراهون
براهمڻ تـون برن ۾ ڪر ســئي صــدائون
ته تنهنجون رڙيون رحيمڏنو چئي سٽي آرياڻي آهُون
پنهل چام پچائون، ڪري هاڙهي ۾ هُت تُنهنجيـون

- **سومار مگريو.**

سومار مگريو، پاڙو گاگن، عمرڪوٽ طرف جو ويٺل، اندازاً ١٩٠٠ع ڌاري جيئرو هو.

ڪاري رات ڪنن ۾ ڏس سـهـٽيءَ سـچـائي
اپ ڪَپــو اوڙاهـه وهي، لـهـريـنِ لـولي لائـي
ڏسـيــو دور درياه جــو مُـڙي نئي مــائـي
ساهڙ سان سچائي، اتس محبت جي مگريو چـئي.

- **ڏاتر ڏنو.**

جـاڳـي جـان ڏَر طاقَ، هُئي سُـتِي سـيج بَـندن تي
ڪـيـچـينِ ڪاهـيـو قـافـلو، ڪـيـڏيءَ وير قَـزاق
ڊِست هنيـو دانهـون ڪري، هَي هَي هيـبـتـناڪ
ڏکن تنهن کي ڏاتر ڏنو چئي، چير وِڏا! چاڪَ
ميـڙيُس پنهون پرور پاڪَ، نه ته وڏو فرق فراقَ جو.

- **مرزو نوحاڻي**

ڪاري راتِ ڪنن ۾ جت ڪُنَ بـه ڪڙ ڪا ڪن

پون وَڏَ وجود ۾، ڇَڙا جيئن ڇُرن
مَتر تن مينهنِ جا تا پيلي منجهه پُرن
محبت جن مرزو ڇئي سي ڪيئن سڪ سمهن
سانير تا سُڃن، سرتيون مون ساهڙ جا.

• **خميسو**

مبارڪ جو تڙ، تعلقي ڇاڇري ۾ مرحوم محمد حسن خان رند جي دعوت تي ڪيل ڪچهري ۾، شاعر خميسي جا بيت ڪنهن سگهڙ ٻڌايا ته:

آيم اباڻي پار جا سهڻي منجهه سلام
مينهنِ وسي وسون ڪيون وُٺا مارن جا مَقام
مون ڏاران ملير ۾ ڪن ماڙيچا ماتام
واريءَ تي وِرسن گهٽو گجريون ڇڏي گام
ڪاهڙ ۾ خميسو ڇئي پڪا ارزئون ڪيت انعام
وهان ڪيئن وريام، تو وٽ سانگياڻي آءُ سومرا!

—

سُتي لڌم سهٽو ڏيل اندر ڏيهي
وڻ ورندا، ڦُلَ ٽڙندا، ڦر ڇَرندا، گهر جُڙندا،
ورهيه ورندا، طرح ڏٺم تيهي
مارو مير، منجهه ملير، پين ڪير، ٽڏيءَ هير گهُه پِينِ گيهي
اسين ڪوڪڙ آٽيون، ڇيڙ چاڙهيون، پر پٽن وبهي.
عمر اتيئي، مون ساري رات راند ڪئي.

• **غني**

٧- مارچ ١٩٦٢ع تي ڳوٺ گل محمد پتافي تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ڪنهن سگهڙ غني جو هيٺيون بيت ٻڌايو: اهو معلوم تي نه سگهيو ته غني ڪٿان جو هو.

جاڳئين جاڳئين سسئي، جاڳئين پهر نه ڪو
جنهين پهر پنهل ويو، پهر نه جاڳئين سو
اهڙا ڳن، غنيءَ ڇئي، تو ڪي ڇڏي وئڙا ڇو

اباڻا علڻ چئي ايندم اُت اُڪَري
پُوئان ماڙين منجهه مري، ته به نِجا مڙهه مليرتي

پهرئين بيت جي ٻي سٽ جي معنيٰ ته: ڏٽي پنهنجي مهر سان ڪئين ڏتڙيل (ڏليا) ۽ وڇڙيل (وڇوڙيا) وطن تي واري (موٽائي آڻي). ٻئي بيت ۾، 'ريلن ڪنڌيين' جي (اصطلاحي) معنيٰ ته سڌن پِٽن تي. 'ريل' جي اصل معنيٰ درياءَ جو پاڻيءَ لڳ پاسو جتي رَءِ اُڀلي ۽ گهٽي سڌي زمين ڪڍي (ڏاهي). علڻ فقير سال مڪان ۾ درياءَ جي ويجهو رهندڙ هو ۽ انهيءَ ڪري تر جي ماروئن لاءِ به پنهنجي پاسي واري ٻولي آندائين. حقيقت ۾ 'مارو' پِٽن جي پَرَ' رهن ته ڪَڇي ۾ مال وارا 'ريلن ڪنڌيين' رهن. 'ميري آهه مَرِي' ۾ 'مري' جي معنيٰ مَرَواري.

- **حاجي محمد علي پير**

اڪين جون عالم ۾ آهن ڇهه ذاتيون ۽ چار
هڪڙيون پسن پرين کي ٻيون انڌن جي آچار
ٽيون تمڪن تاندي جئن، عاشق اُت نهار
چوٿيون چَرون رتيون پري بيٺيون ٻُنبار
پنجيون اکيون پوچڙين سان آهن ڪڙيون ڪوڙيءَ وار
ڇهيون ڇِڪي جندڙو وڏائون جيءَ جنجار
سَتيُون اکيون سور جون ونجهليو ڪن ويچار
اَٺيون اکيون عشق جون آهن تيليون تيليءَ وار
نويون اکيون نند جون جي ڪَڇن ڪين خمار
مولا ڏنيون منهن ۾ ڏهيون جي ڏاتار
سي پسن پَليتائي ڪانه ڪا ڏٺين ڪنا ڏار
اڪين جا اَوتار، ايڏا آهن عالم ۾.

حاجي محمد علي جي بيت سان لاڳو علڻ فقير 'اڪين' تي، هيٺيون بيت چيو:

يارهيون پنهنجي يار جو دم دم ڪن ديدار
ٻارهيون اکيون ٻاجهه پريون آهن نماڻيون نروار
تيرهيون ترسن ڪينڪي ٽِينَ پيڙيون ساڻ پتار
چوڏهيون اکيون چند جئن منهنجي سڄڻ جو سينگار

پنڌرهيون اکيون پوڇڙيءَ مان نيڻ وهائن نار
سورهيون اکيون سِيل رکيو سهسين ڪن سينگار
سترهيون سَتائن رب کي تہ اسان جو پرم رک تيار
ارڙهيون اکيون عالم ۾ ڪن دنيا جو ديدار
اوڻيهون اکيون علڻ فقير جون پيُون سڪن لاءِ سردار
آئي ويهين جي وار، تہ سِڪي ڳڏيون سڄڻين.

• **شفيع محمد جلباڻي.** ويٺل لڳ راڌڻ. مولوي هو. سنہ ١٩٦٢ع ڌاري مديني شريف ۾ وفات ڪيائين. رسالي جي تتبع ۾ بيت چيائين جيڪي راقم ٧ جولاءِ ١٩٦٨ع ۾ گوپانگن جي شهر ۾ (تعلقو ڪنڊيارو) سگهڙ غلام رسول گوپانگ سان ڪچهري ڪندي ٻڌا. مثال طور هي ہ بيت تہ:

هڪ جبل جو جهيڙو، پيو ماريس مونجهہ مِڻ جي
فَويَل الذين ظلموا، اتم اهو اوسيئڙو
شفيع محمد شوق ۾، منهنجو سَنڌو نہ سيڙهو
مرسل سان ميڙو، تيندم شال حضور ۾

—

هيڪر هيڏي آءُ، تہ ڏسي ڏهوٽي تيان
ڏکن ڏيل ڪنبائيو، سک نہ ساتي ساء
اهدنا الصراط المستقيم، تون وٺي واڳ وراء
شفيع محمد سات جا تون پيرا پنڌ پڇاءِ
آرياڻي تون آءُ، تہ لهيم ڪَس قلب جي.

• **دلمراد مري.** دل مراد پٽ عيسيٰ خان مَري بداڻي ١٩١٠ع ڌاري گذاري ويو. ٢٩ جولاءِ ١٩٦٨ع تي ڳوٺ عيسيٰ خان مري تعلقو ميرپورخاص ۾ هيٺيان بيت شاعر جي پاٽتيي عيسيٰ خان (ان وقت عمر سٺ سال) ٻڌايا. ڪيس گهڻا بيت ياد هئا.

سورِهين سڪون سانگين جون مونکي هئين منجهہ هُن
چوندي ڦوڳ هٿن سان چاريان منجهہ چُرن
وچينءَ جو وَڻن تي هو پِپن تي پهرن
دم دم دلمراد چئي، آءُ جاد آهيان جيڏين

مــتــو مــور نہ ڏئان مَــرُ مَــرَهجي مــيـنـدين
پـٽ پرهـيـنـديس ڪـيـنـڪـي اڏو ٻـنـڌ انـگـين
جي تون ساٽ گهڙائين سومرا سي تنهنجا سيئي سڙن
جا مون ڪي ڏني اَلي اباڻن، سا سونهي منهنجِي سينڌَ تي.

● **حيات لغاري**. ويـنـل ڳوٺ پـليوخان لغـاري، تعلقو سنجـهورو. ١٩٠٠ع ڌاري گذاري ويو. سالڪ شاعر هو. عاشق ڪي سندس صلاح تہ محبوبن جي محتاجي مڄ:

مَڄ مــحــتــاجي تن جي، روح غــريـبي رهہ
وِڙچ نہ تن جي ويـٽـن مـُون، سامـهـٽـان ئي سهہ
رات اتي وجي رهہ، هنيڙا گـهـار حيـات چئي.

● **قائم شاهہ جيلاني**. قائم شاهہ جو ڳوٺ، پيـلاٽي (ضلعو نوشهره فيروز) کان ڏيڍ ڪوهہ کن ڏکڻ- اوڀر طرف موجود آهي. ٽالپورن جي دور ۾ تي گذريو. قائم شاه اڪثر زماني جي گردش، ۽ ماڻهن جي متجڻ تي بيت چيا.

درياهن دور چــڏيا، وسن نہ مــيـنـهـن مُــداء
شـيـنـهنِ شـرم ڇـڏي ڏنو، گـدڙن ڪيـو گـاءِ
سٽي ڳـالهہ سيد چئي تـيـو ڊپُ گـهـٽـيـرو ڊاء
هاڻي بـاري ڪر بچـاء، قـادر قـائـم شـاه چئي.

—

سچ سـمـجـهـہ هليـو ويو، ڪـوڙ رهـيـو ڪـورو
عــقـل اڻ چــاڻن ڪي تــانء رهـيــو تــورو
هنجـهن سندي ذات تي ڪيـو ڪانوَن ڪانگورو
حـاڪمن حـڪـومت ڇـڏي، تـيـو ظلم ۽ زورو
قـــاضي قـــضــا نـتــو ڪري شـرع ۽ تورو
زمـيـندار جـوءِ لئي تـو گـهـري جُـتـي ۽ جـورو
رڍ ٻـڪـري ڪين وٺندس، وٺندس غازي ڪو گورو
پـيـس حـــرام هڏن ۾ تـــيـــو پـورو ئي پـورو
سـيـئـي نہ سـيـد چـوي آهي ڪـو ڪـو صـدورو
تـــيـــو زمــاني زورو، پـاهر پـاقـــون ڪـڍيُون.

Gul Hayat Institute

● **جاني مگريو.** گاگن، پاڙو ابڙا، ڳوٺ ڇيڄرو، تعلقو نارو. سگهڙ ٿوهر فقير پنيري، سومريجي تي ڪيل ڪچهري (١٣ فبروري ١٩٨٦ع) ۾ ٻڌايو تہ جاني انگريزن کان اڳ ميرن صاحبن جي وقت ۾ ٿي گذريو.

ڪيچين ڪَرَهہ پلاڻيا مَيا ۽ مازي
ويا ٻجيندا پنيور مئون، ترسيا نہ تازي
گور ٻڌي آيا ڳنگهرو، گونگن ڪي غازي
رب جني راضي، وندر تن ڪي ويجهڙو.

—

ڪيچين ڪَرَهہ پلاڻيا، هتئون جي هوتن
سَهجئون سي سينگاريا بوتا بلوچن
جبل ڇڏيو جاني چئي، آڏيءَ مهل اُتن
سي مَيا شال موتن، جيڪي پنهون وٺي ويا پاڻ سان.

● **ڏنو فقير مگڻهار.** ويٺل سلطان آباد کان ڏکڻ اوڀر، ١٩- صدي ۾ گذاري ويو.

پَڪا پَڪن سامُهان، پيهيون پيهين وٽ
ڪٽي ويا ڪاهڙ ڏي، ڏارو ڪيائون ڏٽ
مال تني جا مُوهر ۾ تا پهريو چَرن پَٽ
مُئي تان، مگڻهار چوي، قيد ڪڙولا ڪَٽ
مارُوهئا مون وٽ، سي اُني وِئڙا اُڪِري.

● **رازق ڏنو فقير وندير.** ويٺل سيٺارجا هيٺيان، ١٩٢٠ ڌاري ستر پنجهتر ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. 'ميلک ڪافر وارو قصو' جوڙيائين جنهن مان سندس هيٺيان بيت:

ـ آن جو ڏيانءِ سنيهڙو منهنجو ڪانگل ڏجانءِ ڪُل
بر ۾ بيراڳڻ سان تيو حشر جيڏو هُل
سيد چڙهيا دُلدُل، هي روئي ٿو رت ڳاڙهئون.
ـ آن جو ڏيانءِ سنيهڙو منهنجو شمس ڏج شتاب
ڪولج قريبن تي ڪتابئون ڪتاب

لڪج لفــافي تي ســاري عـمــر ثواب
ويا وس وندير چئي، ڪـائڻ خـوشيـون خـواب
چـڙهي جـوان جـواب، هي روئي تـو رت ڳـاڙئون.
ــ آن جو ڏيانءِ سنيهڙو منهنجو سوچي ڪج صحي
لال ڏنــا هئم لاڏڪا ڪنـڙم صــاف سهي
رڻ ۾ رازق ڏنـو چــئي، پـارس ڪـونـه پهي
سي ويا سِڄ لهي، هي روئي تــو رت ڳــاڙئون

● **ملار جاڳيراڻي.** مـلار پٽ مير دوست جاڳيراڻي. صادق آباد طرف جو ١٩١٥ع ڌاري ڳذاري ويو. سسئي جي سُر مان چيل سندس ڪي بيت، لوڪ ادب جي ڪتاب ’بيت‘ ۾ شامل آهن.

جـانـب جـهـڙو جڳ ۾ آ ءُ ڏسـان ڪونه بيـو
پيـتـيُـون ڪَيف قلوب ۾، وَتي خـان ڪِيـو
اوجـــر تنهن عـــجـيـب جــو ٻري لاٽ ڏِيـو
مـــاڙيءَ منجـهـــ ملوڪ اچي پائيندم لِيـو
متي ساهه سِيو، ٽيندم معافيون سڀ ملار چئي.

● **صالح ڳـاڳناڻي مـهر.** ويـنـل ’مـيـان ڪُنڊي جي تلاءَ‘ جــو، تعلقـو ميرپورماٿيلو. ڳوٺ جيوڻ خان پافي تعلقو ميرپورماٿيلو ۾ ٩ مارچ ١٩٦٩ع تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ شاعر غمتار مهر هيٺيان بيت ٻڌايا. چيائين ته صالح ڳهٽو اڳ ڳذاري ويو.

بوا. هوند يـجان، مـون ڪي جهالر تي جهوري
ڪين پائينديس ڳهه ڳچيءَ ۾ پنهل ڪئون اوري
سر صدقو، صالح چئي، وجهان هوند گهوٽ مٿان گهوري
ڏونـگرڙا ڏوري، ڏسـان هـوت اڪين سـان.

ــ

بولو هوند يــجـان، ڪـامِـيـان هوند ڪـٽي
اولون تي اڪين ۾، پيس چتن منجـهـ چـٽي
ٻاريـائين ٻاروچي لاءِ بر ۾ باهه ڳـهـٽي

سورن جي صالح چئي مون ويئي ڳالهه ڳٽي
ڪري مــــان ڏٺي، رهي وڃن ڪا راتڙي

● **غفور خاصخيلي**. ويٺل ڪنگورو، تعلقو ڏگهڙي، ١٩٣٥ع ڌاري گذاري ويو.

مـتـان واوَوري ويا، ڪيـا واحـد وسـڪـارا
آءٌ جـڏي هت ڪـيـئن جـيـان عـمـر اُن ڌارا
هُت ڪـٽـن ڪِـيـر ڪـتـيـريون پوشـيـديون پارا
تن ڪي ڳنڌجان شالِ غفور چئي ڻسان سلڳي سويـارا
عمر ڪي آرا، منهنجا محڪم هئا مارن سان.

(پوشيديون= صاف ستري لباس واريون. پارا= برتڻ، ڪير جا).

● **دائم خاصخيلي**. طيب جو ننڍو ڀاءُ هو. طيب بيتن جو وڏو شاعر هو ۽ سندس ڪي بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ۾ آندل آهن.

ٻَڪر ٻاٻاڻن جا ڇـيـلا ڏين ڇـالون
وارِن وَرتَ پنهـواريون ات زور منجـهـان زالون
تن اَرت اُلوڙي ڇـڏيا مـون مُـٺيءَ لاءِ مـالهـون
هت درد مـان، دائم چـئي، ڪـيـن مون نيـاڳي نالون
سُـتي سنيـالون، مــارو لهندم مليـر جـو.

(مالهون= ارٽ يا چرخي جون. نالون (ف. ناله ها)= دانهون)

● **رب رکيو جَتُ مِناٿي**. ويٺل ڳوٺ ٻُتا، تلاءَ سَنڌيارا، ابڙاسو (ڪڇ) ١٩-صدي ۾ ٿي گذريو.

جا مَنِ تُنهنجي سومرا، سا ميان نہ اسان جي مَن
هت گلن جايون وهن واهيون، هُت ٺڏيون چانيون چن
جئن تو وٽ دهل دَماما، تئن هُت ٻَڪر ٻوليون ڪَن
جئن هت ڪُڏ اڏائين، بنگلا بنائين، تئن هُت ڍنگر ڍارِين واڙيون واڙا ڪَنِ
جئن تو وٽ آما ليما سومرا، تئن هُت ٻيرون ٻَتِ پَچنِ
جئن تو وٽ سنگ مصرين جا، تئن هُت ڪيرين ڪئونر ڪين

تنهنجا سيج بند سومرا ڪتون سپ ڪامن
ڄايون مَ ڄامن، جي ڏينِ ڪَڇو ڪُڙم ڪي.

-

راضي ٿي رب رکيو ڇئي، ڇڏ عمر اُٺانگي
هي جا مُلهه مَهانگي، سا ڪيئن لوئي لاهيان!

• **قادر ڏنو شاهه.** ڪَڙيي گنهوَر جي پرسان آڳڙي جو ويٺل، اهل دل درويش هو. عمراڻي بلوچ سندس مريد هئا ۽ سندس سهاري ڪي سنڌ ۾ آيا. سندس هيٺيان بيت معنيٰ وارا آهن.

سچ سَهائو نه ڪري، واءُ نه وجي جِت
قريبن ڪارڻ تتِ، اسان جَهر ٻيجي جهوڪون ڪيون.

• **الله داد** ڀنيرو. ناري جو، ١٩ صدي ۾ ٿي گذريو. هيٺيون بيت ڳوٺ شوڪت ڀنيرو (نارو) ۾ ٢٨ مارچ ١٩٨٢ع ۾ ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ نبي داد ڀنيري ٻڌايو.

ڪيڇي ڪيچئون آئيا، ڏيئي ڏير ڏتو
ڪُونج ڀڄايو ڪَنجرو رائي منجهه رَتو
اوٺين جو الله داد چئي ڪونهي پَٽُ پتو
ڪيڇي هو نه ڪڇو، پر توکي سورلکيل هئا سسئي!

• **نٿالو گبول.** حاجي محمد سوڍي بگهياڙ (لڳ ميرپورساڪرو) وٽ ڪيل ڪچهري ۾ هي بيت وڏي سگهڙ مرحوم حاميد رند ٻڌايو.

جت موتين جو مينهن وسي، ملن ماڻڪ بي بها
تون اگهڻ نه وڃ اِنِ جي، جن وٽ قدر قيمت ناهه
ڪميڻي جي قرب ڪَنا، داناء جو چابڪ چڱو آ
ان نالائق سان، نٿالو چئي، هلي پنهنجو وڙُ ڪيم وڃاءِ
هُوجي ڪن صدقي صدقي سله، وجي رهه ٻاڙي تن پارسن جي.

• **امين چانڊيو.** ويٺل 'ڪالي والي'، لڳ ينگ، رياست بهاولپور جو. ١٩- صدي ۾ ١٨٦٢ع ڏاري ٿي گذريو. سندس هيٺيان سگهڙ گل محمد عالماڻي ٻڌايا جڏهن دوست مرحوم حسن علي خان پتافي جي مهرباني ۽ ميزباني سان،

Gul Hayat Institute

تاريخ ٨- جون ١٩٦٢ع تي شهر اُباوڙي ۾ وڏي ڪچهري تي.
ـ هن جهان ۾ چڱي عمل بابت:

سودي ۾ سوداگر جي هي موچاري جاءِ
انب، ڪتوريون، ڪيوڙا پيا چوڪا ميوا چاءِ
اٿئي پهر امين چئي، ڏچ ڏٺيءَ جي ڏاءِ
سوڪو وڪر وهاءِ، جو لهرين ڪڍن لنگهي چلون.

ـ سسئي بابت چيل بيت:

جارُون جَتُ گڏيوس، عينن ساڻ امين چئي
سچي نيٽين سوجهرو پرينِ ڏانهن پيوسِ
اُداسو اندر جو تَنهين وير ويوسِ
صفا ساهُ تِيوس، اوساران عجب جي.

ـ

گهَت گهتيون ۾ گهيڙ گهٽا، ڏونگر ڏاڪا ڏارَ
اَڻ- نِهيُون امين چئي، ڪيئن ٽپنديون پار
توڙي وَسن تا وٽڪار، پر نوبت وجندي نينهن جي.

هنن بيتن ۾ اتي جي مقامي ٻولي جا لفظ آندل آهن جن جي معنيٰ سمجهڻ ضروري آهي. سسئي جي پهرئين بيت ۾ 'جارُون' معنيٰ 'جڏهن ڪان'. آخري سٽ ۾ 'اوساران' معنيٰ مُحابي، طفيل ٻئي بيت ۾ 'اڻ- نِهيون' معنيٰ 'بي ٻٽيون'، 'نِهو' معنيٰ ٻڻ بنياد.

● جنيدو وساڻ. ڳوٺ پنهنجو، تعلقو سنجهورو، ١٩- صدي جي آخر ۾ تي گذريو.

Gul Hayat Institute

مارئي:

پنوهارن پاٻوهيو، آيا واهوندا وري
هنئڙو جهورين جهوريو، چاڪن ڪيس چري
ڪش اچن ڪوٽ ڪينڪي، نڪي هندورن هري
سانگين ڏانهن سري، وڃي گڏ گذاريان.

ـ

پنوهارن پاڀوهيو ڪيا واهوندن وَسَ
ڏنائون آروڙا آنهن کي، تازا ڪياءُ تس
جوڙيائون جنيد چئي، ڳوندا متي ڳس
اجهائون اوَسَ، آهن عمر اباڻي راڄ جون.

—

پنوهارن پاڀوهيو، ملڪ پيا مينهن
جيڏين لاءِ جنيد چئي تي روئي راتو ڏينهن
ڪنڌ ڪٽندي ڪيئن، مَنهن ماروءَ ڄام جي.

—

پنوهارن پاڀوهيو، ڪيا واهوندن وَرَ
سدا سونهن انجا چناءِ چپرَ
قادر ميلين ڪڏهين مونکي پاڙيچا پرورَ
سانگياڻي سرورَ، تون پنهنجي راڄ رسائيين.

**رامڪلي:**

اڄ نہ اوطاقن ۾، ويا ڪنهن ولات
آسڻ نهاريم انجا پره اٿي پريات
جوڳين لاءِ جنيد چئي روئي وهايم رات
ڏک ڏنائون ذات، سموروئي سورن جو.

—

اڄ نہ اوطاقن ۾، ويچارن وائي
آڳ اجهامي ڪِينڪي جا لاهوتين لائي
جيءُ اندر جنيد چئي هيءُ جوڳين جڙائي
آهيان جن سامن سڏائي، سي ويا نانگا نڪري.

● **گَبرخان نُوحاڻي.** گبر پٽ گلشير نوحاڻي، پاڙو سنجراڻي (تعلقو ڏگهڙي) ١٩٣٥ع ڌاري گذاريائين. سگهڙ شاعر هو. سسئي جي سر مان سندس هيٺيون بيت:

هٿ ڪـٽـيـو هَـڪلون ڪرين تون چـپـر ۾ چـو ٽي
گـڏِيُـئي ڪونہ، گـبـر چـئـي، ڪو ڏونگر جـو ڏوٽي
جَتُ پُـچين جـو ٽي، سـو آري ڄـام اڳي تـيـو.

گبر نالي شاعر جا بيت راقم شاگردي واري زماني (۱۹۳۰-۱۹۳۵ع) ۾ پنهنجي ڳوٺ جي سگهڙ حاجي ساجن لغاري کان ٻڌا، جن ۾ آخري سٽ جو پوريون اڌ هن طرح هو تہ: ”غـالب سُـورَ گـبرُ چـئي“. تي سگهي تـو تہ اهي گـبرخان نوحاڻي جا هجن، يا اڃان اڳ ڪو ٻيو شاعر گبر نالي ٿي گذريو.

Gul Hayat Institute

# سنڌي ٻولي

## • زيرِ زبر

ڪجهه وقت اڳ، سنڌ جي سڄاڻ صحافي ۽ اديب محترم علي احمد بروهي هڪ دلچسپ مضمون لکيو هو جنهن جو عنوان هو ’زير زبر‘. بعد ۾ ڪنهن صاحب مون کي چيو ته: باب پڙهبا آهن ته پهريائين زبرون، پوءِ زيرون ۽ پوءِ پيش پڙهبا آهن؛ ڳالهائڻ ۾ به جيڪر زبر کي پهريائين آڻجي ۽ ’زبر زير‘ چئجي ته بهتر! مون کيس ٻڌايو ته ’زير زبر‘ ٻوليءَ جو هڪ خاص اصطلاح آهي جنهن جي ٻن لفظن ۾ ’اڳ پوءِ ٿيل‘ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ٻيا اصطلاح به آهن. مثلاً آبادگار، هاري ڪڙمي، وونٽڻ بابت چوندا ته ’گُل ٻاتِي‘ تي آهن، جيتوڻيڪ اڳ ۾ ’ٻاتي‘ (مکري) ۽ پوءِ ان مان گل نڪرندا. ٻاجهري يا جوئر جو قد بيان ڪندا ته چوندا: ’جوئر ڏِيڏي چونڪ ۾ آهي‘، حالانڪ جوئر وڌندي ته پهريائين ’چونڪ‘ ڪڍندي ۽ پوءِ ڏيڏي ۾ ايندي. ’ڏيو‘ اهو پَريل ڳپ آهي جنهن مان پوءِ آخر سنگ ٿيندو. ’ڏيڏي‘ کان پوءِ ’نيسَر‘، پوءِ ’ٻُورو‘، پوءِ ’ڪِيرو‘ يا ’جيءُ‘، پوءِ آيُون يا آنيُو‘ ۽ آخر ۾ سِٽو يا سَنگُ. نارءِ پوک جي نالن ۽ اصطلاحن سان، سچل سائين جي هڪ مشهور ڪافي آهي جنهن جو ٿلهه آهي ته:

دم دم جي ديدار جي، آهي نظر اسان جي نارتي

ان جي هيٺين مصرع ۾ ’ڏِيڏا چونڪ‘ جو اصطلاح آندل آهي، يعني ’ڏِيڏا‘ اڳ ۾ ۽ ’چونڪ‘ پوءِ.

ڏِيڏا چونڪ ڪري وجي نِسري ڳنا انهيءَ جا ماکي مصري

جهڙيءَ طرح ’زير زبر‘ جو اصطلاح، جنهن ۾ ’زير‘ اڳ ۾ ۽ ’زبر‘ پوءِ آهي تئن جمع ۾ به چئبو ’زيرون زبرون‘، ۽ نه ’زبرون زيرون‘. مصري شاهه نصرپوري وڏو اديب شاعر ۽ ٻوليءَ جو بادشاهه هو. سندس ڪلام مشهور آهي جنهن جو ٿلهه آهي:

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ!

ان جي هڪ مصرع آهي ته:

سُڻ ميان خليفا آخوند خبرون، عشق وڃايم زيرون زبرون

پيش قِري ٿيا جَزما لام، قُرهي انهيءَ کان ٿياسون فارغ

اي سنڌ جا سڄاڻ اديب! 'قافي' سنڌ جو قديم نظم آهي ۽ ان جو ڳائڻ 'ڪافي' خاص سنڌ جو راڳ آهي. 'قافي نظم' ۾ سنڌ جي عارفن ۽ شاعرن، ٻولن ۽ معنائن جا موتي پوئي ڇڏيا آهن. تنهنجي ذوق کي وڌائڻ خاطر، 'زير زبر' جي اصطلاح جو ٻيو سهڻو مثال ڏجي ٿو جيڪو ١٣-صدي هجري جي وڏي شاعر مهدي شاه (ميرواه گورچاڻي) جي هيٺين ڪلام ۾ آهي جنهن جي مصراعن ۾ ۾هن الف- بي آندي آهي.

تلهه آهي ته:

زير زبر، شَــد مَـــد، هر نقطا
پيش جـــزم ڪُون جلد ســـينگار

ٻي مصرع معنيٰ واري آهي:

'جـيم' جمـال الاهي جلوا، 'حي' پڙهه حـمـد حسن هزار
'خي' خـدائي مُلڪ بـه تيـرا، تون مـئن خالق خلقـٺـهـار

آخري مصرع:

'همزه' آپ هوسي هڪ حاڪم، 'لا' نه رهسي جڳ جنسار
مــهــدي صـورت بَـن ٿَن آوي، 'يي' يقـينان ٿي هڪ وار

اي سڄاڻ! ايئان به وڏي عارف شاعر عبدالله فقير ڪاتيار جي هيٺين قافي ۾ 'زيران زبران' جو اصطلاح آندل آهي.

تلهـه: سـانون نقطا يار پڙهايا هي
الف اَن بَـن اِن بِـن اُن بُـن آيـا

١- زيران زبـران، تڪيـان تبـراَن، زامـي مـيـم ڪَـڙايا هي
٢- بُت مـتي ڪا، خـاڪ ڪا پـجـرا، آپي آپ هلايا هي
٣- گـهـر عـبدالله دي آپي آ ڪر، مـحـمـد نام سـڏايا هي

## • سنڌي ٻولي زيرن زبرن واري آهي

انگريزن جي حـڪـومت کـان اڳ، مـڪـتبي تعليم واري دور ۾، سترهين کـان اوڻيهين صدي تائين، سنڌ جي آخوندن ٻارن کي توڙي وڏن کي سنڌي ٻولي زيرن زبرن سـان پڙهائي. ان دور جا ڪتـاب زيرن زبرن سـان لکيل آهن. انگريزن جي

اوائلي دور ۾ به سنڌي ٻوليءَ جا درسي ڪتاب زيرن زبرن سان لکيا ويا، ۽ سنڌي جا ڪتاب جيڪي پوءِ بمبئي مان ليٿو ۾ ڇپايا ويا سي به زيرن زبرن سان ڇپيا.

هن ويهين صدي ۾ جيئن پوءِ تيئن سنڌي ڪتابن ۾ زيرون زبرون گھٽ ڪيون ويون تان جو پاڪستان (١٩٤٧ع) کان پوءِ واري دور ۾، درسي توڙي ٻين علمي ادبي ڪتابن ۽ رسالن ۾ زيرون زبرون ماڳھين ختم ڪيون ويون جنھن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي صحيح طور تي پڙھڻ ۽ سمجھڻ واري اعليٰ مقصد کي وڏو نقصان پھتو آھي. هن وقت وڏي اڪثريت انهن پڙهيلن جي آهي جيڪي 'شاهه جو رسالو' سامهون رکي به صحيح نٿا پڙهي سگهن. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته درسي ڪتاب مڪمل طور تي زيرن زبرن سان لکيا وڃن ۽ ٻين علمي ادبي ڪتابن ۽ رسالن ۾ به ضروري زيرون زبرون ڏنيون وڃن.

ابتدائي تعليم جا استاد ٻارڙن جي ذهن ۾ اها ڳالهه وهارين ته **"سنڌي ٻولي زيرن زبرن واري ٻولي آهي"**. ايتري قدر جو حرف ساڳيا هوندا ته به جدا زيرن زبرن ڏيڻ سان جدا لفظ جڙندا. مثلاً:

| | |
|---|---|
| سِپَ= پاڻي جي سِپي | ڪِپَ = ڪپ جو وڻ |
| سَپُ= نانگ بلا | ڪَپُ = 'ڪَپڻ' مان امر |
| سُپُ = ڇڄ | ڪُپُ = 'ڪُپڻ' مان امر |

ڪي ساڳيا لفظ، ساڳي زير زبر هوندي به جدا جدا معنائن وارا هوندا. مثلاً:

ــ اُتَرُ (طرف)، اَتَرُ (واءُ)،، اُتَرُ (جواب)، اُتَرُ (مٿان وڌيڪ رقم)

ــ آچارُ (ڏينهن)، آچارُ (فيصلو)، آچارُ (ڪتاڻ)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ساڳين معنائن وارا وڌيڪ لفظ آهن. استاد شاگردن جي دلچسپيءَ لاءِ 'ته-وايا' منظوم ڪن جئن ته:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| بَدَنُ | جسمَ | بُتُ | - | مُنڊ | موسم | رُت |
| ڪلڪ | قلمُ | ليکڻ | - | ٻول | ساجن | سجڻ |
| اوڏَڻُ | پَرهڻ | ڏِکَڻ | - | مرکڻ | مُشکڻ | پاٻوهَڻُ |
| بختُ | نصيبُ | ڀاڳُ | - | ڀاڄي | سبزي | ساڳُ |
| جيڏو | سَرتو | جِيسُ | - | تاب | هَکل | هِيسَ |
| وِکُ | وِهُ | زَهرُ | - | ڏاڍَ | ظُلم | قَهرُ |

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي اوڀڙ (نباتات) جو مطالعو

”اُتي جئن مورنِ، اوڀَڙَ وَلهارَنِ ۾“

اي سڄڻَ، ڄاڻ ته سنڌ جي زمين مان جيڪو به سَلو ڦٽي نڪتو آهي تنهن جو نالو آهي. ٻين ملڪن ۾ گاههَ مڙيئي گاههَ، پر هِت هر گاهه جو نالو آهي. راقم، سنڌ جي گاهن ۽ ٻوٽن کي گهڻو ڳوليو آهي ۽ انهن تي سوچيو آهي. 'لوڪ ادب' هيٺ سنڌ جي وڻن ٻوٽن ٻوڙن ولين گاهن بابت، ٻيتن ۽ مثالن سان، هڪ ڪتاب لکڻ جو ارادو هو پر منهنجي مهربانن لوڪ ادب جو ڪم بند ڪيو ته متان وڏيڪ ڪتاب لکڻ جي ڪري منهنجو مان مرتبو وڌي وڃي! افسوس جو لوڪ ادب سلسلي جي تحقيق کي بند ڪري وڏو نقصان ڪيائون.

اي سياڻا! ٻهريائين هيٺين ورڇ (ڪِلاسِي فِڪيشن) کي سمجھه جيڪا سنڌ جي پنهنجي 'علم نباتات' مطابق آهي.

**اوڀَڙُ.** هر سائو سَلو جيڪو زمين مان ڦُٽي نڪري ٿو سو 'اوڀڙ' آهي.

**وڻ.** اهو جنهن جي پاڙ واري ڪاٺي مٿي ايري، ۽ ٿُلهي ۽ وزندار هجي. ڪاٺي جي صفت وڻ سان لاڳو آهي: جنهن جي ڪاٺي ڪجهه سخت سو وڻ ليکبو.

**ٻوڙو.** جنهن جون هڪ يا گهڻيون سنهيون پاڙون، جن مان سنهيون ڏگهيون لامون مُڇو ٿي مٿي وڌن. ٻوڙو ڪاٺ ۾ ناهي، پر ڪکن ۾ شامل آهي. ٻوڙي کي مال جي ڪاڌي جي لحاظ سان 'گاهه' سڏجي، پر هر ٻوڙي جون پنهنجيون پنهنجيون خصوصيتون آهن.

**ٻوٽو.** جنهن جي پاڙ هڪ ۽ اها سڌي سنئين هيٺ زمين ۾، ۽ مٿي سنهڙين لامن يا پنن جو جهمٽو. ٻوٽي جو نشان پَن آهن، پَن اڪثر سنهڙا سيلا. ٻوڙي جون لامون لسيون، ٻوٽي جون پنن واريون. اهي ٻُوٽا جيڪي بيمارين ۾ علاج طور ڪم اچن سي 'ٻوٽيون' سڏجن.

**وَلِ.** جنهن جي پاڙ هيٺان زمين مان ڦٽي مٿي اُڀي نه اُسري، پر پٽ تي پکڙي يا ڪنهن ٻوڙي يا وڻ تي وڪڙ ڪائي چڙهي.

**گاهه.** سنهيڙين ڏانڊين سان، پاڙ ول وانگر، پر زمين تي نه پکڙي ۽ اڀو اُسري.

Gul Hayat Institute

**ڪک يا گاهه.** اصطلاحي معنيٰ مال جو چارو، جنهن ۾ وليون ٻوڙا، ٻوٽا، سڀ شامل. چوندا ته: هن سال مينهن پيو ۽ مال لاءِ گاهه جهجهو ٿيو آهي. يا چوندا ته: مينهن ڪونه پيو، ملڪ ۾ ڪَکُ (گاهه) ڪونهي.

**وڻ.** سنڌ ۾ وڻن جو جنسار وڏو آهي. ٻيلن ۾ توڙي ٻيلن کان ٻاهر ڪئين وڻ! پر ٿَرَ ۽ جبل (ڪوهستان) ۾ عجب قسم جا وڻ آهن. جئن ٻُبر سنڌ جي وڻن جو سرواڻ آهي تئن ڪبڙ ٿر جي وڻن جو اڳواڻ آهي. 'لوهيڙو' ٿر توڙي جبل جو شهزادو آهي، البت ڪٿي ڪٿي ٿئي! ڪانڪَه ۽ ڪُونيٽَ، ٿر توڙي ڪوهستان جا عجيب ٻول وارا وڻ آهن. ڪانڪَه ۽ 'وِينگو' ٻئي ساڳئي وڻ جا نالا آهن: پري کان ائين جو چڻ 'ڄاگري ٻير' جو جُهنڊ. ڪُونيٽُ ۽ ڪير (جبل ۾ اهو نالو) ٻئي ساڳئي وڻ جا نالا آهن. جبل جو خاص وڻ 'ڪَهُو' آهي جنهن جي ڪاٺي لوهه وانگر سخت آهي. شهدادڪوٽ ۾ دڪانن تي 'ڪهُو' جون سهٽيون سڏيون لٺيون عام وڪامن. سياري ۾ شڪار وارا ڪَهُو جي پنن جي چاءِ ٺاهي پين. بلوچستان طرف 'ڪَهو' کي خَط سڏين. بيروني خَط جي وڻ جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جا پن مقوي آهن. آمريڪا جي هڪ پروفيسر مون ڏي 'خط' جي وڻ جي سڃاڻپ لاءِ لکيو جنهن کي ٻڌايم ته سنڌ ۾ عام جنس جو نالو ڪَهو، ۽ بلوچستان ۾ 'ڪَهُو' جي خاص جنس جو نالو 'خط' آهي. ڪَهوءَ جي مضبوط ڪاٺي جو مثال ميين شاهه ڪريم هيٺئين بيت ۾ آندو ته:

سڄڻ جان سَهُو، ته ڪَر روحَ رڇنديُون
سندو ڪاٺُ ڪَهو، ڀُتوئي ڀَر سَهي.

وڻن جو بيان وڏو آهي ۽ وري وري پيا ڪنداسون. پر جا ڳالهه ذهن نشين ڪرڻي آهي سا هي ته: ڏِگها ۽ وڏا وڻ سڃاڻڻ سولا آهن، پر ڪن ٻين جي سڃاڻپ ضروري آهي. مثال ته ٿَر ۾ هيٺيان سڀ 'وڻ' سڏجن ۽ وڻن ۾ شامل آهن: ٻائري يا ٻَئونر (ن غنو)، اَڪ، ڪِپَ، ڳاگِي، ٻُوهُ، وٿَر، ٿاڪَر، لاٺو، لاٺي، سِڻُ، ڦوڳ، جِهٽ. 'ٻائري' ٻي آهي ۽ 'ٻيري' ٻي. ٻائري سنهين لامن وارو وڻ آهي، ۽ ٻائري جي پاڙمان (جيڪا سخت ٿئي) ياڳيا جهيرٽا ٺاهين. جِهٽ چڻ ڪبڙ جي ڀيڻ آهي. شاعر جِهٽ جو نالو آندو آهي ته:

ڪٿي پِپُون، ڪٿي جهِٽُون، ڪٿي لاٺا، ڪٿي ليار

عام ڪپڙ جو وڻ ڪارو آهي ۽ ان جا پيرون ڪسارا ٿين، پر ٽڙ جا ڪپڙ مٺا. سنڌ ۾ لاڻي کي ٻه وڻ ڪري ليکيائون. ڳجهارت آهي ته:

ٻه-وڻي شـهـر ٿـيـو ته نرنان ناهه ملڪ ۾

(وڻ = لاڻي. ٻه - وڻي = ٻه لاڻي = پيلياڻي. شهر = بغداد. نرنان = پنهون، ملڪ = ڪيچ)

پيلياڻي بغـداد ٿيـو ته پنهـون ناهه ڪيچ ۾

**ٻُوڙا**

هيٺيان ٻوڙا آهن: ڪانهه، سَر، ڪِير ڪِپ، سيڻ، ڇَگ، مُونهه، ٿُمون، ٻُورهاڙو يا سُرهاڙو، ڪَتَڻ (سرهو وهاڻن ۾ وجهن)، ڊرپ، پُرت، ڊامڻ، مُرت. مرت جو وڏو ويڪرو ٻوڙو ٿئي. ٻوڪيل ٻجن مان ٻاجهري، جوئر، ساري، گوار، ۽ ٽر به ٻوڙا آهن. مال جي ڪاڌي جي لحاظ سان 'ٻوڙا' سڀ گاهه ۾ شمار ٿيندا. سڃاڻپ جي لحاظ سان ٻوڙا وڏا ڏگها، ۽ گاهه سنها ننڍا.

**ٻُوٽا**

هيٺيان ٻُوٽن ۾ شامل آهن: ڊراماهو، گهوڙا ول (ٻوٽو آهي پر ان نالي سان سڏجي)، ڪِرسڻ، ڏَڪڙي، لائيو (جنهن جي ڦري کي مهتبو ته تيل نڪرندو) ڪانڊيري، ڪانڊيرو. ڪانڊيرو ' ٻُوٽو آهي پر ويران پٽن ۾ جتي ٻي ڪاشيءَ ڪانهي اتي ڪانڊيرو به جڻ وڻ آهي، پهاڪو آهي ته:

جـــتي وڻ ناهي، تتي ڪانڊيرو به درخت!

**وليون**

هيٺيون وليون ٽر ۾ وس تي ٿين: ڏَڪڻ، گيگڙال، پگڙاول، توهه، تنگڙي، چيڙو، ٻڪڙو، ناڙو، گولاڙو، ميهو، ستي، واهو (پويون پنج وَهنديءَ تي به ٿين) ڪيرا ول، ڇِپري، ڪاتونبو، ڇلاندرو، ڳگريون وغيره.

**گاهه**

گاهن جو شمار ئي ڪونهي: هڪڙا وس جا گاهه جيڪي مينهن تي ٿين، ٻيا وهنديءَ (وهنڊڙ پاڻي) جا. پر ڪي گاهه وس تي توڙي وهنديءَ تي ٿين. ويڪر، لنب، ڪهه يا ڪيهه، ڪِرانجهه، ڳنڊير، وِنجهل، ڪُوري، مانڊاڻو، مانڊاڻي وغيره وس جا گاهه آهن. وس جو گاهه 'سانوڻي' ساڳيو وهنديءَ وارو 'ساوڙي'. ڪِهه

گاهه ڪچو هوندو ته سڀ مال کائيندس: مٺو، کير ۾ طاقت وارو آهي.
ـ پُرت. هن جو ٻج واريءَ ۾ گڏيو پيو هوندو ۽ برسات سان ٽر ۾ ٻاجهريءَ سان گڏ اپرندو. گڏ نه ڪيبي ته ڪنڊا اهڙا ٿي ويندس جو ٻاجهري لڻي ڪانه سگهبي.
ـ ڳنڍير. نرم توڙي کهري زمين ۾ ٿئي ۽ سيڪو مال کائيس. ٿوري مينهن وسڻ تي ٻين گاهن کان اڳ تيار ٿي ويندو. پڪو ٿي ويندو ته ڪارو ڪٿو ٿي ويندو ۽ مال ٻيا گاهه کائيندو جيڪي نوان ڦٽي ويندا. البت ٻيا سڀ گاهه برساتن کان پوءِ ريج سڪڻ تي سُڪي پڃي پري ويندا، پر ڳنڍير سڪو ته به پاڙون هنيو پيو هوندو ۽ سياري ۾ مال جو قوت گذران ٿيندو. جئن وٽن ۾ ڪرڙ تئن گاهن ۾ ڳنڍير. سڪار ڏڪار ۾ ڪم جو. ڳنڍير جي ڳُري ۾ ڳنڍين جي ڪاتوئي ڪونهي. انهيءَ ڪري نالو ئي ڳنڍير. شاهه جو بيت رسالي ۾ آهي ته:

جئن ڳنڊيون منجهه ڳنڊير، تئن مون مَنِ ماروئڙنِ جيون
پيـيـون لَس لطيف چئي، هِنيـڙي منجـهـه همـيـر
وڃي منجـهـه مليـر، سڀ ڇـوڙينديس سـومـرا.

ـ سيڻ. گاهه. خاص گهوڙو گهٽو کائيس. نندي ته ڪاري، جڏهن اچو سنگ ڪڍندي ته ٿيندي مِٺي.
ـ وِنجهل گاهه پاڙ ۾ سُرهو آهي. سگهڙن ڳجهارت ۾ به هن گاهه جو نالو آندو آهي ته:

ڏِيَٽي = اَچن ۽ ڪارن ۾ مونکي آهي گاهه ذاتين جي
پيـجـٽي= ڏينهن ۽ راتين ۾ مـونکي آهي ونجـهل ويڙيچن جي

- 'ڪُوري' انهي لحـاظ کـان عـجب گـاهـه آهي جو نڪرندي تـه شروع ۾ نرم ۽ سهڻي پر پوءِ جڻ ڪومائي بيٺي هوندي، شاعر چيو آهي ته:

عـمـر اوٺي آئيـو جنهن پـڪ ڏني پـوري
وٺـا مـيـنهـن ملـيـر ۾، ڪـومـائي ڪـوري

يعني ملير ۾ ته مينهن به وسي ويا ۽ ڪوري به ڪومائجي وئي آهي.
- ڏنهين. مـال جي پـاڳين جي هڪ روايت مـوجب، وڏي روايتي پـاڳـيي سـاري سنگهـار کان پڇيـائون ته مال لاءِ گـاهه ڪهڙو سـٺـو؟ چيـائين ته: "ڏِنُهين ڏنهين ڏنهين ....". پڇيـائون جـو ايترو تڪڙو ڇـو چـوين ؟ چيـائين ته: 'تَيـسين تائين

Gul Hayat Institute

سُڪي ٿي'! البت ڏِنهين ٿَر جو عام گاهه ڪونهين.

**پارهن ڪوهيي ٿر ۽ ٽڪر جا گاهه.** خيرپور رياست (هاڻي ضلعي) جو ايرنديون پاسو جيڪو ناري سان لاڳو اولهه طرف آهي ۽ مٿان روهڙي تعلقي جي حد کان وٺي هيٺ ڏکڻ ڏانهن نوابشاهه تعلقي جي حد سان ملي ٿو، ان کي عام طرح پارهن ڪوهن وارو ٿر، ٽڪر، يا گهاڙ چون. راقم ١٩٩٤ع ۾ (جڏهن گهٽا مينهن وٺا هئا) تڏهن ٩-سيپٽمبر تي ٽڪر گهميو ۽ هيٺيان گاهه، ٻوڙا، ٻوٽا ڏٺا.

- مکيه گاهه ۽ ٻوڙا جيڪي مال کائي: سيڻ (ڪانهه مثل، سنگ جهلي ان ۾ ڪٽڪ مثل ٻج)، مُونهه(وڏا ٻوڙا ٿين جو پاکر پري ڪٽي اچجن): ڪِرانجهه، بُرانجهه يا بريانجهه(ٻوڙو)، سٽي، مڪٽي، جهيرٽي، پُرٽ، قِريهه، ڏَڪڙي. انهن مان مال لاءِ سٺا گاهه پهريون نمبر قُريَهه (يا قِڙهه)، پوءِ سيڻ پوءِ بُرانجهه.
- هيٺيان ٻوٽا ڪاڻ لاءِ ۽ علاج لاءِ
- سُنپاتُ: ڪن جي سور کان، کاڙهي قَڙا ڪن ۾ وجهن
- سالار. ان جي پاجي ٺئي
- چِپري: طاقت لاءِ، گيهه ۾ تهندي
- بکڙو: زمين تي پکڙي
- سارنگ: بکڙي جهڙو، پر ڪنڍن سان ۽ مٿي اُسري
- منڊيري: گرمي کان، پڻ مردانه طاقت لاءِ گهوٽي تاڏل ڪري پين، ۽ پڻ پائنڻ ته پٽري کي ٻَاري ٿي.

**(الف) ناري جا گاهه.**

تاريخ ٨ فبروري ١٩٨٢ع تي قائم فقير پنيري جي ڳوٺ وڏي ڪچهري تي جنهن ۾ ناري تعلقي جي گاهن ۽ ٻوٽين بابت هيٺيون تفصيل مليو.

- قِڙه (ان ڏٺ طور ڪائجي) داڻن جو ڇڳو ٿئيس، پَلي ته مڙس جيڏي ٿئي: سِڻ وانگر پر گرين سان لامون
- سِڻ، وڏو ڏگهو: وڻ ڪري ليکجي
- لاٺيو. ٻوٽي وانگر هڪ پاڙ، پلو ته گوڏي جيترو.
- ڪَتَڻُ: ٻوڙو آهي، سنگڙا ڪري ۽ اَنُ ٿورو کارڙو
- بُرانجُ: لنب وانگر، پر سدائين سائو (ان ڏٺ طور ڪائجي)

**(ب) دوا ۾ پسار جون ٻوٽيون**

- چِپِري. جهنگ جو نالو ٻرمه، هڪ پاڙ وارو ٻوٽڙو، تڪيون منيون ٽين جن ڪي ڪير ۾ وجهي مائو ڪجي، حلوو ٿاهين.
- يَنگري يا اُٽنگڻ. هڪ پاڙ ۾ پوءِ ٻه لامون. هرهڪ ۾ سنگ جن ۾ ٻه ٽي داڻا. ٻوٽڙو آهي. (ينگرُو ٻيو، اهو دريائي پاڻي تي ٿئي. ڪني ڏاڙهونءَ جهڙا پنڙا).
- ٻريبڙ. ٻوٽو، ڏيڍ فوٽ ڪن- هڪ پاڙ- پن گهوڙاول جهڙا. اَنُ ٿئي ۽ رڏي وائي ڪان ڪارائين. وائي لاءِ ماڻهو توڙي مال جو علاج.
- ڪڪوڙو. ڪنن جي سور لاءِ، مينهن گهوڙي ڪي پيٽ جي سور لاءِ، اندر زمين ۾ وڏي گوگڙو جيڏو پتو قاتل ڪوڙو. بواسير جي علاج لاءِ ڪم اچي.
- گاميش. گوش موش ٻه چون، ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڪم اچي.
- اَگڻ- اَٽم. سارنگ وانگر متي اُسري، ڪِنڊڙا پر نرم. پٽري ڪي ٻاري
- زار داڻي يا 'ڪِيڙي گاه' (سنڌي)، گهٽيون لامون ٻوڙي مٿل، وارن ڪان توريُون تلهيون. هرهڪ لام ۾ ٻه ٽي داڻا جدا جدا
- ٻِيرانڙي. 'سنهڙو گاه.' پيشاب جاري ڪري. سوزاڪ جو ساڙو بند ڪري. 'هاڙهه' ۾ ٿاڌل طور گهوٽي پين.
- ڪوتڪ. پٽن جي ويرين يا پَٽين ۾ ٿئي ۽ زمين تي وڇائجي. پنڙا سفيد سبز، 'چار' جي رنگ تي. سم واري هيٺاهين زمين ۾ ٿئي. طبي نالو 'زخم حيات'. جراحت وارا ملم ۾ ڪم آڻيندا هئا. پيٽ مان سمڪيون ڪڍندو.
- ڪِرانجهه. وس تي ٿئي. گهٽيون لامون پر زمين تي وڇائجي وڃن. پراڻي تپ تي پوي، ۽ گهوٽي پيارين. 'عرق شير' دوا پراڻي تپ لاءِ، ان ۾ ڪِرانجهه توڙي ڪوتڪ جا ڪاگر جُزا.
- ٻراماهو. پَڪريز يا ٻِجَ ڪان ڪاڙهي پاڻيءَ سان وهنجارين.
- ڪَڙُولانيو: مَلي ڪان پسائي پيارو- پتر جهڙا پن- زرد نموني، ڪير ٿئيس.

● **شادي شهيد واري جبل جا گاهه.** ٩ سيپٽمبر ١٩٨٠ع تي ناري طرف پڇا لاءِ ويس ۽ سگهڙ نورمحمد شنباڻي ڪان معلوم ٿيو ته شادي شهيد جي جبل ۾ هيٺيون ٻوٽيون ٿين.

- سُنبات يا سُنپات. خوشبودار گاهه. پاءُ پاڻي ۾ ٻه تولا ڪاڙهجي. زڪام ڪان ڪاڙهي واس ڏجي، ۽ سور ڪان ڪَن ۾ ڦڙا وجهجن.
- هزار داڻي. وس تي ٿئي، هن جو شربت دم لاءِ ۽ مغز جي ڦيري لاءِ ڪارگر
- ڇپري. وسي جو گاهه. ڪنڊن واري آهي. سڄو ٻوڙو پٽي ڇانوَ ۾ سڪائي گهوٽي اٽو ڪري ڪير ۾ رڌي رات جو رکي ڇڏجي ۽ صبوح جو کائجي. گرمي ڪان ٻه گهوٽي ٽادل ڪري پيئن

● فقير پيربخش ٻگهي جي دعوت تي، قائم فقير پنيري سان گڏ، تعلقي ناري جي ٽيپي جُبي ۾ 'تڙ ٻانڌيو' تي، فقير گل محمد ٻگهي وٽ ڪچهري ٿي جنهن کان اتي جي هيٺين گاهن بابت معلومات ملي.

- ٽن وڻ مان ڪئونر ملي. ڪُونيٽ مان ٻاڙهو ڪُونر جيڪو پيٽ جي 'ڇِڪي' جو علاج. ٻائور جو ڪئونر ڇيلهه ۽ لڱن ۾ سُور لاءِ مفيد ۽ ان مان 'پيو ٻگهڙو' به ستو ٺهندو. ڪَنڊِي سياري ۾ وڌي ته ڇيٽ ۾ ڪئونر ڪندي جيڪو ٻاڙهو ۽ بعضي اڇو. ڪئونر پهريون نمبر ٻائر جو، ٻيو نمبر ڪونيٽ جو، ۽ ٽيو نمبر ڪنڊيءَ جو.
- ڦوڳ جون سڪل ڪاٺڙيون ڪاڙهيون ته پاڻيءَ جو رنگ ٻاڙهو ٿي ويندو. ڪنڊر وجهي پيئبو ته ڇاءِ جي ٻاڙ لهي ويندي.
- ڪِپَ وڻ (ٽڙ ڪي 'مُنڊ'، ڊگهي لام ڪي 'ٺُهائِي' ۽ ان مان ڦٽل سنهڙي لام ڪي 'ٽُڳِي' چئبو) گهٽو ڪم ڏئي، چونئرا ۽ مَنهن ٺاهجن ۽ نوڙيون وٽجن.
- سِڻُ. سِڻَ جي سنهين لامن جي ڇڳ يا مُوڙي ڪي نودِي چئجي جنهن سان ڇئونري جي چوڏاري پَٽي ڏجي. اي سڄاڻ! هيءَ لفظ نودي دودي- چنيسر جي قصي جي بيتن ۾ به آيو آهي. چنيسر ڪي جڏهن ماين مهڻا ڏنا، تڏهن پاڻهي پاڻ ڪي ڇيائين ته:

هِلان ته هورو پوان، ويهڻ مــون نه جُڳاءِ
نِڪري نودِيءَ مئون، توڪي سَپُ چنيسر ڪاءِ

('هورو پوان' معنيٰ هلڪو ٿيان يا ڄَلان ۽ سڙان. سپ چنيسر ڪاءِ= چنيسر ڪي ڪو نانگ (سپ) کائي!)

- ڇَپري يا ڪُنا ڍال. وَس جي ٻوٽي. جِريانَ (پيشاب جي تڪليف) تي پوي. ان

جون ڪچيون ٽڪيون ٻار کائين، ۽ پڻ ڪير ۾ رڌي کائجن.
- منڊيري. طاقت لاءِ گهوڙي پيئبي.
- ڦيرَ گاهه (سنهين لامن سان)، ۽ مُونِهه گاهه جنهن جي پاڙ ۾ ٿُمَ يا ٿمون، ٻئي مال لاءِ سٺا گاهه آهن.

ناري ۽ اچڙي ٿر جي ڪن گاهن ڪي جيڪي وس تي ٿين، تن کي شاعر عظيم مهر (مارئي جي زباني) هيٺين بيت ۾ بيان ڪيو:

ساراهيان سچو ڌڻي جيڪو مالڪ آهي ملڪن
آندي هئي عمرڪوٽ ۾ نماڻي نيَرن
قادر مُني ٿئون قيد ڪٽي ملي سان مارن
وڻڙا مينهن مليرَ تي آڳاڄ ٻڌي گاهن
ڦير ڦٽي، ڦوڳي تي، ڏيهه پڪو ڏونئرن
پپون پيرون پاند ۾ ڪونر خوشئون کائن
مُونهه منڊيري موڪ تي، تا هرڻ گاه چرن
ڏڪڙي ڏامڻي ديس تي، پڪڙو پُرت بُرانج پٿن
سيڻ ساماٽي، هزار داڻي، ڳهلي ڳنديرن
لنب، لاٿيو سرهل سَيَنِ ويڪَر پنڱري هلڙو
حاضر تن
ڪڙوءَ - وَل، سَنَاوڙي، ويڪر، ٽرنگ پريا توهن
نَدا وَل تي چڙهي وٽين، چڪَ چڙهي چونئرن
ڪَرُو، ڪَرسڻ ٻَرُو ٻانور ليڙا تا لڏجن
ايڪڙ گاهه عظيم چئي، ڪپ خوشيون پيا ڪن
مهر چوئي ماڳن، تر ۾ توڪ پچي پيا.

● **روهي جا گاهه:** اڳين خيرپور رياست جي جُبي ناري (ناري ڪان اوپر) واري پاڳي ۾ ايراضي جو هڪ ويڪرو پٽو ڏکڻان اچي ٿو ۽ مٿي اتر طرف وڃي ٿو، پوءِ اتان اڳتي مير پور ماٿيلي ۽ اوباوڙي تعلقي کان بهاولپور طرف وڃي ٿو. هن پٽي کي 'روهي' چئجي ٿو جنهن ۾ هيٺ زمين ۾ جَر جو پاڻي ڪونهي، ۽ ورلي ڪو ڪٽي آهي ته به کڙو. هن پاڳي کي ڏسڻ لاءِ راقم ٽي چار سفر ڪيا.

چونڊڪي وٿان نارو ٽپي، پنهنجي يار قائم فقير پنيري (اهو نالو منهنجو، عام طرح قائم خان سڏجي ) سان گڏجي، قادن واري ڪان پهريائين سگهڙ ٿُوهر فقير پنيري وٽ سومريجيءَ تي، ۽ پوءِ متي مڪان ڳوروراي ۾ تاريخ ٥ - ڊسمبر ١٩٨٨ع تي متو فقير مگريي ۽ ٻين پائرن فقيرن جا مهمان ٿياسون. اتي جي گاهن ٻوٽن بابت پڇا ڪندي هيٺين معلومات ملي.

- ڳائي مال لاءِ سٺا گاهه: سيوڻ ( سيڻ)، ڳنڊير، لنب، ٻُراند، ڊامڻ، ڪُوري
- سنهي مال ٻڪري لاءِ: سَيَنُ، سارنگ، پڪڙو ( ٻڪڙو)، ڏوڙچپري، ڏاليچپري، ڏنار ڪٽوري، ڪِنِي ٻوٽي، هرڻ گاهه، ڦوڳ، مرٽ ( ٻُوڙو) وغيره.
- اُٺ لاءِ: ڪبڙ، لاٽو، پنگري، لائيو، ڊراماهو. ' لاٽو ڏڪارجو گاهه آهي': جڏهن ٻيو گاهه نه هوندر ته به لاٽو هوندو. گهوڙي لاءِ ڊامڻ آمڻ آهي.
- اهي ٻوٽيون جيڪي علاج ۽ دوا طور ڪم اچن. ڪَرسَڻ (هٿ ڪ جي زبر سان) ڊراماهو، ڏال چپري، هزار داڻي، منڊيري، ڏئونر ڦُلي (اچي ڦلڙي واري )، ڪتڻ، سون اَڪڙي، سُجاتو (پڻ سِجاتو يا سجائتو) يا 'سرجن ٻوٽي، سج جي ٻوٽي به سڏجي، ۽ پنگري (= ڪاري اُٽنگڻ، اچي پنگري بيڪار آهي).

## ڇِپر (جبل) جا گاهه

ڇپر( سڄي ڪوهستان) ۽ ڪاڇي جي گاهن ٻوٽين جو تفصيلي مطالعو نه ٿي سگهيو. البت راقم ڪوهستان ۾ مَهير جبل ڪان اوپر ۽ اتر وارن پاڳن ۾ پڇا ڪئي. ١٩ فبروري ١٩٨٥ع تي عبدالله ڳوٺ ديهه 'واڻ ڪَنڊ' ۾ ۽ پوءِ پهرين نومبر ١٩٨٥ع تي 'جهنگ ڪنڊ' ۾ ميان جان محمد رونجهي جي ڳوٺ ڪيل ڪچهرين مان هيٺين معلومات ملي.

- **مال جي لاءِ سٺا گاهه:**

ڪَتڻ ۽ چوپارُ مال لاءِ پهريون نمبر. چوپار متي جبل ۾ سڄو سال سدائين ٿئي؛ وڏي هيٺ آڻين تي به اڌائي فوٽ کن ڊگهو. هڪ ڏڳي گري هئي جنهن لاءِ چيائون ته چوپار چاريوس، پر ڏهائڻ وقت لت هڻي هٿائين سو مائي چيو ته :

گَرِيءَ اهڙا گُڻَ ئي ڪونه ڪيا، جو چوپارُ چَرندي

— ٻُوتار ۽ ٻيو سانوٽي. ٻئي مال لاءِ ٻيو نمبر سٺا.

۾ ويڙهي، ڪِرَ ۾ پوري گرم ڪري، ڏک ۽ زخم تي تاڪوري ٻڌندا.

ـ ٽنيو (= رتن جوت). ان جو پاڻي اک ۾ وجهندا ته سور واري اک مان پاڻي سمندو ۽ اک ٺري پوندي. پاڙ پٽي صاف ڪري اک ۾ گهمائيبي ته ٻه ٺاريندي

ـ وِهِر، يعني توهه جيڪو دوائن ۾ ڪم اچي

ـ سِج ول. (بلوچڪي. روش گروه) ٻوٽو آهي جنهن جا پن سج ڪي سامهان هوندا. ٻڻ (پاڙ) ڪان وٺي سج ڏي ڦرندي. چوتي ۾ سَنگ جيڪو علاج ۾ ڪم اچي.

ـ سونيري، سونهري ول اها گهوٽي ڇاڻي پِئبي

ـ منڊيري، گرمي ڪان، طاقت لاءِ، گهوٽي ٺاڏل ڪري پِئبي

ـ ميک وَل (ميخ ول، ميخ= ڪلي) اُپا ڪنڊڙا اٿس جيڪي سڪڻ ڪان پوءِ لڳن. ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي پيبن، گرمي گهٽائڻ لاءِ ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ.

ـ هزارداڻي. ڪُٽي پاڻي ۾ ڪاڙهي، ڪانٽريون ۽ ٻج ڪڍي، پاڻي پيـاريـندا. پيشـاب هلائيندي. (سج. ول، ميک ول ۽ هزارداڻي ٽيئي وس تي ٽين.) پيون ٻه ٻوٽيون ٽين جڻن ته 'جونکار' ٻوٽي.

ـ هنجهو، ٻوهه جي نموني پر ننڍو، ڪاڙهبو ته ميندي جهڙو رنگ

ـ رِيچاڪ : ول، نوڙين وانگر، موسمي ٻري(مليريا) لاءِ پيارين، جلاب هلندو ۽ موسمي تپ ڇڏي ويندو

ـ سونا ٻوٽو : جلاب لاءِ، ٺاڻي بولا خان ۽ ٺاڻي احمد خان طرف گهڻو ٿئي.

ـ حسين ٻوٽو : ننڍو ٻوٽو، ڪٽي ڪٽي ٿئي، گرمي، تپ ۽ اِنمَرائي(اڻ صحت واري حـالت) لاءِ گـهوٽـي ڪاڙهي پيـاريندا ٻار اِنمَرو هـوندو ته چـوندا ته 'حسين ٻوٽو پياريوس'

ـ نڙو ٻوٽو : مال ڪائيس. بلا ڪائيندي ته گهوٽي چڪ واري زخم تي ٻڌندا

ـ ڊراماهو : ڪاڙهي گهمائيندا ته ڳجي ڪندو، مَلي واري ٻار ڪي ان جي پاڻيءَ سان وهنجاريندا

ـ ڪِرمَت : توهه وڏو، هي ننڍا ٽين ۽ سخت ڪڙا، تپ ڪان جلاب ڪري ڏيندا

ـ لَنبو : صابڻ ٻوٽو. پٽبو ته هٿ سٽيا تي ويندا، ڪٽي پاڻي ۾ وجهي، ٺهڪائي، ڪپڙن ڪي ملیندا مهٽيندا ته صابڻ وانگر صاف ڪندو

ـ ٽوهر : اڳ ٽوهر جي ڳنرن مان بندوق جو دارون ٺاهيندا هئا، اک جي ڪاٽي

Gul Hayat Institute

ساڙي ان جو اگر بہ بندوق جي دارون ۾ وجهندا هئا

## ٽر ۾ وس جا گاهہ

(الف) ننگرپارڪر ۾، سگهڙ وريام موسي پوٽي ٽيهي سال گڏ ڪارونجھر جي هڪ ٽوري ٽڪر جي گاهن ٻوٽين ڪي ڏسي سگهيس. وريام مَهوَسين مان گڏ هليو هو ۽ ڪيس ٻوٽين جي چڱي ڄاڻ هئي، ٻيو وڏو سگهڙ ڏاڙهون شيدي (ويٺل ڊرهہ تعلقو ننگرپارڪر) جنهن سان ١٩٧٥ع کان وٺي پٽي ڪچهريون ٿيون آهن. تنهن سان ١٤ سپٽمبر ١٩٧٥ع تي خاص طرح ڪارونجهر بابت تفصيلي ڳالهہ ٿي. انهن ٻن سڄاڻن کان ۽ پڻ ٻين کان تصديق ڪئي وئي تہ ننگرپارڪر وارن جبلن ۽ ٻي زمين ۾ هيٺيون ٻوٽيون آهن جيڪي علاج طور ڪم اچن ٿيون.

- هَنجها وَل: زال يا مال جو ڦر 'ڪُهائو' ٿئي، ڇم جي تڪليف ٿئي، يا ڄَر نٿي اچي تہ پن ڪاڙهي پياريندا. مريض پيڻ کان پوءِ ڏَڪ ڪري سمهي رهي. تڪليف ٿئي تہ ڪنڌ جو شربت اُتار آهي. هي ول هميشہ بيٺي آهي.
- اَڊائي پَتي: وس جي ٻوٽي. ڏاتو مارڻ ۾ ڪم اچي.
- راٽ: ميندي جي پنن جهڙا پن، سنڌن جي واءَ لاءِ. سدائين بيٺي آهي پر فقط گهَتياري جبل تي ست ٻوڙا آهن.
- گڻ ويل: ننڍڙو ٻوٽو. ان جي ڇانءَ وارو پٽ سٽيو ٽيو پيو هوندو. پاڙ هيٺ وڃي جنهن ۾ ڇهہ ست ڳنڍيون. ڳنڍ ڪي وڌبو تہ رت جهڙو رس نڪرندو. هيٺين ڳنڍ اثر ۾ وڏيڪ. مرداني طاقت ۽ رت صاف ڪرڻ لاءِ فائدي واري. سدائين بيٺي آهي.
- ڳڙويل: ڦٽ تي پوي. پن ٻڌجن تہ ڦٽ مارجي ويندو.
- ڪُئا ڪَني، مُوش ڪني يا چوهاڪني (اهي سڀ نالا). گرمي، مثاني جي اصلاح، پيشاب هلائڻ لاءِ فائدي واري. وس جي ٻوٽي آهي.
- گِٽڪيڙي. ٻوٽو، تالهي جي پن جهڙا پن کهرا سَين وارا. هٿ هٽبو تہ ايذاءِ ايندو. پاڙ پوري ۽ بعضي موري کان بہ تلهي ۽ وڏي- مال ۽ جانور جي هڏ ڀڳ لاءِ ڪم اچي.
- لُودر ڪيس: ٽي-بي لاءِ، وس جي ٻوٽي آهي.

هاٿي سونڊي: وس جي ٻوٽي آهي. ڏاتو مارڻ ۾ ڪم اچي.

Gul Hayat Institute

ـ ڄنسا ٻوٽي. ٻڌي جي مينهن تي جبل جي پاڻي وارين گهارڙين ۾ ڪنيي وانگر اُڀري. خوشبوءِ واري. رنگ ٿڙ ڪان چوٽي تائين سونَ وَرنو. ڪنهن پٿر جي پوڙيان لِڪ ۾ هوندي.

ـ ليزم ٻوٽي. سائي ڇهچ ٻوٽي. سج اڀرڻ وقت گل ڦڪو ٿڙيل هوندو. سج لهندو ته ٻوٽجي ويندو. ماڻهو ڳالهائيندو ته ڄڻ شرمائجي: ليزم ٽي، مرجهائجي ويندو.

ـ اُٽنگڻ. وس تي پارڪر ۾ گهٽي ٿئي. طاقت واري، ڦڪين ۽ معجونن ۾ پوي.

ـ نورول. هيٺ ٿلهو ٿڙ، وڻ تي چڙهي. ٻي هر ول سبتو ور ڏيندي پر نورول ابتو وٽ ڏيئي چڙهندي. هيٺ پاڙ ۾ ڪوڏير جهڙي ڳنڍ پر سخت ڪڙي، چڪبي ڪانه.

ـ گهوڙاول. پاڙ ڏونري جي پاڻي ۾ گهي ڏبر تي هٽبي ته ڏڌ ڌرختم (مجرب)

ـ ڪوراڙول. وسڪاري جي پڇاڙيءَ ۾ پچندي. پن سڪائي رکن. آرهڙ ۾ روزانو صبوح جو نيرانو گهوٽي پيئن، ذات ڪي گهاتو ڪندي.

ـ گوڪرو ڪاني. ڪارونجهر ۾ ٿئي، تِڪنڊِي جهڙي. پٽي، پاڻيءَ ۾ ٻوڙي مٽي ڪبي ته پاڻي جي لار لڳي ايندي. ڄريان لاءِ ڪم اچي.

ـ بچنانگ. وَس تي جبل ۾ ٿئي. هڏ سُڪي پوي ته ڪاڙهي ڪارائجي.

- ڦاڪ. ول آهي، اڇو گل، وڻ تي چڙهي

- ڪيسو ڦل. وڏو وڻ جنهن ۾ ڳاڙها گل

ـ رتن جوت، جبل ۾ ٿئي. طاقت لاءِ ۽ پڻ سلهه ۽ واءُ لاءِ مفيد.

ـ ڪَرَسَڻ ٻه قسم. هڪ گاهه نموني، اڇا ننڍڙا گل، ڪائبا ته ڏندن ڪي چنبڙي پوندا. ٻيو قسم ڪاڻ پن ٻوهه جي پنن وانگر. گل جو رنگ مٿان ڪارو ۽ ڪولبو ته اندران هيڊو. دوائن ۾ ڪم اچي. ان جي سپ ڳولا ڪن.

ڪرسڻ ٻوٽو. پاڙ ڪان مٿي اُسري، ميهي جي ول جهڙو وکرو. اُن ۾ ڏينا ٽين جن ۾ سرهاڻ جنهن تي ڀؤنر ڀرن. مومل راڻي جي قصي جو بيت (مومل جي زباني) ته:

ڪرسڻ ڪاڪ ڪنڌين ۾، لوهيٽري لالون
ميڙ مُنجهيي ميندرا، سارين ئي ساليون

سان لاڳو گهٽي ٿئي.

- لُلر. گڙدي جي سور ڪان گهوٽي پيارين.
- چار. اچي پيرون واري ساڏوهي چار، تنهن جي پنن جو گرم پوپو پاسي جي سور لاءِ. پڻ چار جي پنن جو رس، تنهن ۾ ڳڙ وجهي تيل ۾ لپري ٺاهي ڪچي ماني جي پاسي سان هٽي، گوڏي تي سور ڪان ٻڌن.
- توهه. توه جا ٽڪرا ڪٽي، ٿالهي ۾ وجهي، ذيابيطس وارو پيرن سان انهن کي لتاڙيندو ڦيرائيندو ته فائدو ٿيندو. توهه، سائي ڪامڻ ۽ جلندر لاءِ پڻ دوا طور ڪم اچي.
- ڪرڙ. ڪرڙ جو اڱار گيهه ۾ وسائبو. پوءِ گيهه ۾ گهوٽبو، ان کي گيهه ڪٺائبو ٿي چار ڏينهن؛ پوءِ اهو ميڻ مثال ٿيندو. رات جو اڌ تولو ڪن يا گهٽ ڪير سان ڪارائين ته ڀڳل هڏ کي فائدو ٿئي. چندرس ۽ ڦٽڪي ڪان به وڌيڪ فائدي وارو.
- ٻَڪڙو يا ته- ڪنڊي. پيشاب ۽ رائو ڪڍي.
- وڻ ڳانيال جيڪو سدائين بيٺو آهي ۽ ٻڌي (سيپٽمبر) ۾ ڦر ڪري. ان جي سنهي پاڙ ڪاڙهي، ڪنڊ ملائي پيارين ته ڪِچ (ٿورو پيشاب ۽ ساڙو) کي بند ڪري.

(ج) ۴ نومبر ١٩٨٢ع تي ارباب فيض محمد جي مهماني ۽ مهرباني سان ترائي ۾ وڏي ڪچهري ٿي. رامجي گُرڙي سان رهاڻ مان معلوم ٿيو ته ٿر ۾ ڏيپلي واري پاسي هيٺيون وس واريون ٻوٽيون علاج لاءِ ڪم اچن ٿيون.

- ڪُنا ڏال. گرمي، جريان بواسير لاءِ
- ٻِرما ٻوٽي: ٽانڪي، پرميل، مرگهي، پراڻي بخار، آنڊي جي سرطان (ڪئينسر) لاءِ
- ڪارو پنگرُو: نزلي لاءِ
- اڇي آڏيري. ڦڦڙن لاءِ ۽ دم لاءِ نهايت مفيد
- پٽ ڪنوار. ٻرهال ۽ پيٽ جي بيمارين لاءِ
- ڏرار ڪتوري: 'ٻاراٽي' (ٻارن جي بيماري) لاءِ
- رتن جوت. گرمي لاءِ، پرميل لاءِ، جريان لاءِ

Gul Hayat Institute

مانڏاٿو، مانڏاٿي (ٽيون نمبر) ڪِوائي، سانوڻي (چوٿون نمبر) پُرٽ.

**بدين تعلقي جي ڏاڪڻين ڪَس جا گاهه.** ٣ ڊسمبر ١٩٨٩ع تي انهي ڀاڳي ۾ پڇا ڪرڻ جو موقعو مليو. معلوم ٿيو ته هاڻي سم نالي ۽ سيلاب سببان گاهه گهٽ آهي پر اڳ هن ڀاڳي ۾ ڪَل، ڊرڀ، ڏِنهين، لِچڻُ، ۽ ڏامور گاهه ٿيندا هئا. هينئر البت جَهڪِين جاين تي اوِئن ۽ لُئانڊري ٿئي ٿي. ڍنڍين ۾ اندر ڏِير آهي.

**پاڻي جا گاهه.** هر گاهه پاڻي تي ٿئي، پر 'پاڻي جا گاهه' اهي جيڪي گهڻي پاڻي تي ٿين يا پاڻي ۾ اندر ٿين. منڇر، ڪينجهر، سونهري ۽ ٻين لاڙ توڙي اتر وارين ڍنڍين، ۽ اوپر طرف بَڪار وارين ڍنڍين ۾ ۽ پڻ سامونڊري ڪناري لڳ سمنڊ جي پاڻي ۾ اهڙا گاهه ٿين جن ڪي ميڄي ڪائي. اهي ميڄي جو ڪاڏو آهن ۽ انهن ڪي راقم پنهنجن ٻن ڪتابن 'مٺي جي ميڄي' ۽ 'ڪاري جي ميڄي' ۾ بيان ڪيو آهي. ڪاري واري ڀاڳي ۾، سمنڊ جي ڪناري لڳ، سمنڊ جي وڏن واهڙن ۽ دريائن ۾ پاڻي پيو لهي چڙهي، ۽ جتان پاڻي لهي اتي رَءِ چڏي ۽ پلي زمين ڪڍي. اهي پَلَ سڏجن. ڪاري جي پَلن جا گاهه جيڪي راقم ميرپور ساڪري، ڪيٽي بندر ۽ شاهبندر طرف ڏٺا تن بابت اتان جي جاڻن ماڻهن کان، ۽ خاص طرح وڏي سڄاڻ ۽ وڏي لائق دوست حاجي محمد سوڍي مرحوم (لڳ ميرپورساڪرو) کان پڇيو. چيائون ته مال (ڳئون، مينهون، اٺيون) لاءِ، ڪاري جا هيٺيان چارگاهه مکيه آهن.

- سونهڻ: سڀ کان پلو ۽ مٺو، گوڏي جيترو ٿئي. شاهبندر لڳ مون ڏٺو ته مينهيون پاڻي ۾ اندر منهن وجهي سونهڻ پٽي پيون کائن. سُونهڻ جي چاري وارو کير به مٺو ۽ سُرهو. سونهڻ ڪاري پاڻي ۾ آهي ته به مٺو، ۽ ڪاري پاڻي هوندي به پنهنجو مٺو ساءُ نٿو مٽائي. ڪنهن سالڪ انهي حقيقت تي سهٹو بيت چيو ته:

ڪاري جيئن ڪَرَنِ، وَنگ مڙيئي واسِيا
پر سُونهڻ جئن سيڻن، مٺو ساءُ نه مَٽِيو

(ڪرن رقيبن ڪاري پاڻي وانگر سڀ ونگ واهڙ ڪاري جي بوءِ سان واسي ڇڏيا، پر پيارن سڄڻن (سيڻن)، سونهڻ وانگر، پنهنجو مٺو ساءُ نه مٽيو.)

- ساموندري، هي گاهه ايترو منو ناهي جيترو سونهڻ، پر طاقت ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي جو مال گهڻو متارو ٿيندو.
- لورانبو، ۽ 'پاڙ' اهي ٻئي ٽئين نمبر ۾ پيلا آهن. ٻنهي کي مال کائي. گاهن کانسواءِ، ساموندري دريائن جي پيٽارين ۾ ٽمر وڻ جا پيلا آهن. ٽمر وڻ اُٺ جو کاڌو آهي.

Gul Hayat Institute

# ڏٿُ ۽ ڏوٿي

پورهيي ۽ محنت جا قدردان سڄاڻ نوجوان! اڄ ته توکي ماضيءَ جي هڪ وڏي پورهيي يعني ’ڏٿ ڏورڻ‘ جي حقيقت سمجهايان. گهڻا پڙهيا ’ڏوٿي‘ جو لفظ استعمال ڪن ٿا پر ڪين نه ’ڏٿ‘ جي ته نه ’ڏوٿي‘ جي پوري خبر آهي. ڏٿُ جهنگ جي گاهن، ٻُوڙن، ٻوٽن، ولين ۽ وڻن جو ٻج يا ڦر آهي. هر مُند جو ڪونه ڪو ڏٿ آهي، پر گهڻو ڏٿ سانوڻي ۽ سَرءُ جو، يعني سانوڻ جي مينهن تي ڦُٽل گاهن ٻوڙن ٻوٽن ولين جو جيڪو پوءِ سَرءَ ۾ پچي پڪو ٿئي.

انسان جي کاڌي قوت لاءِ جيڪي زمين جي اوپڙ (وڻن، گاهن، ٻوڙن، ٻوٽن، ولين) مان دستياب ٿئي، ۽ جيڪو جهنگ جهر مان بنا روڪ ٽوڪ جي چونڊي ميڙي سگهجي، سو ’ڏٿ‘ آهي. انسان پنهنجي اوائلي زندگي واري دور ۾ ڏٿ تي ئي پَليو. ٽر بر، جهنگ جبل ۾ رهندڙ غريبن جو گذران ڏٿ تي ٿيو. سنڌ جي اوڀر ۽ اولهه، ٿر ۽ ڇپر ۾ رهندڙ غريبن ويندي ويهين صدي جي شروعات تائين ڏٿ ڏوريو: يعني گذران لاءِ ڏٿُ ميڙيو چونڊيو. جن جو گذر ڏٿ تي هو ۽ جيڪي سڄو ڏينهن ڪشالا ڪري جهنگ جهر ۾ ڏٿ ميڙيندا هئا سي ’ڏوٿي‘ سڏيا ويا. عام اصطلاع ۾ ’ڏوٿي‘ معنيٰ اهڙو غريب جنهن جو گذر ڏکيو هجي؛ خاص معنيٰ ۾ ’ڏوٿي‘ اهو جنهن جو ڏنڊوئي روزانو صبح جو سوير ڪاهو يا کَهو (ڪوڏر مثل، ننڍي سوڙهي منهن ۽ ڏگهي ٻِن سان کَهيڙو) ڪٽي ڏٿ ڏورڻ. ’ڪاهوڙي‘ وڏا جفاڪش ۽ محنتي هئا جن جي مثالي ڪردار ڪي شاهه عبداللطيف سُر ڪاهوڙي جي بيتن ۾ بيان ڪيو ته:

اتيو اتيو ڪن، ڏوٽيئڙا ڏٿ ڪي

ڏٿ چار قسم آهي: اَنَ جو ڏٿ، ٻاجهيءَ جو ڏٿ، ميوي جو ڏٿ ۽ باقي ٻيو ڏٿ. اڳ وڏا وڏا ڏڪار پوندا هئا ته ماڻهو ڪَنڊيءَ جو ٻُڪ به کائيندا هئا. ’ست-ڏڪارِي‘ معنيٰ ست سالا سانده ڏڪار؛ معلوم ٿيو ته اهڙي حالت ۾، ڪَنڊيءَ جا ڇوڏا لاهي، ٻُڪ وڍي سڪائي، ڪُٽي پيهي، ان ۾ ٿورو اٽو ملائي ماني پچائي کائيندا هئا. ڪڇهريءَ ۾ هڪ سياڻي چيو ته اهڙيءَ حالت ۾ به ”مايون پنهنجي لڄ پت ۾ رهنديون رهيون“. ٿر جون سوڍيون هميشه حجاب ۾ رهيون؛ ڏڪار

Gul Hayat Institute

هوندي بہ پرديس ۾ وڃي پنڻ سندن واسطي عيب هو. سندن اخلاق بابت مشهور بيت تہ:

ڏنگھا آڇ مَ تن کي، ڪاسا جني ڪم
پنندي پرديس ۾ تن سوڙين ٿئي شرم
اُتن گھٽي ادب سان، ڳالھائين نرم
قادر ڪر ڪرم، تہ ٿئي وس ولھار ۾.

هن ويھين صدي جي وچ ڌاري ڏٿ چونڊڻ واري محنت ختم ٿي وئي. شايد انھيءَ ڪري جو ماڻھو سکيا ٿي ويا! تر جي هڪ سگھڙ جواب ڏنو تہ: سکيائي ڪانھي پر هلاڪي نٿي پڄي!

● ان جو ڏٿ. هيٺين وٽن، ولين، ٻوٽن، ٻوڙن جو ٻج، 'اَن جو ڏٿ' آهي: اهو ٻج پيھي اٽي طور ماني ۽ ڪاڌي لاءِ استعمال ڪبو.

– ڦِڙهہ. هن 'ٻوڙي' جو ٻج جنھن جي اٽي جي ماني ٿئي. ڦڙهہ جي ٻُوڙي جو نالو ئي 'ٻُوڙو' آهي، جيڪو وس تي ٿئي. ڦڙهہ کي جَنڊري تي ڦِرڙي، پوءِ پيھي ٻاجھري جي اٽي سان گڏي ماني پچائبي.

– توهہ جون ڪِريون (ٻج). توهہ وڃي تڪرا ڪري ڪڏ ۾ پوري پڌبا. ڳچ وقت کان پوءِ ڪڍي ڪُٽبا ۽ ڇاڻبا تہ ٻج جدا ٿي پوندو. ڌريا تہ انھن جو ڳپ نڪرندو. ٻوري ان جي ۽ ٻوري ڪُرين جي گڏي پيھبا، ۽ مانيون ٺينديون.

– ٻَروُ. جوار جھڙو ڌگھو ٻوڙو. ان جي ٻج ۽ اٽي مان ماني پچائجي.

– ڊِريَبڙ. اَنَ جي ڦري ڪچي تہ ياجي ٿئي، ۽ پڇڻ تي اندران ٻج جيڪو پيھي ماني پچائجي.

– ڪُوري. ٻج، پيھي اٽي طور کائجي.

– مرٿُ. ٻج، پيھي اٽي طور کائجي.

– ڪونيت وڻ جي چيڙي جو ٻج. اَن سان گڏي پيھبو ۽ اٽي مان مانيون.

– ڪوهستان ۾ پوئي، مِرچِي ۽ لَنب جو ٻج ڏٿ ڪري کائبو هو. مِرچِي جو داڻو جيري جي رنگ تي پر گول.

– پُوتار. گاهہ جو ٻج، ڪوهستان ۾ ٿئي.

– ڊامڻ جو ٻج، تر توڙي ڪوهستان ۾ ٿئي. گھوڙي لاءِ ڊامڻ آمڻ آهي.

Gul Hayat Institute

ٿئي.

ـ ٻاگو. ٻاگو وڻ (ٿر ۾)، گل پيئرو (پيلو)، جنهن مان ٻاگو، ڪڪي رنگ تي، چِل لاهجي ته اندران ٻاڙهو جيڪو ڪائجي.

ـ گولاڙا، ليار، ۽ گانگهيتا پپون ۽ پيرون ميوَن جي ذَت ۾ شامل آهن.

ـ ٻاگيا ول، به چون ساهر.

ـ جهنگ ۾ ولين جا چانهان، ڪاڙينگ (گول) ۽ آل (ڊگهي چانهين)

ـ چيڙ، چيڙيون، جيڪي ٻاڙها تي ڇٽن. وڏو چيڙ جنهن کي 'مُٽ چيڙ' يا 'مُٽ ڪوتينيڙ' چون.

ـ سَتي يا سناوڙي، ناري طرف سناوڙي.

ـ ڏوڏا. ڪاوَڙ (ناري جي پريان اتريون ٿر) ۾، ٻوڙو آهي. پن اڪڙي جهڙا سائي رنگ تي، ڪير جهڙو ساءُ

ـ جاگرُا ٻير ۽ سگر جيڪي پڪا تي هيٺ ڇٽن.

ـ ڪوڊير. پاڙ ۾ پتاڻي جهڙو، ڪير ۾ ڪاڙهي مصري وجهي ڪائن.

ـ پپون، مُرٽ جي پاڙ ۾ ٿين سي ڪٽمنڙيون. پپون ۽ ڏونرو گڏي گائيو ڪن

● باقي ٻيو ذَت.

ـ پَٽ ڪنيي، جيڪا ٿر ۾ هيٺ ميدان ۾ ٿئي. چپر ۾ نالو ڦنگي، ڦونگيون

ـ وڏو ڪُنپ. ٿر ۾ مٽي پَٽَ تي ٿئي. چپر (ڪوهستان) ۾ نالو اَتانگر

ـ ڪَئونرُ. ٻائري جو (ٿر)، ڪُونيٽ (ٿر) يا ڪيرَ (چپر) جو، ۽ ڪنديءَ جو (ٿر).

اي سجڻ! وري به 'ذَت' جي حقيقت سمجهه: ذَت ان کي چئجي جيڪو بنا پئسي ملي، بنا پوکڻ جي ٿئي ۽ بنا سنيارجي پچي. شاهه جي رسالي جو بيت (سر مارئي) آهي ته:

پاٽهي پَچي پيئـيُـون رِءَ واهِيَت رِءِ واڙِ
جُوءِ ڪُشادِي جيڏيين، مليرُ موڪ مهاڙِ
اُت اباڻا جنهن جا سا ماڙيين مُورِ مَرچاڙهه
جي اُڪنديُون آراڙِ، لوهه تَني کي لاهيين!

يعني وَليون بنا ڪنهن واهيءَ جي ۽ بنا ڪنهن لوڙهي جي جهنگ ۾ پاٽهي پچي پييون. آراڙ (آرهاڙ) يعني 'آرهاڙي ذَت': اهو ذَت جيڪو آرهڙ يا آرهاڙ ۾

(ساڪري جي ٻولي)= سگر. ڪوڪڙ=سڪل ٻيرون. ٻر، ڱمون، ڪک منڊيٺرو بہ ڏٽ آهن پر آءٌ ڏسي نہ سگهيس. ڪٽ ڪتاليون ۽ اٽ- سوپاريون بہ آءٌ ڏسي نہ سگهيس. ڪورين تان (ساڪري جي ٻولي) يعني ڪيرين تان. 'ڪير' (جبل ۾) ڪونيٽ جو وڻ. چڪٽو= چٻاڙڻ ۾ سخت. تُور= ٻڪرين يا رڍن جا ساڳي مند ۾ ڄايل ڦر. ڄاڻ تہ: رڍن جا سال ۾ ٻہ تُور ٿين: هڪ 'سَروئي تور' ٻيو 'سياري' وارو تور'. ڇاڻن (مئي) جون لـڳل سرء (سيپٽمبر) ۾ ويامنديون. اهو 'سَروئي تور'. جيڪي رهجي ويون (نہ لڳيون) سي مٿان سانوڻ (مينهن) ۾ لڳي ويندڀون ۽ سياري ۾ ويامنديون. اهو سياري وارو تور. پر سمجهہ تہ: رڍ ٻڪي هوندي تہ بہ لڳي ويندي پر ٻڪري ٻڪي هوندي تہ گهٽو ڪري نہ لڳندي. چوندا: 'رڍ ٻک مرندي بہ لـڳي ۽ ٻڪري ڍئو تي لڳي'! مٿي بيت ۾ لفظ 'تِند' آيو آهي: تِند يا تِندو معنيٰ ڏگهو سڳو يا رسو. ڇيلن جو تِندو. آرهڙ ۾ جڏهن ٻڪريون ٻاهر وهنديون تڏهن ڇيلڙا تند يا تندي ۾ قطاري ٻڌندا تہ وائڪا ٿي ويهن. سياري ۾ انهن کي گوُندي (نندي واڙيا) ۾ پوريندا تہ هڪ ٻئي سان لڳي ويهن ۽ گرم رهن.

Gul Hayat Institute

# ٿَڪر- ٿر ۽ گهاڙ واري واٽ

سنڌ جا ڪي پاڳا، اتي جي رهاڪن، ماڳن، آثارن ۽ ٻين خصوصيتن جي ڪري خاص اهميت رکن ٿا. پر جيئن ته اهي پاسي تي آهن انهيءَ ڪري سيڪو انهن تائين ڪونه ٿو پهچي. البت ائين چئي سگهجي ٿو ته جنهن اهي انوکا پاڳا نه ڏٺا آهن تن جڻ سنڌ نه ڏٺي آهي. انهن مان هڪ 'تڪر-ٿر' وارو پاڳو آهي جنهن جو هن رهاڻ ۾ ذڪر هلندو.

اڳين خيرپور رياست (هاڻي خيرپور ضلعو) جو اهو پاڳو جيڪو ناري ۽ مُهراڻي جي وچ ۾ آهي، يعني جنهن جي اوپر واري پاسي وڏو نارو واهه ۽ اولهه طرفان درياءَ جي پاڻي واري آبادي آهي، ان جو اترين پاڳو تڪر يا گهاڙ (جابلو) آهي ۽ ڏاکڻيون پاڳو واريءَ وارو ٿَر. اترين تڪر وارو پاسو ڪوٽ ڏجي تعلقي ۾ 'تِلي' وٽ ختم ٿئي ٿو، ۽ هيٺ ڏکڻ طرف ٿر وارو پاڳو شروع ٿئي ٿو. اولهه کان اوپر، ناري تائين، سراسري ويڪر ٻارهن ڪوهه (۲۴ ميل) آهي ۽ انهيءَ ڪري "ٻارهن ڪوهيو ٿر" سڏجي، جيتوڻيڪ ڪٿي ويڪر ويهه ڪوهه ڪن به آهي. اتر کان ڏکڻ تائين سڄي تڪر- ٿر جي ڊيگهه چاليهه- پنجيتاليهه ڪوهه (۸۰-۹۰ ميل) ٿيندي. هن بياباني پاڳي ۾ ميرن واري دور ۾ مالدار پاڳين کي ويهاريو ويو، کوهه کوٽايا ويا ۽ تلاءَ کٽايا ويا. هن پاڳي مان جيڪا اڳاتي وقت جي واٽ هئي تنهن کي وڏو ڪيو ويو ۽ سلامتي ۽ سهولت لاءِ، مقرر منزلن تي پاڻي لاءِ کوهه ۽ تلاءَ کٽايا ويا. اهو ان وقت جو هڪ وڏو انتظامي ڪارنامو هو.

ٿر-تڪر يا گهاڙ واري واٽ کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ، راقم تڪر ۽ ٿر جي کوهن تلائن بابت پڇائون ڪيون ۽ معلومات جمع ڪيا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

**اتر کان ڏکڻ: تلاءَ ۽ کوهه:**

۱- لمبرِي وارو تلاءَ تڪر ۾
۲- مَتَن وارو تلاءَ تڪر ۾
۳- ٻڙه تي کوهه، ٻڙه وارو ٿر
۴- رَهمُو وارو تڙ (کوه)
۵- مُلَڪِي جو تڙ (کوه)
۶- پاهڻن جو تڙ (کوه)

Gul Hayat Institute

جنهن تہ جَنگوُ خان شر وارو ٽڙ ۽ سرائي واحد بخش خاصخيلي وارو ٽڙ ۽ ٻيا جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي پاڪستان ڪان پوءِ ٻيا ٽڙ بہ ٿيا آهن.

**گهاڙ واري واٽ تي اولياء:** چار ڏاتار، راڏڻ مشائخ (فيض گنج جي ڏاڪڻي اوڀر واري ڇيڙي ۾ پڪين سِرُن جو قُبو پٽ تي)، ’علي اصحبو‘ (قبو ناهي قبر آهي) ۽ پوءِ ’ڳورو بائد‘ (ظفرآباد ڪان ٣ ڪوه اُتر اوڀر). ’علي اصحبو‘ ۽ ’ڳوروبائد‘ ٻئي فيض گنج تعلقي ۾ آهن، پوءِ ’پير نانگيو (مانڊٽن ڪان ڏکڻ، تعلقو ميرواهہ.) اهي سڀ بزرگ، مخدوم بهاؤالدين زڪريا ملتان واري جا خليفا يا سندس جماعتي هئا. لاڙ مان ايندڙ جماعتون انهيءَ واٽ سان اڳتي ملتان ڏانهن ويندون هيون. سانگريارو ٽڙ (ڪوهہ) تي بيبي مريم جو قديم قبرستان آهي، ۽ پٽيهل جي ڪوه وٽ وڏو نڪرائو ۽ آثار آهن.

شادي شهيد ڪان اڳتي هن تاريخي واٽ جا اهڃاڻ ۽ آثار هن طرح معلوم ٿيا. شادي شهيد ڪان پوءِ داڙا واهڻ ان ڪان پوءِ اروڙ، ان ڪان اڳتي ڏُبر (تعلقو روهڙي): سُرطاڻ پور، ڇيچڙو (تعلقو پنوعاقل): صالح مهر جو ڳوٺ، داماجي، عادل پور، سرحد ڳوٺ (اترطرف) ۽ ٻَهو (ڏکڻ طرف) انهن ٻني جي وچان، جهان پورجي ڏکڻان (ٻہ ميل ڪن) (تعلقو گهوٽڪي): مِهرو واهہ جي پُل، باگو ٻَهو جي ڏکڻان (هڪ ميل ڪن)، مسرواهہ (تعلقو ميرپورماٿيلو): ڪوراين جو ڳوٺ، محمد پورجي اتران، رنگپور، جي ڏکڻان، ٽِگ جي اتران، راڄن پورجي پل (ماهي واهہ تي)، اباوڙو (بس سٽئنڊ). اباوڙي شهر ڪان ڪَمُون شهيد تائين ساڳيو پڪو رستو، ڪمون شهيد ڪان سبزل ڪوٽ، اڳتي رنگپور ۽ رائونتي جي وچان، جيوڻ شاهہ جي وسين، ۽ پوءِ ڪنيڙا.

اڳ سنڌ مان جيڪو دگ جيسلمير ويندو هو تنهن کي ’رائُرو دگ‘ چوندا هئا.

Gul Hayat Institute

هاڙهي (آڳ وٺندڙ) ۽ سندس ٽولي وارا ٻاهران بيهندا ٻارين ٽپڻ جي ڪوشش ڪندا: ۽ آڏو 'پيچي' ٽولي وارا ٻاريون جهلي بيهندا ۽ هنن کي ٽپڻ نه ڏيندا. جهليندڙن مان جيڪو وانجهي (مکيه اڳواڻ) هوندو سو پهرين ٻاري جهلي بيهندو، پر هن کي اهو اختيار آهي ته وچين وانجهي وٽي به ٻوڙي ۽ ٽپندڙ مخالفن کي ڪامائي.

● **چؤپڙ: وڏن (مردن زالن) جي راند.** هيءَ راند سنڌ ۾ مشهور مقبول هئي. راند جو نقشو، ڳاڙهي ڪپڙي تي پرت پري سهڻو ڪري ٺاهيندا هئا. عام طرح ڳوٺن ۾ هيءَ راند ستن ڪوڏين سان کيڏبي هئي. ڪوڏيون مٽ ۾ سولِيون جهلي هيٺ اڇلائبيون، ۽ سنين ۽ اونڌين وارين سِتائن جا ڇهه داءَ ٿيندا. هن طرح:

| | | |
|---|---|---|
| هڪ اونڌي | ڇهه سنيون | = پکي اٺ ، |
| ٻه اونڌيون | پنج سنيون | = ڪچي اٺ، |
| ٽي اونڌيون | چار سنيون | = چار خانا |
| چار اونڌيون | ٽي سنيون | = ٽي خانا |
| پنج اونڌيون | ٻه سنيون | = ٻه خانا |
| ڇهه اونڌيون | هڪ سنئين | = يارهن خانا |

پهرئين داءَ تي سارِي ٽيهه خانا هلندي، ٻئي تي پنجويهه خانا ۽ ڇهين تي يارهن خانا. اهي ٽري داء وڏا آهن.

هيٺئين لاڙ ۽ ڪڇ طرف ٻه ستن ڪوڏين سان ڪندا. ڪوڏيون ڦِڳائيندا (اڇلائيندا) پوءِ جيڪو داءُ پيو ان موجب هيٺئين طور سارِي هَلندا.

هِڪ اونڌي ڇهه سنيون= يارهن ڪَڻ (چيلها) هلندا. 'داءُ' ٿيو.

ٻه اونڌيون پنج سَنيُون= ٻه ڪَڻ ٿيا. اهو 'داءُ' نه ٿيو.

ٽي اونڌيون چار سنيون= ٽي ڪَڻ ٿيا. اهو داءُ نه ٿيو.

چار اونڌيون ٽي سنيون= چار ڪَڻ ٿيا. اهو به داءُ نه ٿيو.

پنج اونڌيون ٻه سنيون= پنجويهه ڪَڻ ٿيا. اهو داءُ ٿيو.

ڇهه اونڌيون هڪ سنئين = 'پوري اٺ لڳي وئي'. داءُ ٿيو پر ٻه طريقا هلڻ جا:

Gul Hayat Institute

سامهون هلندو ته اٺ کڻ، ڦيري سان پورا ٽيهه کڻ هلندو.
ست ئي اونڌيون= چوڏهن کَڻ، داءُ ٿيو.
اهڙيءَ طرح راند ۾ جملي چار داءُ ۽ تي کَڻ.
مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته جدا جدا پاڳن ۾ چوپڙ راند جا داء به جدا جدا.
ڪڇ جي سگهڙ شاعر حاجي مکڻ مِناٽي جت بلوچ چوپڙ راند تي ڏٽ جوڙي ته:

چَنوُ گهر هڪ شهر ۾، چؤڪس گهر پيا چار
گام گُجر جي آئيون سورهن ڪري سينگار
سي سورهن ئي هٿ ستن جي، هلن هارو هار
سي ٽيويهه چٽيون توليءَ ۾ ڪري هليون قطار
تن جا پڪا ڏيو پار، ته اهي کهڙيون ڪاٽيون؟

چَنُو= يعني جملي ڇهانوي کَڻ (چيلها). راند جي نقشي ۾ چار گهر اندر وچڻ جا، جملي سورهن ساريون، چئن چئن جا جدا جدا رنگ. اهي هٿ ستن جي، يعني ستن ڪوڏين جي هٿ ۾ آهن جن ۾ جيڪو داءُ لڳي ان موجب هلن. هارو هار= هڪ ٻئي پٺيان. ٽيويهه چٽيون= ست ڪوڏيون ۽ سورهن ساريون.

• **نَوتَڻ راند.** سنڌ ۾ راند جو مشهور نالو 'نوتڻ' آهي. ڪراچي ۽ حب ۾ 'قطار' چون. ڪڇي سنڌي 'نوَدَرو' چون. جت بلوچ ڪڇ وارا 'نَوَ ڪَڙي' چون. 'ڪَڙي' يعني ساري. هر رانديگر وٽ 'نَو ڪَڙيون' هونديون. ڪڇ جي شاعر حاجي مکڻ 'نَوَ ڪڙي' تي هيٺين ڏٽ جوڙي:

سرتين جي سنگ ۾ ارڙهن چٽيون آهين
سي نَونَو چٽيون نڪريو پنهنجا پيچ پائين
اِن جيڏين جي جنگ جا وينا گُڻ ڳائين
اهي موڙهل ڏور مکڻ چئي ڪي سالڪ سمجهائين.


هيءَ راند زمين تي ليڪا ڪڍي ناهڻ توڙي ٻن قسمن جون نَوَ ساريون (مثلاً ٩ نڪريون ۽ ٩ پٿر) چوندڻ ۾ سَوَلي آهي. ٻه ڄڻا وڻ هيٺان يا ٻي ڪنهن ڇانوَ ۾ ويهي ڪيڏي سگهن ٿا. جيڪو اڳ ۾ ساري رکندو سو گهاٽي ۾ رهندو ۽ جيڪو پوءِ رکندو سو فائدي ۾. انهيءَ ڪري، قاعدو ته پوئين رک واري کي 'راند

نبيرڻي آهي.
هن قسم جون ليڪن واريون ٻه ٻيون رانديون آهن: هڪ 'ڇَنهر' جيڪا گهرن ۾ ڇوڪريون ۽ مايون ڪن، ۽ ٻي 'شينهن- ٻڪري' جيڪا ڇوڪرا توڙي ٻيا ڪن. انهن ٻنهي ۾، هڪ ساري مٿان ٽپي ٻي ساري کي مارينديون. نَو ٽڻ ۾ 'ٽڻ' ٺهندو (يعني ٽي ساريون ساڳي قطار ۾ ويهنديون) تڏهن مخالف جي ساري مرندي. شطرنج راند وڏي آهي، باقي 'نو ٽڻ' راند ۾ به چڱي سمجهه ۽ سجاڳي کپي.

• ڏارو. 'ڏاري راند' تاريخي لحاظ سان آڳاٽي ۽ وڏي مان مرتبي واري آهي جو وڏن ڪردارن اها راند ڪئي. قصن جي ڪردارن مان مومل ۽ راڻي اها راند ڪئي، ۽ دودي ۽ ابڙي اها راند ڪئي.
'پنءِ ٻارهن' داءُ ڏاري جو آهي: ڏارو اڳلي چوندا: ”ڏَر ڏارا- پَنءِ ٻارا“ (ٻارا= ٻارهن).

• سَر منڊل راند. ٻارن يا نوجوانن بدران هي وڏن جي راند آهي.
سَر منڊل راند يعني راڳ ۽ سُر جي ڄاڻ واري راند. ذهن ۽ ذڪاوت جي لحاظ سان هي اعليٰ سطح واري راند آهي. راڳ جا ڄاڻو يا شاهه جي رسالي جي سُرن مان بيتن جا ڄاڻو هي راند رَچائيندا ۽ ڪچهري ۾ ويٺلن کي وندرائيندا. ڪچهري وارن مان جيڪي راڳ جي سرن يا شاهه جي رسالي جي بيتن کي سمجهندڙ هوندا سي هن راند مان وڏيڪ حظ حاصل ڪندا.
هن راند جي اصول ۽ سٽاءُ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن وقت سنڌ ۾ ڪافي ماڻهو راڳ جي سرن جو شعور رکندڙ هئا. راقم کي موجوده دور تائين ڪن جاين تي هن راند جو ذوق شوق نظر آيو. ١٩٧٠ع ڏاري مِٺي (ٿرپارڪر) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اتي جو هڪ مڱڻهار فقير ۽ سگهڙ ڦل بجير ڪيڏاري ٿيا. مڱڻهار فقير سارنگي تي سر وڄايا ۽ سرن ذريعي 'ساري' جا اهڃاڻ ڏنا جن کي ڦل بجير سمجهيو ۽ ساري کي سڃاتو. ٥ مئي ١٩٧٨ع تي ڳوٺ حاجي شير خان چانڊيو، دڙيلو، تعلقو سامارو ۾ ڪيل ڪچهري ۾ حاجي ڏيرڻ چانڊيي ٻڌايو ته اتي ساز تي سرن وڄائڻ بدران شاهه جي رسالي مان 'سرن' جي بيتن پڙهڻ سان 'ساري' جو اهڃاڻ ڏيندا آهن.

● هيٺينءَ طرح راند جو نقشو ڪڍي، سورهن چيلهن ۾ اسي ساريون رکبيون.




● ٻه ڪيڏاري هڪطرف ۽ ڪچهري وارا ٻئي طرف هوندا.

● ٻنهي ڪيڏارين ڪي راند جو نقشو ذهن ۾ هوندو. پر هڪ ڪچهري ۾ ويهندو ۽ ٻيو پري تي ويهندو.

● ڪچهري وارن مان ڪو هڪڙو راند ۾ رکيل اسي سارين مان ڪنهن هڪ ساري تي هٿ رکندو ۽ ڪچهري ۾ ويٺل ڪيڏاري اهو ڏسندو. پوءِ ڪيڏاري ساز وڄائيندو ۽ جدا جدا سرن وارا راڳ ڪندو جيڪي پري ويٺل سنڌس ساٿي ٻڌندو. يا ويٺل ڪيڏاري شاهه جي رسالي مان جدا جدا سرن جا بيت چوندو جيڪي سنڌس پري ويٺل ساٿي ٻڌندو.

● پوءِ پري ويٺل ڪيڏاري کي سڏيندا ۽ اهو اچي اها ساري سڃاڻندو جنهن تي ڪچهري وارن هٿ رکيو.

سڀ حيران ٿي ويندا ته هن ڪيئن اها ساري ڳولي ڪڍي. راقم ڪي ٻه حيراني ٿي. سمجهاڻي هن طرح آهي.

● راند جو نقشو چئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن کي اتر، اوير، ڏکڻ، اولهه نالا ڏنل آهن.

● هر هڪ وڏو چورس ڀاڱو، چئن ننڍن چورس ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن کي به ساڳيءَ طرح اتر، اوير، ڏکڻ، اولهه ڪري ڄاڻبو.

● هر هڪ ننڍو چورس تنهن جون ٻه چار ڪنڊون آهن، جن کي اتر، اوير، ڏکڻ،

Gul Hayat Institute

اولهه ڪري ڄاڻبو.

● هئي ڪيڏاري پاڻ ۾ ويهي اڳ ۾ئي هر هڪ طرف لاءِ ڪو راڳ يا سُر مقرر ڪندا. مثلا سارنگ راڳ يا سر اتر لاءِ، سورٺ راڳ يا سر ڏکڻ لاءِ، راڻو راڳ يا سر اوڀر لاءِ، ڪارايل راڳ يا سر اولهه لاءِ، ۽ هر چورس جي وچ ۾ ويٺل ساري لاءِ سهڻي جو راڳ يا سر.

● پوءِ ڪچهري ۾ ويٺل ڪيڏاري، ساز ۾ سر وڄائي ان ساري جا پار ڏيندو، يا بيتن ۾ سرن جا پار ڏيندو.

● سمجهو ته ڪچهري واري، (الف) ساري تي هٿ رکيو آهي. هاڻي ويٺل ڪيڏاري پنهنجي ساٿيءَ کي ان ساري جا پار پتا هن طرح ڏيندو.

ـ اها ساري اوڀر واري وڏي چورس ۾ آهي، تنهن ڪري پهريائين ساز تي 'سر راڻو' وڄائيندو يا رسالي مان راڻي جي سُر جو بيت چوندو. پري ويٺل ڪيڏاري سمجهي ويندو ته ساري اوڀر واري وڏي چورس ۾ آهي. ان وڏي چورس ۾ اها ڏکڻ واري ننڍي چورس ۾ آهي. انهي ڪري ڪيڏاري ساز ۾ سُر سورٺ وڄائيندو يا رسالي جي سر سورٺ مان بيت پڙهندو. اهو ٻڌي سندس ساٿي سمجهي ويندو ته ڏاکڻي چورس ۾ آهي. ان ننڍي چورس ۾ ساري اتر واري چيلهي ۾ آهي. ان لاءِ سر سارنگ وڄائيندو يا رسالي جي سر سارنگ جو بيت پڙهندو. ان آخري اهڃاڻ مان پري ويٺل ڪيڏاري کي ساري جي خبر پئجي ويندي، ۽ هو اتي ڪچهري ۾ ايندو ۽ ساري سڃاڻي ڏيندو.

اهڙي طرح (ب) ساري لاءِ جيڪا اترئين وڏي چورس ۾ آهي سر سارنگ وڄائيندو، پوءِ اوڀر واري ننڍي چورس لاءِ سر راڻو وڄائيندو. جيئن ته ساري وچ ۾ آهي انهيءَ ڪري سر سهڻي وڄائيندو.

Gul Hayat Institute

# ڳالهيون ملهه ۽ ملهن جون

مَلهه سنڌ جي شاناڻتي پهلواني آهي جنهن ۾ پنهنجي جوڙ کي رڳو ڪيرائڻو آهي، پر هڪ ٻئي کي مٽي ۾ لٽيڙڻو ناهي. انهيءَ ڪري سنڌ جا ملهه سهڻو لباس پائي ايندا ۽ ملهه وقت رڳو پهراڻ يا قميص لاهيندا. اڳ ڪي ملهه پٽڪا به هيٺ لاهي نه رکندا هئا.

هن ڪان اڳ 'رهاڻ هيرڻ ڪاڻ-۱' ۾ ملهه جي پهلواني جا ڪي تفصيل ڏنا ويا آهن. خاص ڳالهه ته ۱۹۵۱ع ۾ راقم پهريون پيرو لائوڊ سپيڪر ذريعي ملاکڙي جي ڪاروائي هلائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ پوءِ اهو پنهنجي ساٿي مرحوم پير شاهنواز ڊنڙي واري جي حوالي ڪيو. اهو هڪ اڳتي قدم هو. ان ڪان اڳ سواءِ ڪن مشهور ملهن جي نالن جي، عام طرح ماڻهو ملهن جي سڃاڻپ ائين ڪندا هئا ته: 'سائي ڪانچ وارو ڪاري ڪانچ واري کي دسي ويو'.

شاگردي واري زماني ۾ راقم جيڪي ملهه ۱۹۳۰ع کان اڳ يا پوءِ ڏٺا تن ۾ گُل جُهلڻ سنڌ ملوڪ ملهه ٿيو. ان وقت لاڙ جي ملهن جا اڳواڻ بنگل ۽ جمال چانڊيا (سوٽ) هئا جن مان جمال سهڻو مڙس ۽ سٺو ملهه هو.

– لاڙ جي شيدين مان پهريائين حاجي ۽ هاشم (ٻئي ڀاءُ) ۽ پوءِ هوشُو ٿيو جيڪو سنڌ ملوڪ هو ۽ اتر جي پهلوان ملهن کي ماريائين. مون ڪيس ويجهو ڏٺو، قد جو ڇوٽو پر بُت ۾ ڳُتيل هو. ملهه جي ڪا ڳالهه پئي ڪيائين، سندس هڪ جملو ائين ياد ته:

"پوءِ وَنگُ جو هنيو مانس ته..."

اتر جا ملهه جيڪي پٺائي صاحب جي ميلي تي راقم ننڍي هوندي ڏٺا تن ۾ نبُو ڳنڀير قداور مڙس ۽ همت وارو هو جيڪو ملهن کي گهمائيندو هو. نورمحمد لوهار اتر جو وڏو ملهه هو. احسان سانداڻو ۽ سيٺر ساڳئي جوڙ جا سچا سٺا ملهه هئا. محمد بخش مهر، ويٺل راميجا لڳ موري (خيرپور رياست)، ڏکيو ملهه هو. جوڙ جي ڪُلهي ۾ چاڙي هٿي، سندري واري هٿ سان آڏو چپٽي ڏيئي، مخالف ملهه کي پري جهلي بيهندو هو، ۽ پوءِ کو وارو ملندو هوس ته جهٽ هٽندو هو. پٺائي جي ميلي تي (۱۹۳۰ع ڌاري) گل جُهلڻ ڪيس وارا ڪڍي

Gul Hayat Institute

ماريو ۽ واهه واهه ٿي وئي!

ملھہ جو اوج ٽالپورن جي دور ڪان شروع ٿيو، پر پوءِ به ڪن شوقينن، عام قدردانن ۽ زميندارن ملهن کي نوازيو ۽ ملاکڙن ۾ اچي ڪين انعام ڏنا، جن ۾ چام مٺا خان مشهور ٿيو.

ڪوٽڏجي جو مير علي ڏنو خان هن پوئين دور ۾ ملھہ ۽ ملهن جو وڏو مربي ٿي گذريو. بلڪ سندس وفات تي سنڌ ۾ ملھہ ۽ ملهن جي سرپرستي ختم ٿي! پاڻ ملاکڙا لارائيندو هو ۽ پاڻ اچي ملاکڙي ۾ وهندو هو. سندس ذوق ۽ قدرداني جو هڪ مثال هي جو پڙهو ڏيارائين ته: 'آهي ڪو جو مَهر (محمد بخش) کي گهمائي ٻلهڻ هٽي دسي. اقبال جوڳي (راڇپر) چيو ته: ميرصاحب آءٌ ائين ڪندس. پڙهو اچي ويو ۽ ملاکڙو لڳو، ۽ اعلان ٿيو ته: اقبال ۽ مهر وڙهندا ۽ اقبال ٻولايو آهي ته هو مهر کي ٻلهڻ هٽي ماريندو. پوءِ اقبال ائين ڪري ڏيکاريو جو مهر کي گهمائي گهمائي ٻلهڻ هٽي مارياين. واهه واهه ٿي وئي! جڏهن مهر اٿيو ۽ ٻي ملھہ لاءِ اچي بيٺو ته ميرصاحب فيصلو ڏنو ته: "بس ٻي ڪانه ٿيندي: پهرين به ٿي وئي، ته ٻي به ٿي وئي، جو اقبال ٻولائي وڙهيو ۽ جئن چيائين تئن ڪري ڏيکاريائين"!

**● ملهن بابت ڪي انوکيون خوشطبعي واريون ڳالهيون:**

ـ گل بيگ لغاري (لڳ جعفرخان لغاري تعلقو سنجهورو) ٻئي جوڙجو تکو انگ بازملھہ هو، پر 'هٽڙي هٽڻ' واري حرڪت ڪندو هو: يعني پنهنجي سڄي هٿ سان سامهين مَلھہ جو ڪپو پير جهلي، اوُه ڏيئي وڃي دسيندو هوس، اهڙيءَ طرح جو ڪنهن کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي. سندس ساٿي بچل خان پرسان بيٺو هوندو هو ۽ پورو ٻُل جانچي گل بيگ کي هڪل ڪندو هو ته "هڻُ آپٽي ڪر" يعني "هاٿي پنهنجي ڪر". ملھہ جي پهلواني ۾ "هَٽِڙي هٽڻ" ڪار نه هئي، پر گل بيگ جي "هٽڙي" ڪنهن کي ڪڏهن ڏسڻ ۾ ئي ڪانه آئي. هو اهڙي ڍنگ ۽ اهڙي جلدائي سان اها اٽڪل ڪندو هو.

ـ 'جانٺي' لڳندي 'وِڇين ڪرڻ' به ڪار ڪانهي: يعني سامهون ملھہ جانٺو هٽي ۽ هي آڏو اندران ٽنگ ورائي ونگ وجهي ته اها ٿي 'وِڇين'. 'جانٺي' جو بچاءُ آهي 'ڪَسَ'، 'ڪس ڪجي يعني پنهنجي ٽنگ پوئتي ڇڪجي، ائين جو

Gul Hayat Institute

پاڪر ۾ سو گهو ڪيائين ۽ نپوڙي متي ڪٽي جهلي بيهي رهيس. شيدي جي ڪُرڙي پئي لڳي ۽ جيڪو چڙو ٻڏل هو سو پڻ پيٽ ۾ چڙهي پيس ۽ هراس ۾ ساهہ نڪري ويس. اتي اگهيمر پنهنجي ساٿي ڦڳيي کي رڙ ڪري چيو تہ: ”اڙي ڦڳيا! هِني کي چوءِ تہ جي اَڙو هٽٽو هجيس تہ هٽي، نہ تہ آءُ ڪٽي ٿو واهيانس“. (اڙو= جاڻو. واهيانس= هيٺ ستيانس). اتي ڦڳيي چيس تہ: ”ڙي ڪٽي واهينس“. اتي شيدي کي ڪٽي اڇليائين تہ مردو وڃي هيٺ ڪريو. ميرن کي ارمان ٿيو پر اگهيمر کي انعام ڏيڻ واجب سمجهائيون. سوچيائونس تہ: گهر جيڪي گهرٽو هجئي. اگهيمر چيو تہ: ”رُپين جو سڃيون پارهن ويهون نوري ۾ ٻڌيون پيون اٿمر: باقي امان چيو هئمر تہ لوڻ وٺيو اچجان. سو لوڻ هجيو تہ ڪٽي ڏيو“. پر ميرن هنن کي روڪ انعام ڏنو ۽ لوڻ جو ڪڙيو بہ گڏهہ تي رکائي ڏنائونس. پٺي ڏينهن ميرن کي خيال ٿيو تہ اهڙي طاقتور پهلوان کي فوج ۾ رکجي. سو پريان گهوڙا بوڙايائون ۽ ماڻهن کي هدايت ڏنائون تہ: ڏسجو، جي بهادر هجي تہ وٺي اچجوس. پٺي ڏينهن گهوڙا وڃي اڪ ڏناري تي پهتس. اگهيمر پري کان رئي ڏسي يڪدم لئي مان پچر پچي نوڙي سان ڪڙيو ٻڌي ڪلهي چيائين تہ ”هو اکين سامهون اچيان پئي واگهين جي پٽ پئي ڏسجي ۽ هت ٿو اگهيمر ڦرجي!“ ميرن جي ماڻهن هي حال ڏسي وڃي ميرن کي ٻڌايو.

Gul Hayat Institute

# عوامي فيلسوف

۱۹۲۰ع کان پوءِ سنڌ ۾ ريتيون رسمون متجڻ شروع ٿيون. اخبارن جي خبرن، ۽ ڏاري حڪومت جي دٻدٻي سببان هڪڙا وهم ۽ وسوسا وڌيا ۽ پيا گهٽيا. نوان پڙهيل پنهنجن جاهلن تي ٽوڪون ڪرڻ لڳا. شمس الدين بُلبل انهيءَ طنز جو پايو وڌو ۽ ۳۰-۱۹۳۵ واري دور ۾، اخبارن جي ايڊيٽرن مولوي نورمحمد نظاماڻي ۽ محمد هاشم مخلص سنڌن هفتيوار اخبارن ۾ طنز ۽ مزاح جا وڏا رنگ لاتا. ان کان پوءِ مولوي احمد ملاح ’توحيد‘ جي تبليغ ۾ جاهلن جي رسمن کي نِنديو. پر اهي معرڪا سڀ علمي سطح تي ٿيا.

عوامي سطح تي عوامي معرڪا ٿيا، جن جي ڪردارن کي ’عوامي فيلسوف‘، وطائي جا جاءِ نشين، يا ’جاهلن جا وڪيل‘ سڏي سگهجي ٿو. راقم جي ڪن اهڙن ’عوامي اڪابرن‘ سان آشنائي ٿي جن کي سيني ’گمراهه‘ چئي پئي نِنديو. پر ڪين صحيح طور تي سمجهڻ خاطر مون سنڌن ڳالهيون پڏيون. هن وقت سڀ ڏٽيءَ کي پيارا ٿي چڪا آهن پر سنڌن ڪي ڳالهيون هن رهاڻ ۾ بيان ٿينديون. هرڪو پنهنجي پنهنجي رنگ ۽ انگ وارو هو پر هن جيڪي به چيو يا ڪيو سو پاڻ پڏائڻ يا پاڻ وڻائڻ خاطر ڪونه ڪيو. جئن ۽ جهڙا هئا تئن ۽ تهڙا هنن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

● **فولاد فقير.**

فولاد علي فقير شر، ويٺل مينگهو فقير، تعلقو ٺري ميرواهه، رياست هاڻي ضلعو خيرپور، وڏو ذهين هو. ۱۸۷۷ع ۾ پهريون ڪاميٽي امتحان پاس ڪيائين. مڪتبي تعليم ۾ فارسي پڙهيائين ۽ پنهنجي وقت ۾ هو مولانا رومي جي مثنوي جو وڏو ڄاڻو هو. سندس بيان ’رهاڻ هيرن کاڻ جلد-۱‘ ۾ اچي ويو آهي جتي ڏسڻ گهرجي. دين ۾ رسم ۽ رياءَ کي چڱو نه ڄاڻائين ۽ ’رسمي مسلمانن‘ جي رياڪاري کي نِنديائين. رياست ۾، سچل جي وقت کان وٺي ”مئن ومئن“ مشهور ٿي وئي هئي پر اِجان پيو ڪو اهڙو ڪونه ساماڻو هو. فولاد فقير اها جاءِ پري ۽ چيائين ته ”اسين ساڳيا اهي آهيون“. وڏي دعوت

Gul Hayat Institute

ڪيائين: هڪ پاسي پلاءَ رکايائين جنهن لاءِ چيائين ته اها شيطاني ماني آهي، ۽ ٻئي طرف دال ماني رکايائين ۽ چيائين ته اها ماني خدائي آهي. ١٩٥٦ع ۾ جڏهن آءٌ وڃي ساڻس مليس تڏهن پاڻ ٻڌايائين ته: ابا دال ماني سا ٿورُن کاڌي، ٻيا سڀ وڃي پلاءَ تي پيا. ١٩٣٠-١٩٦٠ع واري دور ۾ سنڌ ۾ جيڪي انوکن ڪردارن وارا 'عوامي فيلسوف' هئا تن جو سَرواڻ هو. رسمي دعويدارن لاءِ وڏو حريف ۽ ظريف هو. تاريخ پهرين ربيع الاول سنه ١٣٨٧هه (١٠ جون ١٩٦٧ع) وفات ڪيائين.

فولاد فقير جون ڳالهيون گهڻيون آهن ۽ پيون هلنديون. مٿس پهريون فرياد داخل ٿيو ته: هي 'دين' کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي. مختيارڪار وٽ ڪيس هليو. فقير ڪورٽ ۾ اندر ويو ته قِرڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. مختيارڪار چيس ته بيهي بيان ڏي، هيڏانهن هوڏانهن ڇا ٿو ڏسين؟ فقير جواب ڏنو ته: ''ڏسان ٿو ته فريادي ڪٿي آهي. فريادي کي ته حاضر ڪر. 'دين' ڪٿي آهي جنهن کي مون گاريون ڏنيون آهن. جيڪو 'دين' حق آهي سو شاڪي ڪونهي باقي رسمون شاڪي آهن. دين جيڪو حق هو سو انگريزن آئي ويو!

- فولاد فقير جو قول ته: جنهن جو ڪلام هوندو سو گڏ هوندو. قرآن شريف پڙهڻ وقت نبي سڳورو گڏ هوندو آهي. هندو گيتا پڙهندا آهن ته ڪِرشن پڙهائيندو اٿن.

## ● فضل محمد لغاري

فضل محمد لغاري، ويٺل ڳوٺ مير محمد لغاري تعلقو سنجهورو، ١٩٢٥ع ۾ جوان مڙس هو. اسين پٽِي پڙهندا هئاسون جو هو صبوح جو سوير هر ڪاهي، ٻاراڻو ڪتاب ڪڇ ۾ اچي اسڪول ۾ استاد ڪان سبق وٺندو هو. ڪيس يقين ٿي چڪو هو ته: 'سنڌي جهڙي ٻي ڪا ٻولي ڪانهي'. فضل محمد خان سان وري ١٩٤٥ع ڌاري منهنجو ملڻ ٿيو.

- مون کان پڇيائين ته: سنڌي ٻوليءَ جهڙي ٻي ڪا ٻولي تو ڏٺي! مون چيو ته بلڪل سنڌي جهڙي ٻولي ٻي ڪا مون ڪانه ڏٺي: پر انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين جا نالا تو به ٻڌا هوندا. چيائين ته هائو، پر انگريزي الف- بي ۾ اکر گهٽا؟ مون چيو ڇويهه. چيائين ته مون ٻڌو آهي ته فارسي ۽ عربي الف- بي ۾ ٻه ٽيهه يا

ٻتيهه آهن. پر سنڌي الف- بي ۾ سڄا ر سار ٻاونجاهه اکر! سنڌي وڏي ٻولي آهي! پلا، ڪو فارسي ۽ عربي ۾ ڪاميٽي امتحان پاس ڪندو ته نوڪري ملندي؟ مون چيو ته: نه، اهڙو قاعدو ئي ڪونهي. چيائين ته نوڪري رڳو سنڌي پڙهڻ سان ئي ملندي (ان وقت جيڪو به سنڌي ڪاميٽي امتحان پاس ڪندو هو سو پرائمري استاد ٿي ويندو هو يا تپيداري ۾ ڪجي ويندو هو).

ــ وري ساٺس ١٩٥٠ع ڪان پوءِ ملڻ ٿيو. ٻڌائين ته آءُ آمريڪا مان پڙهي آيو آهيان سو مون ڪان وڏيون وڏيون ڳالهيون جيڪي سندس دماغ ۾ هيون پڇڻ لاءِ اچڻ لڳو. مون ٻڌو هو ته تاري مل واڻيي ڪي زڪواة ڏيڻ ويو هو. چيائين ته: هائو ويو هوس، پوءِ هي ڳالهه ٿي:

فضل محمد: سيٺ مون زڪواة ڪڍي آهي. ڪٺي آيو آهيان، سا تون وٺ.

تارومل: ميان اوهين مسلمان آهيو، اها وڃي ڪنهن مسلمان کي ڏي.

فضل محمد: مون ٻڌو آهي ته 'ڏهه دنيا ستر آخرت' آهي: هت ڏهه روپيا ڏبا ته آخرت ۾ ستر ٿي ملندا. تون شاهوڪار آهين. منهنجو توتي اعتبار آهي ته برابر ڏهوڻا ڪري ڏيندين. تڏهن تو وٽ ڪٺي آيو آهيان.

تارومل: ميان، آءُ ڪونه وٺندس. اوهان ٻروچن جا هيترا سارا ڳوٺ آهن، اتي وڃي ڪنهن اعتبار واري کي ڏي.

فضل محمد: سيٺ، مون سڀ آزمايا آهن. مون ڪان اڌارا پئسا وٺي ويا، سي به ڪين ڏنا اٿن. انهن کي ڏيندس ته اهي ساڳيا پئسا به مونکي ڪين ڏيندا. تڏهن تو وٽ آيو آهيان ته سيٺ شاهوڪار آهين ۽ جي ڏهن بدران ستر نه ڏيندين ته به گهٽ ۾ گهٽ ساڳيا ته موٽائي ڏيندين!

Gul Hayat Institute

ــ فضل محمد خان چيو ته: مهرباني ڪري مون کي بندوق جو پروانو وٺي ڏي جو مون کي سڄي عمر پرواني وٺڻ جو شوق رهيو آهي: مرڻ ڪان اڳ جئن منهنجو اهو شوق پورو ٿئي. ان وقت قاضي سڃيڏنو صاحب سانگهڙ ضلعي جو ڪَليڪٽر (ڪليڪٽر) هو ۽ مون تي مهربان هو. سو فضل محمد کي پروانو مليو ۽ بندوق ورتائين. مون کيس تاڪيد ڪيو ته سنڀالي رکجانءِ. جڏهن ٻي رهاڻ لاءِ آيو ته چيائين ته: ”گهر جي اڳڻ ۾ گُندلو آهي، بندوق ڪپڙي ۾ ويڙهي، گندلي جي

اندر رکي، مٿان چاپڙ ڏيئي لنبي ڇڏيو اٿم. ڪنهن کي خبر ئي ڪانهي ته بندوق ڪٿي آهي!

ـ مون کان پڇيائين ته: مون ٻڌو آهي ته تون 'شاهه لاهوت' (يعني نئيگ) ويو هئين، اتي چشمو ڏٺئي؟ مون چيو ڏٺم. چيائين ته آءٌ به ويو هوس. اتي فقيرن چيو ته چشمي جي مٿان بيهي حضرت علي سائين جو زور سان نالو وٺبو ته پاڻي مٿي اڇلبو. مون ڪيس چيو ته: مون به ائين ڪيو ۽ برابر پاڻي اڇلبو ڪاڏو. فضل محمد خان چيو ته: مون به ائين ڪيو ته پاڻي اڇلو ڪاڏو. پر پوءِ مون فلاڻي واڻيي جو نالو وٺي وڏا سڏ ڪيا ته به پاڻي وڌو اڇلو ڏنو. پوءِ پڇيائين ته چشمي جي پرسان جيڪو جبل آهي ان تي هٿ جو نشان آهي سو تو ڏٺو؟ مون چيو هائو. چيائين ته فقيرن مون کي چيو ته: جبل تي ڪِريو پر حضرت علي سائين اچي آڏو هٿ ڏنس ته اتي بيهي ويو! اهو علي سائين جي هٿ جو نشان آهي. مون چيو ته: فقيرن کي ڪير سمجهائي، پيا ڳالهيون ڪن! ٿورو ماٺ ڪري، مون کي چيائين ته: علي سائين برابر طاقت وارو هو، پر هي جبل وڏو آهي، هٿ سان ڏکيو جهليو هونداڻين!

ـ مون ٻڌو ته فضل محمد بندوق ڪٿي سندس گهر وارن ٻارن کي دڙڪو ڏنو ته اوهان کي ماريندس. هنن قلندرشهباز، ڀٽائي صاحب ۽ ٻين ولين درويشن جا پَلاند وڌا (قسم وڌا) پر نه مڙيو. تڏهن ٻن سمجهدار ٻارن صلاح ڪئي ته: بابو ٻن واڻين مَمڻ ۽ مُولجي جا نالا وٺي ڪلندو آهي، سو پلاند وجهي چيائون ته: بابا توکي ممڻ ۽ مولجي جو قسم آهي، اسان کي مار نه! اهو ٻڌندي ئي ڪلي ڏنائين ۽ بندوق ڪٿي رکيائين. پوءِ مون وٽ جڏهن آيو ته مون ڪانئس پڇيو ته: چيائين ته اها ڳالهه برابر آهي؛ هنن قلندرشهباز جا ۽ ٻين جا قسم وڌا پر مون ته اندن کي ڪونه ڏنو. ممڻ ۽ مولجي کي مون ڏنو. گدرا پوکيائون ۽ وليون اچي وهندڙ واٽ تي چڙهيون. ڪو واٽ ويندڙ گدرو پٽي ته ممڻ ۽ مولجي گاريون ڪڍن ۽ ائين روزانو پيا مار ڪائن!

ـ هڪ ڀيري پڇيائين ته: مون ٻڌو آهي ته جي ڪنهن ماڻهوءَ کي چتو ڪتو ٿو ڪائي ته هو به چتو ٿو ٿي پوي. مون چيو ته ائين چون ٿا، پر ماڻهو مري به ويندو آهي. ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويو. ان وقت اسان جي ڳوٺ جو هڪ پوليس پٽيل

هوجيڪو ڏاڍو سرڪش هو. ان جو نالو وٺي فضل محمد خان چيو تہ:

پلا جي رئيس کي چتو ڪائي ۽ هو چتو ٿي پوي، تہ پوءِ؟

- آخري رهاڻ ۾ جيڪا ڳالهہ فضل محمد خان مون کان پڇي سا هي تہ: ”جي ابوجهل هٿ پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي تہ هٿ ڏيونس“؟ آءٌ حيران ٿيس تہ فضل محمد کي ابوجهل ڪيئن ياد پيو! مون چيو تہ: ابوجهل اڳ ٿي گذريو، هاڻي هٿ ڪيئن ايندو؟ چيائين تہ: پلا جي اچي تہ ڪينڪاريونس، هٿ ڏيونس؟ مون چيو تہ نبي ڪريم ﷺ سان چڱائي ڪانہ ڪيائين. چيائين تہ برابر چڱائي ڪانہ ڪيائين. پر وري بہ منهنجو ڏيان ڇڪائي، اوطاق جي ٻاهرئين در ڏانهن اشارو ڪري، چيائين تہ: ڏس پاڻ هٿ ويٺا آهيون، ۽ ابوجهل سامهون انهيءَ در تي اچي بيٺو آهي، ۽ پيو پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ سڏي! پلا پوءِ؟ مون فضل محمد خان جو سُر صحيح ڪري چيو تہ: جي سامهون اتي در تي اچي بيٺو آهي تہ پاڻ چئونس تہ: تو نبي سائين سان چڱائي ڪانہ ڪئي پر نبي سائين دشمنن سان بہ چڱائي ڪرڻ لاءِ چيو. تون اسان جي ڳوٺ ۾ لنگهي آيو آهين سو جي اچيو بکيو هجين تہ تو کي پاڻي ماني ڏيون! اها صلاح فضل محمد قبول ڪئي.

## ● دُراني فقير

دُراني نالو، رند بلوچ، ڪڇريءَ جو مور هو. ١٩٦٠ع ڌاري يا ٿورو اڳ مون وٽ رهاڻ لاءِ آيو. ان وقت پير واري ڳوٺ ۾ ڪنهن جيون ريون چاريندو هو. موڱي ڪانچ، ڊگهي قميص ۽ بہ پُڙي اجرڪ جو پٽڪو ٻڌل هوس. ڏاڙهي کي رنگ ۽ ميون ڏاڙهيءَ جي وارن سان گڏ ٻنهي پاسي ٻاهر نڪتل. ڏيان وارو مڙس، پر نهٺو ۽ نماڻو. ١٩٤٢ع جي مارشل لا واري وقت ۾ بہ ريون پئي چاريائين. ان وقت تندي آدم جو يوسفاڻي انگريزن جو هڪ خاص غلام ڪامورو هو، جيڪو جهنگ ۾ ويٺل غريبن جي گهرن کي باهيون ڏياريندو پئي آيو. دراني کي جهنگ ۾ ڏسي وڏي تابش سان پڇيائين تہ: ڪير آهين ۽ ڪنهن جو مريد آهين؟ ”سائين رند آهيان ۽ پيرصاحب پاڳاري جو مريد آهيان“. نالو ڇا اٿئي؟ ”منهنجو نالو دُراني اُهي“. اتي يوسفاڻي چيو تہ: 'ملڪ ٻري ويو آهي ۽ تون

اجان پيو پاڻ کي مريد چوائين ۽ ڏراني سڏائين“! فقير همت سان جواب ڏنو ته: ’صاحب! بيشڪ مُريد آهيان ۽ نالو دراني اٿم‘! تڏهن يوسفاڻي تابش سان چيس ته: ڇهہ مهينا تيپ اٿئي! ڏراني چيو ته: ’قبول آهي، ڪاٽي ايندس‘! فقير پوءِ گهڻو وقت جيل ۾ رهيو ۽ جڏهن ٻاهر آيو ته وري به اچي ريون چاريائين. مون پڇيو ته: فقير تنهنجو ريڍن سان ايترو شوق! چيائين ته: ”سائين، خُدا واريون آهن: ڪنڌ هيٺ ڪيو پيون هلن“.

جڏهن به ڏراني فقير کي خبر پوندي هئي ته آءُ پنهنجي ڳوٺ آيو آهيان ته ضرور ڪچهري تي ايندو هو. ١٤-١٥ ڊسمبر ١٩٧٥ع تي به راتيون ٽڪيو ۽ شايد اها سندس آخري ملاقات هئي. آگسٽ ١٩٧٩ع ۾ پاتورو اڳ گذاري ويو.

ڏراني فقير ڀراڙيءَ جو اڻ پڙهيل ريدار هو، پر هن گهڻن مسئلن تي پئي سوچيو. الله پاڪ، ڀٽائي صاحب ۽ رسالو سندس اعليٰ سوچ جا خاص موضوع هئا. الله تعاليٰ بابت چيائين ته:

- الله اڳ به هو پر سندس نالا ٻاپُو، ڪرشن ۽ گوپال هئا. شابس هجي نبي کي جنهن الله کي پڌرو ڪيو.
- تي ڪم الله ڀلا ڪيا: ڪاٽي ڪان حضرت اسماعيل کي بچايائين، ٻڪرار ڪان سسئي کي بچايائين، ۽ عمر ڪان مارئي کي بچايائين.
- الله جو اگهہ جيڪو ڀٽائي ڪڍيو سو سر ڪلياڻ ۾، پر ابراهيم جي گهر مان ۽ اسماعيل جي صبر مان! چيائين ته:

‘ڪاٽيءَ ڪونهي ڏوهہ، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾’

ڀٽائي صاحب ۽ رسالي بابت سندس چوڻ ته:

- ڪلياڻ ڪان سواءِ راڳ حلال ڪونهي. ڪلياڻ ڀٽائي جي راڳ جي بسم الله آهي. ’پيرو‘ (هندن جو وڏو) واري راڳ ۾ به ڪلياڻ هو. پيرو به راڳ جو وڏو گرو هو: هڪڙي راڳني ۾ سڙيو وڃي ته ٻيءَ ۾ جيئرو ٿيو پوي!

باقي ٻيلن جي ٻچنن ۾ ڪلياڻ ڪانهي.

- چيائين ته: لطيف جو راڳ ’ٻيلي‘ ۾ ايندو، ۽ جماعت جو راڳ ’جيين‘ ۾ ايندو. بنگلي ڏٺي (سائين اصغر صاحب)، خليفي نبي بخش، سليمان شاهہ ۽ عبدالله ڪاتيار راڳ کي ’جيين‘ ۾ آندو. (يعني ته لطيف جي راڳ ۾ فقير

'وو ٻيلي!" کي ڏار ۾ آڻيندا، ۽ پاڳاري جي جماعت وارا 'جماعت جي راڳ' ۾ "وو جيين!" کي ورجائيندا).

- شاهه جي راڳ ۾ هير جو راڳ ڏکيو آهي. هير جي ٻولي سرائڪي آهي سا ڏکي آهي- ڪَڻُ ور ۾ وجهڻو آهي. هير جو راڳ انگريزي کان به ڏکيو آهي.

- سر سامونڊيءِ جو ذڪر آيو ته "سجا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن". دُراني فقير چيو ته: سائين، سمنڊ تي نڪو ماڈول نڪا موري، نڪو سروير نڪو انجنير! هُت ماپ ته آهي ئي ڪانه: مَپُ نه ملاحن!

- بيدل جي باري ۾ چيائين ته: پير سائين علي گوهر شاهه صاحب (بنگلي ڏٺي)، هڪ پيرو محراب فقير ڏاهري کي موڪليو هو جيڪو وڃي روهڙي مان بيدل کي وٺي آيو هو.

- دُراني فقير سنجهوري شهر جي تڪاڻي ۾ ويو. نانڪ جو ڪتاب هندوري ۾ رکيو هو جنهن کي هندن ڏنا ست لوڏا ته دراني ڏنا اٺ لوڏا. تڏهن خوش ٿي سندس بغلي ريوڙين سان ڀري ڏنائون. تڪاڻي جي پٽ تي چوڏاري چاپيل مورتون لڳيون پيون هيون. تن سيني جو ديدار ڪري اچي ويٺو. پوءِ پڇيائين ته: اوهان وٽ گيتا آهي؟ چيائون ته هائو. چيائين ته ڪٿي اچو! ڪٿي آيا. ڏاڍي ادب سان وٺي هٿن ۾ جهليائين. پوءِ پڇيائين ته: هي ڪنهن تي لٿي؟ گورڪناٿ تي لٿي، يا رام تي لٿي؟ تڏهن چيائون ته اسان کي خبر ڪانهي. تڏهن چيائين ته: پوءِ چو رکي اٿوَ؟

- ڏيرڻ فقير وساڻ (تعلقو سنجهورو) وڏي ڪانڌ ۽ صبر وارو فقير هو. سندس ڳوٺ اسان جي ڳوٺ جي پرسان هو ۽ راقم جو ساڻس محبت جو ناتو هو. دراني فقير آگسٽ ١٩٧٥ع واري ڪچهري ۾ ٻڌايو ته: مون ڏيرڻ فقير کي چيو ته سائين دعا ڪر ته ڪدڙن جو پانڌي ٿيان! ڏيرڻ فقير چيو ته: ابا تو ۾ اها طاقت ڪانهي. چيائين ته: ڏيرڻ فقير سچ چيو بيشڪ:

'ڪدڙن جي ڪاساري ڪي پانڌي ٿا پڇن'

ته به ڪڏڙي جي شهر ۾ ويس. ان وقت ڪدڙا فقير، پنجاب مان هڪ جوان ڪدڙو جهلي آيا هئا جنهن جا ڏگها وار پيرن تي پيا پون ۽ اکيون پيون ٻرن! مون وڏي ڪدڙي فقير کي چيو ته: سائين مونکي خدمت جي موڪل ڏيو ته هن سائين جا

پير ڏٺاريان. فقير موڪل ڏني ۽ مون خدمت ڪئي. پوءِ اچي ڏيرڻ فقير کي ٻڌايم ته: سائين اڄ ڪدڙي جا پير ڏٺاري آيو آهيان. فقير چيو ته: ابا مڙسي ڪئي اٿئي! دُراني فقير جو قول ته: ”ڪُنيي ۽ ڪَدڙي جو ٻج ڪونهي: اهي ٻئي الله جون امانتون آهن.“

ـ چيائين ته: محمد فقير ڪتياڻ تي گنبل شاهه تبرو ڪيو ته: بي شمار! تڏهن محمد فقير چيس ته: ادا هائو، پر ’ڪتياڻ‘ تي، ’محمد‘ تي نه. تڏهن گنبل شاهه اٿي پيرين پيس.

ـ دراني فقير مون کي سمجهائيندي چيو ته: ”ستين سَن وارا (اڳيان ماڻهو) لسَيون پي، ڪَپَڙُ چوڙي مري ويا. هينئر چاهيون پيون ڪڙهن، لاريون پيون هلن، بوسڪيون پيون پائجن. هرلن نارن جي هلاڪي ڪانهي، پاڻي اڏن تي بيٺو آهي. اهڙي صدي الله وري جڏهن ڏاهي.! ڪائي پي گلا ڪانه ڪبي“!

ـ ٢٣ ڊسمبر ١٩٦٨ع، عيد ڪان ٻه ڏينهن اڳ ملڻ آيو. ان موقعي تي گهٽي رهاڻ ٿي. اسان جي ڳوٺ کان ڏکڻ تي ميل ڪن عبدالرحيم جکري جو ڳوٺ هو. فقير سنڌي پڙهيل هو، ۽ شاهه جي رسالي ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي ڪنيو گهمندو هو. مون سان به مليو هو. فقير البت ڀنگ جو نشو ڪندو هو ۽ پنهنجي پيٽ لاءِ ڀنگ پوکيندو هو. مٿس ڪيس ٿيو ۽ ٽيپ ڪائي ويو. دراني فقير سندس تعريف ڪئي. چيائين ته: ڊاڪٽرصاحب! عبدالرحيم فقير جکرو وڏو وِيرُ آهي. ڀنگ جي ڪيس ۾ ٽيپ ڪائي آيو آهي. ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو. فقير وٽ شاه جو رسالو ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي هئي. جج ڪتاب ڏسي ڪيس بچائڻ جي ڪوشس ڪئي، پر فقير زباني ۾ چيو ته برابر مون ڀنگ پوکي هئي.

جج چيس ته: پر ڀنگ ته ننڍي هئي ۽ ڪنهن ڪم جي ڪانه هئي! جکري فقير جواب ۾ چيو ته: صاحب هئي وڏي ۽ هئي ڪم جي، باقي ٽيپ ڏين ته ڏيئي ڇڏ!“

ـ چيائين ته: دنيا ۾ زال ٻئي مردن جي پويان هوندا، پر مرد اهي جيڪي مٽيادار!

ـ چيائين ته: الله ڏاهو آهي: سڀ مان ڪم ڪڍي ويو!

ـ چيائين ته: زال ۽ زمين الله جون تِجوڙيون آهن.

ـ چيائين ته: ڀٽائي جي رسالي ۾ وڏو جهيڙو آهي (وڏا خيال ۽ ويچار آهن، وڏيون معنائون آهن).

ـ چيائين تہ: پٽائي جهڙا مڙس الله جا سَپُوت هئا.
ـ چيائين تہ: اصلي تارِڪَ اَلست ۾ هئا، باقي جيڪي هت آيا، سي ڪفن يا قبر ضرور گهرندا.
١٥- مارچ ١٩٧٠ع تي رهاڻ لاءِ آيو. ان وقت جا سندس هيٺيان گفتا ياد آهن:
ـ چيائين تہ: دعا سُئا آهي: پئي ويامندي ۽ وڏندي.
ـ چيائين تہ: تنهنجا سڀ ڪم ٿيا!

## ● عبدالعليم عرف عليم مگريو.

دَرس مگريو ويٺل ساپـو، تعلقو عمرڪوٽ، عمر ٧٣ سال، ٦ فبروري ١٩٥٣ع تي منهنجو پڇـائي اچي مـون کي سنڌ يونيورسٽي ۾ مليو، جـو ٻُڌائين تہ آءُ سگهڙن سان ڪچهريون ٿو ڪريان. واقفيت ڪرائيندي پنهنجي پيڙهي ٻڌايائين تہ: "عـبدالعـليم پٽ ٻيو پٽ پرچيـڏنو پٽ ٺئونر پٽ اسحـاق پٽ وليداد پٽ جيئندو پٽ ابراهيم پٽ عـمر پٽ مـحمد پٽ وڪيو پٽ هيسب پٽ مالي جو، پٽ ڪِيٿون پٽ گوگهر پٽ ساهڙ پٽ ڏيرو پٽ مگَرا، جنهن کي محمد بن قاسم مسلمان ڪيو.
هَٽُونگي جي شـهر، تعلقي ڪپري، ضلعي سانگهڙ ۾ ٦- آگسٽ سنہ ١٨٨٥ع ۾ ڄائو. پوءِ سندس پيءُ لڏي اچي ڍليار تعلقي ڪپري ۾ ويٺو. مولوي عـمرالدين چني (ويٺل لڳ سٽيشن سيتـا، ضلعو لاڙڪاڻو) کيس قران شريف پڙهايو.
چيـائين تہ: "مون قرآن شريف معنيٰ سان پڙهيو ۽ الله تعاليٰ جي وحدانيت کي دل جان سان مڃيم. پوءِ خلق ۾ گمراهي ڏٺم. گهڻن وڏيرن پيرن فقيرن کي گمراه ڏٺم. پوءِ فـقير عـبدالرحيم گرهوڙي وانگر جهـاد شروع ڪيـم. تڏهن منهنجي عمر پنجاهہ سال هئي.
ـ چيائين تہ: "جنهن بہ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ وحدت جو انڪار ڪيـو، سو ڪافر ٿيو: باقي ڪافر ڪا ذات ڪانهي، ڪو جسم ڪونهي".
ـ چيائين تہ: "آءُ يارهن علم ڄاڻان جيڪي عقل ۽ عبرت جي ڪتاب ۾ لکيل آهن: آءُ مـشـرڪن جـو مـولوي، بي عـقلن جـو وڪيل، جـاهلن جـو سـردار، حرامخورن سان همراهہ، انڌن جو علاج، لچن سان لاڳو، چرين جو چڱو مڙس، ڪريلن جو خليفو، ٺڳن جو ٺاهہ ڪندڙ، پُوڪَن جو پَرجهلو ۽ ڪوڙن جو قاضي

آهيان.“

• مون خبر چار پڇي. پاڪستان قائم ٿئي اڃان ڏهه سال به پورا نه ٿيا هئا جو ان وقت جي حالات مطابق جواب ڏنائين ته:

نئين سرڪار، پڇا مار، ملڪ تباهه، خلق خوار
پيدا ٿيو نئون آزار، آفيسر ٿيا آهن غدار
جن وڏي آهي ملڪ ۾ مار، اها اٿئي نئين سرڪار، اهاخبرچار!

پوليس بابت چيائين ته:

سچو چور، پر حالت شَڪي
قلم هن تي چار سئو ويهه
ڏنائين پئسا ڪريون ڪيئن!

—

چور بچائي، پاڳيو ڦاسائي ڪوڙا ڪس تڳيون ٿاهي
صوبيدار صاحب عادل آهي چئي: فرياد ڪوڙو ناحق آهي
چورچٽو، اچي پاڳيو ڦاهي

—

سڪندر، دارا، نو شيروان طائي انهن سين عدالت هلائي
هاڻي جيڪا حڪومت آئي رعيت جي تنهن ڪئي تباهي!

• هڪ ڪچهري ۾ چيائين ته ماڻهو چئن قسمن جا آهن: هڪڙا ڪاٺو جيڪي چڱا ڪم ڪري، هن دنيا مان نيڪيون ڪٽي ويا؛ ٻيا پاتو جيڪي پرائي مال تي پيا پلجن؛ ٽيان چاتو، جيڪي هت عيش عشرت ۾ پورا آهن: چوٿان لاتو، جيڪي مال ملڪيت لڪائي لَٽي ويا جو نه پاڻ ڪاڏائون ۽ نه ٻين کي ڪارايائون. مون پڇيو ته: اوهان ڪهڙن مان آهيو! چيائين ته: اسين پاتو آهيون پر انهن لاءِ جيڪي لاتو آهن. موذين جي ملڪيت کائڻ جائز آهي.

• بي دين پيرن سان عليم جي پَٽي ڪانه! گلا جا ليڪا لتاڙي، گهڻي بي زباني ڪيائين. جاهل مريدن کي ’مشرڪ‘ سڏيائين. پينو پيرن کي ننديائين ته:

پير ٿئي، در درِ بيهي
پني پيئي، سورن کي جيئي

انڌن جـــو تـــو اڳـــواڻ تـــئي
مُـلڪ ڦـــري تـہ بہ ڇٺو نـہ تـــيـــئي.

٢٨ جون ١٩٥٧ع تي حيدرآباد ۾ آيو. مون چيو تہ: فقير زبان کي ڪجھ لغام ڏي! چيائين تہ: نٿو سمجھين تہ:

’سچي دين الله جي ۾ عيب ڪيائون!‘

جاهلن کي مخاطب ٿيندي ابتا سبتا بيت چيائين. سندس قول تہ:

رڳو نالو مسلماني، نسورو جهل ناداني

- چيائين تہ: ’مون نَوَ جهاد ڪيا‘. (جئن فقير عبدالرحيم مگريي جهاد ڪيو ۽ سامي جي مڙهي ڊاٺي، تيئن عليم بہ نَوَ حملا ڪيا جن کي پنهنجي يقين موجب ’جهاد‘ پئي سمجهائين. چيائين تہ: ستن ۾ مون تي ڪيس ٿيا ۽ وڏا معاملا متا.

- پهريون اهو جو ڪپري طرف ويساهہ وارن مريدن، پنهنجي مرحوم پير جي ڪَٽ محفوظ ڪري رکي ۽ ان کي مان ٿي ڏنائون، سا ساڙيائين.

- ٻيو ڳوٺ مينڌري جي تڙ، تعلقي ڇاڇري ۾ ماڻهن کي هڪ کٻڙ ۾ ويساهہ هو جنهن کي لوڙهو ڏنائون، ان جي رَڪ ڪيائون ۽ ڪاٺي ٻيڃڻ نہ ڏنائون، ۽ اچي دعائون گهريائون. ان کٻڙ کي باهہ ڏيئي ساڙيائين. گوڙ شور ٿيو پر پوءِ راجوٽي ٺاهہ ٿيو.

- ٽيون عمرڪوٽ لڳ ڪنهن قبي کي باهہ ڏنائين جو اتي ماڻهو زيارت تي اچڻ لڳا ۽ جهنبون لاهڻ ۽ باسون باسڻ لڳا. چيائين تہ: ”هڪ رات ڳاسليٽ جو ڊٻو ڪٺي ويس پر قبي جي در کي ڪرف آيل هو. در تي گاسليٽ هاري، تيلي ڏنم. هوا هئي گهٽي، سڄو ماچيس کپي ويو پر باهہ لڳي ئي نہ ۽ شيطان مون کي ڦري آيو. اتي الله کي عرض ڪيم تہ: شيطان ڦري پيو. حڪم ڪر تہ تنهنجي حڪم سان باهہ لڳي. مون وٽ باقي هڪ تيلي آهي. پوءِ ان تيلي تي باهہ لڳي ۽ در سڙي ويو. ان رات ۽ پوءِ لاڳيتيون بہ راتيون رات جو آءٌ جڏهن ننڊ ۾ هجان تہ جڙڻ ڪا شيءِ اچي جو ڪَٽ کي اٿلائي، ۽ آءٌ هيٺيان تہ ڪٽ مٿان! شايد جنن شيطانن مونکي ڊيڄاريو. فرياد ٿيو، منهنجو نالو ڏنائون ۽ پوليس مون کي پڪڙي آئي ۽ اچي عمرڪوٽ جي جيل ۾

هنيائون. ٻارهن ڏينهن جيل ۾ هئس پوءِ ڪيس هليو. پر آخر رضانامو ٿيو.

– چوٿون. ڳوٺ غلام نبي شاهه تعلقو ساماري ۾ هڪ قِتَل قبر ڪي 'ڪَتي وَلي' جي مزار بنائي مٿان اچي ٻلسون ٻاسڻ ۽ 'ڪتي ولي' جي نالي تي جانور کهڻ لڳا. ''آءُ اها ڳالهه سهي نه سگهيس. هڪ رات ڪَتي جي پِري ڪٽي آيس ۽ ٽوڪي ڏنم ٻاهه. پڪو سڙي پٽ ٿي ويو. ويتل مجاور جو ڪکائون گهر به سڙي ويو. پاون شاهه نالي سيد، ساماري جي مختياڪار وٽ مون تي فرياد ڪيو ۽ مونکي جهلي اچي جيل ۾ هنيائون. جڏهن ڪيس هليو ته هيٺيان سوال جواب ٿيا.''

مختيارڪار: ٻاهه تو ڏني آهي، ۽ مجاور جو گهر ساڙيو آهي؟

عليم: مون تي ڪيس ڪنهن ڪيو آهي، مجاور يا ٻئي ڪنهن؟

مختيارڪار: پاون شاهه توتي ڪيس ڪيو آهي.

عليم: جڏهن گهر ٿي سڙيو، تڏهن پاون شاهه ڪٿي هو؟

مختيارڪار: پنهنجي ڳوٺ هو.

عليم: صاحب! 'ڪَتي وَلي' ۽ ڳوٺ جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو آهي؟

مختيارڪار: ڏيڍ يا ٻه ميل.

عليم: جڏهن پڪي کي ٻاهه لڳي هئي تڏهن سيد ڪٿي هو؟

مختيارڪار: سيد پنهنجي گهر هو.

عليم: ها! جڏهن ٻاهه لڳي تڏهن سيد پنهنجي گهر هو، ته پوءِ ڪيئن ڏنائين ته مون ٻاهه ڏني؟ پاون شاهه ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي. پر جي 'ڪَتي وَلي' پاڻ اتي اچي قسم کڻي چوي ته مون ٻاهه ڏني، ته آءُ جوابدار آهيان.

اتي مختيارڪار جا سوال ڪٽي ويا ۽ ڪيس ڪوڙو ڪري ڪڍي ڇڏيائين.

– پنجون ته 'ديهه پوپي' تعلي ڪپري ۾ پير آيو ۽ ڪنهن جاءِ تي گهوڙو جهلي لٿو. جڏهن پاڻ هليو ويو ته مريدن ان جاءِ تي پَڙُ وڌو ۽ ٻاهران لوڙهو ڏنائون. پوءِ اتي ميڃتائون ۽ زيارتون شروع ٿيون. مون سمجهايو، پر نه مُڙيا. تڏهن مون ڏينهن ڏٺي جو لوڙهي کي ٻاهه ڏني ۽ سڄو سامان سڙي ويو. مون تي ڪپري جي مختيارڪار وٽ ڪيس ڪيائون ۽ پوليس مون کي جهلي وڃي جيل ۾ هنيو ۽ پوءِ ڪيس هليو.

مختياڪار: تو باهہ ڏني؟

عليم: هو ڇا جنهن کي مون باهہ ڏني؟

مختيارڪار: مرشد لٽو هو

عليم: جي لٽو هو تہ اتي هٽ منهن ڌوتائين يا پيشاب ڪيائين يا ٻي ڪهڙي شيءِ ڇڏيائين جنهن کي مون باهہ ڏني؟

مختيارڪار: انهيءَ جي مون کي ڪهڙي خبر؟

عليم: صاحب، جي تو کي خبر ڪانهي تہ جاءِ ڪان هلي پڇ تہ باهہ ڪنهن ڏني.

مختيارڪار: جاءِ ڪيئن ڳالهائيندي؟

عليم: جي توسان جاءِ نٿي ڳالهائي تہ پوءِ ڪيس ڪوڙو آهي. تون انصاف ڪر.

تڏهن مختيارڪار مونکي ڇڏي ڏنو.

ــ ڇهون. چيائين تہ: ڳوٺ مِينهلاٽي تعلقي عمرڪوٽ ۾ 'ڄِيئتان جو ٿان' هو، ۽ جاءِ جي اندر 'ڄِيئتان' جو بت رکيل هو. اتي هندو ايندا هئا پر مسلمان بہ ايندا هئا ۽ اچي دعائون گهرندا ها. مون هڪ رات جاءِ ڊاهي، بُت پيچي، باهہ ڏني ۽ سڀ ڪجهہ سڙي ويو. ٻئي ڏينهن مسلمانن هندن گڏجي عمرڪوٽ ۾ هيڊمنشي جيڪو هندو هو تنهن وٽ مون تي ڪيس ڪيو، ۽ مون کي جهلي اچي جيل ۾ وڌائون پوءِ ڪيس هليو.

هيڊ منشي: ڄِيئتان وَلِياٽي هئي، ۽ تو ٿانُ ڇو ساڙيو؟

عليم: زالاٽو بت نهيل هو، اهو ڪهڙو ڪم ڏيندو؟

هيڊ منشي: ماڻهن جا مطلب پورا ٿي ڪيائين.

عليم: جيڪڏهن مطلب پورا ٿي ڪيائين تہ پوءِ پاڻ اچي مون تي شاهدي ڏئي.

پوءِ فريادين کي چيائين جي ڪيس مٿين ڪورٽ ۾ ويو تہ گهٽيون ڳالهيون ٿينديون. وڃي رضا نامو ڪريو.

ــ ستون. چيائين تہ: نُورو فقير چانيهو ڪپري ڪانَ نَوَ ميل اُتر طرف دفنايل هو. اتي چوڪنڊي هئي ۽ هڪ ٽلهو. اتي ماڻهو اچي مڙيا ۽ چون تہ نورو سيني جا مطلب ٿو پورا ڪري. جهڙوڪ هندو، ٺڪر، ڪولهي، ڀيل، مسلمان سڀ ماڻهو اُتي ايندا هئا. آءٌ اها ڳالهہ سَهي نہ سگهيس. سو هڪ رت ڪهاڙو کڻي وڃي قبر کي ڊاٺم ۽ ٻاهرين اوڃاقن کي باه ڏنم. ڪهاڙو قبر تي رکي آءٌ رات ئي رات

پڇي ويس ۽ وڃي ميرپور نڪتس. اشرف صوبيدار سان صلاح ڪري ٻه هزار روپيه ڏيڻي ڪماني ڪي رشوت ڏيئي مون تي ڪيس چالان ڪرايائون ۽ مون کي جهلي آڻي جيل ۾ هنيائون.

پهريائين مختيارڪار وٽ ڪيس هليو، پر مختيارڪار مون کان ڪجهه به ڪونه پڇيو ۽ ڪيس ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ وٽ موڪليائين. اتي ڪيس هليو ۽ جج صاحب چيو ته: تون شاهدن سان سوال جواب ڪر. ڪيس ڪجهه وقت هليو پر پوءِ ڪيس مٿي ميرپور ۾ سيشن ڪورٽ ۾ موڪليائون. مون کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيائون. پوءِ ڪيس هليو.

جج: تو قبر ڊاٿي؟

عليم: مون قبر نه ڊاٿي.

جج: ڪلمون پڙ ۽ قسم کڻي ڳالهه ڪر.

عليم: مون ڪلمو پڙي چيو ته. قبر انهي کُهاڙي ڊاٿي (کُهاڙو اُن وقت ڪورٽ ۾ هو).

جج: ڪهاڙي ۾ هٿ ڪنهن جو؟

عليم: هٿ لوهار جو، جنهن جو گهڙيل هو. جيڪڏهن لوهار نه گهڙي ها ته قبر ڀڃي ئي ڪانه ها!

جج: اوطاقون ڪنهن ساڙيون؟

عليم: صاحب مون کي خبر نه آهي. آئون اوطاقون ساڙيندڙ نه آهيان.

جج: قسم کڻي ڳالهه ڪر.

عليم: (قسم کڻي چيائين ته) صاحب! اوطاقون باهه ساڙيون.

جج: باهه ڪنهن ڏني؟

عليم: صاحب! باهه ماچيس ڏني. جيڪڏهن ماچيس نه ٿئي ها ته باه لڳي ئي نه ها!

جج: تون ڏوهي آهين. تو کي بچاءَ جا شاهد ڏيڻا آهن ته ڏي.

عليم: هائو، منهنجا بچاءَ جا چار شاهد آهن:

(جج سرشتيدار کي چيو ته شاهدن جا نالا پتا لک. ائين چئي ڪنهن ٻئي ڪم کي لڳو).

عليم: (سرشتيدار کي چيو ته) لک نالا: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، قلندر شهباز

سيوهڻ جو سائين، بغداد وارو پير، غوث صاحب ملتان وارو.

(جج سرشتيدار کي چيو ته شاهدن جا جيڪي نالا ڏنا اٿس تن ڏانهن سَمن ڪيو).

سرشتيدار (جج کي): صاحب، مماتي وارن جا نالا ڏنا اٿس. سمن ڪيئن ڪيان!

جج: چارئي!

سرشتيدار: ها سائين! چارئي.

جج: (عليم کي) تون ڪو انسان آهين؟

فقير: ڇو صاحب؟

جج: مماتيءَ وارا بچاءَ جي شاهدي ڪيئن ڏيندا؟

عليم: صاحب! پُٽن ڏيڻ ۽ مُرادن پوري ڪرڻ وقت اچن ٿا، باقي حق سچ لاءِ منهنجي بچاءَ جي شاهدي لاءِ ڇو نه ايندا. ڪيو سمن، بيشڪ ايندا.

جج: جي نه آيا ته پوءِ توتي ڏوهه ثابت ٿيو ۽ توکي سزا ايندي.

عليم: صاحب، جي نه آيا ته ڪيس ڪُوڙو آهي. چارئي سچي دين اسلام وارا سَچا آهن، ۽ جي ڪيس ڪوڙو هوندو ته ايندائي ڪين!

پوءِ جج اهو ڪيس ڏياري موڪليو ڪَليٽر (ڪليڪٽر) ڏانهن جيڪو انگريز هو ۽ ان جو نالو 'بَڊو' هو. تنهن مونکي پاڻ وٽ اڪيلو گهرايو ۽ چيائين ته: سچي ڳالهه ڪر. مون چيو ته صاحب! تون ڪرستان آهين ۽ حضرت عيسيٰ کي مڃين ٿو؟ چيائين ته هائو. پوءِ مون چيو ته: "جيڪڏهن تنهنجي مذهب کي ڪو خراب ڪري ۽ حضرت عيسيٰ جيئن سيڪاريو ان کي ڪاري، ته توکي ڪاوڙ ايندي يا نه ايندي؟ هي اسان جي نبي جي دين جي خلاف ڪم ٿا ڪن انهيءَ ڪري مون کي ڪاوڙ آئي ۽ مون قبر ڊاٺي." ڪليٽر ٻڌي، ڪجهه وقت ماٺ ڪري، پوءِ مون کي چيو ته: 'توکي ڇهن مهينن جي مهلت آهي ۽ وڃي چال سڌار. انهيءَ وچ ۾ ڪجهه ٿيو ته توکي سزا ملندي'. پوءِ مون کي ڇڏي ڏنائون ۽ وڏيڪ مون به ڪجهه ڪونه ڪيو.

ــ عليم کي خاص طرح خليفن تي وڏي ڪاوڙ هئي. چوندو هو ته: يٺائي ڪونه چيو آهي ته:

خليفن جو خداسين ڪُجاڙو لڳي
سيڪو پنهنجيءَ سيڻ ۾ تو وَنئُري جيئڻ وڳي
پيٽي آهه پڳي، لڇن ڪان لطيف چئي.

بيت عليم جو پر نالو لطيف جو. ائين ٻين به گهڻن پنهنجا بيت لطيف جي نالي سان چيا.

سندس پنهنجو بيت ته:

انڌا گڏيا انڌن سان، ويئي وات هَٿا
ڌُر پهريائين دوزخ ۾، مُوڙهل انُ مَتا
نڪرندا سي نياڳا، ڪُوڙا وري ڪتا
هاديءَ جي هٿا، انهن پِٽين ڪونه پرائيو.

– ١٥ جنوري ١٩٥٨ع منجهند جو منهنجي فرزندن محمد شريف ۽ علي محمد ڪاليج ڪان موٽڻ بعد پٽي ماني ڪاڏي ۽ چيائون ته: مهينا لنگهي ويا پر عليم ڪونه آيو. انهن جو ائين چوڻ ۽ دروازو کڙڪيو. علي محمد چيو ته: اهو عليم فقير! ڀلهر وچان ته برابر بيٺو هو. مون ڪيس ڪينڪاريو ۽ چيو ته فقير گهمرو ئي ڪونه ڪيُئي؟ چيائين ته: "تون هائُو ڪندڙ (ائين) آهين تڏهن ته تو وٽ گهمرو ڪريان، نه ته تو جهڙا گڏهه ٻيا به گهڻيئي پيا گهمن"!

– هڪ ڀيري حيدرآباد ۾ آيو ۽ به ٽي ڏينهن رهي پيو جو ڪيس سخت تپ هو. سيارو هو، ۽ آءٌ صبوح جو تڪڙو آفيس ڏي ٽي ويس جو مون ڪي سڏ ڪيائين ته منهنجي ڳالهه ٻڌي وڃ. مون پڇيو ته: خير آهي؟ چيائين ته مونکي بيمار ڏسي رات شيطان مون وٽ آيو هو. مون پڇيو ته: پوءِ ڪهڙي ڪچهري ٿي؟ (جواب ڏنائين ته) مون کي چيائين ته: عليم! اٿي نماز پڙهه. مون چيو ته: منهنجي نماز ۾ تنهنجو ڇا وڃي؟ چيائين ته: توکي چوان ٿو جو سيائي الله جي آڏو چوندين ته مونکي شيطان ڪاريو هو! مون چيو ته: پوءِ تو ڪهڙو جواب ڏنو؟ چيائين ته: مون چيومانس ته: آءٌ اهڙو ڀاڙيو ڪونه آهيان جو توتي هٽندس! تون وٽ وات، ٿي راهي!

– اهو آخري ڀيرو هو جو پنهنجي تبليغ لاءِ آيو. پوءِ نابينا ٿي پيو، ۽ آگسٽ ١٩٦٧ع ۾ گذاري ويو.

# واسينگ نانگ جي مڻ

۴ تاريخ سيپٽمبر ١٩٧٥ع تي 'ڪاڪٽھار رحمعلي' (تعلقو مٺي) ۾ مهربان ميزبان حاجي جان محمد وسائي پوٽي وٽ آءُ مهمان هئس ۽ تي ڏينهن وڏيون ڪچهريون هليون. اتي هرڻ جي پيٽ مان نڪتل پٿر جو ذڪر آيو. رحمعلي فقير چيو ته: ١٩٣۵ع ڌاري مون هڪ وڏو هرڻ ماريو جنهن جي پيٽ مان مٽيو (گولائون پٿر) نڪتو. ان وقت حاجي فقير داداڻي وسائي پوٽو به موجود هو جنهن ان ڳالھ جي تائيد ڪئي ۽ چيائين ته: منهنجي پاءُ بچل کي به هرڻ جي اوجهري مان اهڙو مٽيو ڳوٺ جاڳاهَري (تعلقو ننگرپارڪر) مان مليو آهي: اهو گولائون لسو پَٿر، سائيرڙي رنگ تي آهي. چيائون ته: نانگ بلا ڪائي ته ڏنگ واري جاءِ تي رکبو ته زهر چُوسيندو. پوءِ اهو پٿر مهرباني ڪري مونکي سوکڙيءَ طور ڏنائون. ياد ناهي ته مون ڪٿي رکيو چاڪاڻ جو ان وقت مون ان جي اهميت کي ايترو وزن ڪونه ڏنو. چيائون ته: 'مٽيارو هَرڻ' تنهن جي پيٽ ۾ ٿئي ٿو. اهو هرڻ مارائيندو ڪونه پر جي ورلي مئو ته اوجهريءَ مان پنج يا ست تولا ميٽو سائو رنگ ۽ مٽيو نڪرندو. اڄ (٨٩-۴-٢٨) مون کي اهو پٿر ياد آيو، جڏهن بيروني جي "ڪتاب الجماهر في معرفة الجواهر" ۾ پڙهيم ته جبل جو ٻڪر (سَرَھ) ۽ جبل جو گهٽو (گِڊ) ٻئي نانگ کي ڪائن ٿا جيڪو اندر پيٽ ۾ هضم ٿي ڳوڙهو بنجي وڃي ٿو. ان کي "حجَرالتَيس" چئجي ٿو، يعني "گڊ جو پٿر". ڪنهن غلطي مان ان کي "حجرالبِيس" ڪري لکيو آهي، پر اها غلطي به معنيٰ واري آهي چاڪاڻ جو ان جو مطلب آهي "زهر جو پٿر". انهيءَ لحاظ سان اهو 'ترياق' آهي ۽ 'رازيانج' ٻوٽي (anise) جي رَس سان گهِي چڪ واري جاءِ تي رکبو ته سور لهي ويندو، ۽ جي ڪير ۾ وجهي پيارِبو ته به سور ختم ٿي ويندو.

ٿر طرف ٻين ڪچهرين ۾ مونکي ڪنهن چاٽو خاطريءَ سان ٻڌايو ته نر هرڻ نانگ کي ماري ٿو ۽ ڪائي ٿو. اهو بالڪل ممڪن آهي ائين جيئن سَرھ ۽ گڊ نانگ کي ڪائن ٿا. هرڻ جي پيٽ وارو پٿر به ائين جيئن گڊ جي پيٽ وارو پٿر.

بيروني پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، 'خَرَز الحَيات' جي عنوان هيٺ ؛ = پٿر جو

ذڪر ڪيو آهي جنهن کي فارسي ۾ 'مار مهره' چئجي: يعني بالڪل ساڳي شيءِ جنهن کي سنڌي ۾ 'مَڻ' چئون. بيروني جي روايت موجب، اهو پٽر هڪ خاص نانگ، جيڪو جڏهن چار سئو نانگ کائي تو تڏهن ان جي نرگهٽ ۾ سمائجي ٿو.

سنڌ جي روايت موجب 'مَڻ' واسينگ نانگ جي مٿي ۾ ٿئي ٿي ۽ رات جو اها روشن ٿئي ٿي. بهرحال نانگ جو مٿو ۽ نرگهٽ گڏيا پيا آهن. 'مَڻيا' جو لفظ 'مَڻ' سان لاڳو آهي: معنيٰ ماڻهوءَ جي منهن جي روشني، ۽ (اصطلاح طور) دل جي روشني. چوندا 'فلاڻي جي منهن ۾ مڻيا آهن'، مَڻيادار آهي، منهن ۾ ڏيا اٿس. ڏيا جي معنيٰ به روشني. چوندا 'نوراني چهرو' اٿس، 'نور' به روشني آهي. اي منهنجا سڄڻ! تنهنجي ادبي ذوق وڌائڻ لاءِ، مشهور شاعر ڪبير شاهه جو وڏي دانائي وارو بيت لکان ٿو جنهن ۾ واسينگن جي مٿن ۾ 'مڻ' جي تصديق ٿيل آهي:

ڳوهَ اڳيان ڳالهاءِ، جي ڪٺي مرليون محبت جون هڻين
توءِ ڦڪيونِ ڏيندي ڦوڪون، جن ۾ لاءِ نه ساءِ
نورَ ڪَپُرَ ڪي نه پيو، پرتنِ ڳالهه پَساءِ
وَنءُ تون واسينگنِ وٽ، تُرت لَهي ترياءِ
مَڻ جَني جي مٿي ۾ آهي شَمَ جهڙي شُعلاءِ
سي سُرسٽي، سِرُ ڏيندا، آٽي تان ارواح
ڪندا پاڻ پتنگ جئن صدقي صدقي ساهه
ڪيرتَ ڪبير شاهه چئي وجي ڳاجَ تَني وٽ ڳاءِ
جَن جو ڳُٽنِ پَريو ڳالهاءِ، سي تا عطر اوتين ادبَ سين.

# هيءَ جڳ بازيگر جي بازي

ڪجھ وقت اڳ، سنڌ جي ڳوٺن ۾ سُرت ۽ سمجھ وارا اهڙا گھڻا ماڻھو موجود هئا جيڪي ڳالهيون ڪندا، سمجھندا، ۽ ورجائيندا هئا: پهاڪا ۽ چوڻيون، مثال ۽ معنائون سندن رهاڻ ۾ بيان ٿيندا هئا. 'پهاڪا' سنڌ جي ادب ۽ ثقافت جو خزانو آهن ۽ راقم جو ارادو هو تہ لوڪ ادب رٿا هيٺ ڪم از ڪم پنجن جلدن ۾ انهن کي تحقيق سان شايع ڪيو وڃي. پر افسوس جو سنڌي ادبي بورڊ جي سرواڻن لوڪ ادب جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو. هلندڙ رهاڻ ۾ هن موضوع تي ڪجھ گفتگو ٿيندي ۽ آخر ۾ متئين ڏنل عنوان بابت بيان ايندو.

● اسان جي استاد سائين مرحوم مخدوم امير احمد هڪ ڀيري (۱۹۶۴ع) مثال طور چيو تہ: "واتي سِري، واڳي سِري". عام طرح پهاڪو ائين، پر اصل ۾ صحيح شايد 'واتين سِري واڳين سري" يعني تہ ماڻھن جي واتن مان جا ڳالھ سري نڪري ٿي سا جڻ گھوڙن جي واڳين چڙهي وڃي ٿي. ڳالھ وات (زبان) تي نہ آڻجي ۽ اندر ۾ ڍڪجي، نہ تہ ڪُلي ويندي. چوندا تہ: سوَلي وائي ڪجي، متان ساپيان تي پوي! چوندا تہ "فلاڻي جي وات فال تي وئي"، يعني وات مان جا وائي نڪتي سا فال تي وئي (تہ ائين ئي ٿيندو). تڏهن ته جي پاسي چوندا تہ "تفالُ چڱو ڪر". 'تفال' اصل ۾ عربي لفظ 'تفاءُل' آهي.

● "ڏَڙيلي ۾ دهل وڃي، ٻينگاڻ ۾ ٻيڏ نچي"، اهو ائين جيئن "پَرائي ڏُهلين احمق نچي".

Gul Hayat Institute

● "ڏيرياڻي ۽ ڏاهَ، ورهين وجھ ڏسي وڙهن". ائين ڪنهن وَڏ گھراڻي فڪرمند مائي آڳاتو چيو، ۽ اهو پهاڪو ٿي ويو. ڏيرياڻي يعني ڏير جي زال ۽ ڏاهہ معنيٰ ڀاڄائي. انهن ٻنهي وير رکيو تہ ورهين ڪان پوءِ بہ جي وجھ لڳن تہ وير وٺنديون. اها ان وقت ڪنهن وَڏ-گھراڻيءَ جي راءِ هئي.

● چوندا "ڪڏهن پاءُ ماري سير ڪي، ڪڏهن سير ماري پاءُ ڪي".، پر هن ملڪ ۾ ٻئي مري ويا. 'سير' ۽ 'پاءُ' سڄي ملڪ ۾ تور جا اصل ماڻ هئا جيڪي پاڪستان واري دور ۾ ۱۹۸۰ع ڌاري رد ڪيا ويا ۽ يورپي ماڻ 'ڪلوگرام' رائج ڪيو ويو. اهو انهيءَ لاءِ تہ ان ۾ 'ڏهائي' وارو آسان حساب آهي. ڪو فرق

ڪُڏندو ته ڪنهن وقت پير ترڪي ويندس ۽ ڀڏندو.

- چوندا ته: 'وڙهجي ته پَرچڻ جي جاءِ ڇڏجي'. هي وڏي دانائي واري چوڻي آهي.
- ڪنهن سالڪ چيو ته:

'ڪَر ماٿو، وڻ ٻاپرو، ڪنهن پاڙي نه هوءِ
توڙي پيرِ نه پڄڻو، ته به جيءُ هُرڪو هوءِ

ڪريل ماٿو ۽ ٻير جو وڻ ويجها هوندا ته نه ڪَر ماٿوءَ جي حرڪت ڪان، ته نه ٻير جي ڪنڊي ڪان. اُلڪو (هُرڪو) لهندو ته متان ڪر ماٿو ڪنهن وقت ڪرائي ڪري، ۽ متان ڪنهن وقت ڪنڊو هيٺ ڪِري ۽ پير ۾ لڳي.

- هيٺيون بيت مثال طور هلندڙ هو جنهن بابت پڇندي آخر ائين معلوم ٿيو ته هاد بخش مَري نالي شخص نيڪ هو پر بلڪل مسڪين هو. پرٽيو ته اولاد ٿيس ۽ پوءِ لاچار اَنُ چوري ڪري پٽن ۽ زال کي پيو ڪارائي. هڪ ڏينهن انهن ڪان پڇيائين ته: هي اَنُ چوري جو ٿو آڻيان: قيامت جي ڏينهن ڪو پڇاڻو ٿيو ته اوهين ان ۾ مون سان بيهندئو!' هنن چيو ته: "اسين نه بيهنداسون". اهو ٻُڌي هو توبه تائب ٿيو ۽ چيائين ته:

پُٽ لڳا پانهنجيءَ، ۽ جدا ٿئڙم جوءِ
هادُو انهين ويل لاءِ هئي هِي اَنُ نه هوءِ

- "هيءَ جڳ بازيگر جي بازي". اهو ٻول ٻُڌل هو پر معلوم نه هو ته ڪهڙو بازيگر ۽ ڪهڙي بازي! ٩ جنوري ١٩٥٥ع تي راجي خاناڻي ۾ رهاڻ تي جتي ڪنهن سُگهڙ سمجهايو ته:

هڪڙي بازيگر وٽ رڇ ۽ پولڙو هئا. بازي وڏائين ۽ خيرات ورتائين مس، ته هڪڙو ٻيو فقير آيو جنهن چيس ته مونکي بازي ڏيکار. بازيگر ان کي به بازي ڏيکاري ۽ چيائينس ته تنهنجي دل راضي ڪيم هاڻي منهنجي دل به راضي ڪر. تنهن تي فقير سوپاري ڏنس ۽ چيائينس ته 'هيءَ وڃي درياء کي ڏي ۽ چئينس ته منهنجي دل راضي ڪر'.

بازيگر روانو ٿيو ۽ هن وڻ سان رڇ ۽ پولڙو ٻڌي درياءَ ۾ سوپاري اُڇليائين ته درياء مان اندران راڻي نڪري آئي ۽ چيائين ته: آءُ تنهنجي دل راضي ڪرڻ آئي آهيان. پوءِ بازيگر کي وڳا ڍڪائي بادشاهه بنايائين، ۽ پنهنجو شهر ٻڌائي

ويهي رهيا.

اُتي ڪو ٻئي ملڪ جو امير آيو، تنهن پنهنجي ڌيءَ ڏنس. بازيگر جي دل اُن نندي زال سان ٿي ويئي. هڪ دفعي ان نندي زال جي چوڻ تي وڏي راڻي کي وچي درياء تي ڇڏي آيو. اتي راڻيءَ پڇيس ته آءُ وڃان؟ چيائينس ته 'وڃ'. راڻيءَ ٽي ڀيرا پڇيس، ته ٽيئي دفعا چيائين 'وڃ'. پوءِ راڻي وئي هلي. بازيگر درياء مان ٽٻي نڪتو ته اهو ساڳيو بازيگر جو بازيگر، ۽ ڇڄ ۽ پولڙو به پڌا بيٺا آهن. ڪيڏانهن وئي راڻي ته ڪيڏانهن وئي بادشاهي! اتي ڏٺائين ته ساڳيو سوپاري وارو فقير بيٺو آهي، تنهن کي چيائين ته مون سان هيءُ ڇا ڪيئي؟ تڏهن فقير جواب ڏنس ته: ''تو به ڏيکاري مون کي بازي، مون به ڏيکاري توکي بازي''.

Gul Hayat Institute

# مانائتيون مايون

• **مائي سَت ڀائي جوٽيجي.** ميون شاهه عنات (رضوي) شيخ موسي وٽان چڙهيو ۽ تنبدي الهيار کان ڏکڻ هاليپوٽن ۾ آيو (هن وقت گولي هالي پوٽي جو ڳوٺ سڏجي). چيائون ته مسافر آهيون، لهنداسون. آڏو چيائون ته اڳتي وڃي لهو. ديهه چارڪي ۾ جوٽيجا (هن وقت ميان داد جوٽيجي جو ڳوٺ) اتي مائي ست ڀائي جوٽيجي سندن وڏي آدرڀاءُ ۽ خدمت ڪئي. تڏهن مين شاه عنات چيو:

جهڙو سَتُ سَتيءَ ۾، تهڙو جي هاليپوٽن هوءِ
جهڙي جوٽيجاڻي جوءِ، تهڙو هاليپوٽو ڪو هڪڙو.

• **مائي جنت ٻُري.** سگهڙ شاعر حاجي طاهر گراٽي ٻڌايو ته ١٩٣٠ع ڌاري 'جَهنگ ڪَنڊ' (ڪراچي کان ٻارهن ڪوه اتر طرف) جا ويٺل ٻُرا، الله ڏنو ۽ پٽس اسماعيل، ميرپورساڪري طرف مال ڪاهي آيا. مائي جنت الله ڏني جي گهرواري هئي ۽ شاعر هئي. پنهنجا گهڻا بيت ٻڌايائين جيڪي مون کي وسري ويا آهن پر هيٺين هڪ سٽ ياد آهي ته:

جا ڳيس ڪين، جنت چئي، وئي وِهامي وَهي

• مائي مان ٻائي. ڄهنڄهڻ، ويٺل ڳوٺ ڄهنڄهي تعلقو چاچڙو، سميجن جي ڳوٺ ۾ پرڻجي آئي، ۽ سخاوت جي ڪري سڄي ٿر ۾ مشهور ٿي. سندس نالي پويان 'مائي مان ٻائي جو تڙ' ۽ ڳوٺ، جيڪو چاچڙي کان ٻارهن ميل ڪن اوڀر طرف آهي. مائي مرداني هئي. انگريزن جي دور جي شروعات هئي. تروَٽ هتان لنگهيو ۽ گهوڙن اٺن لاءِ گاهه ڏنائون پر مائي پنهنجي دستور موجب ماني به ڪارائي. تروَٽ کي چيائين ته: اسان وٽ تڙ ڪونهي. تروٽ پوءِ تڙ جو انتظام ڪيو ۽ ان سان گڏ سنڌ ۾ (هيرل تي) مائي کي هڪ سئو اسي ايڪڙ زمين ڏنائين. ڪنهن ڏڪيي سال گاهه گهٽ هو. ان وقت اسماعيل نالي ڪو چڳو ۽ سندس ساٿي اچي تڙ تي لٿا. اسماعيل گاهه گهريو ۽ مائي گاهه ڏنو:

سميجي سُماعيل چئي، آهين مادر اسان جي ماءُ
تنهنجي مانيءَ نلاهيون بکيا، اسان جي گهوڙن ڏج گاهه

• مائي فاطمه موچياڻي. سندس احوال ۽ سندس بيت ”رهاڻ هيرن ڪاڻ-١“ ۾ اچي ويا آهن. هيٺ سندس قافيون ڏجن ٿيون. مائي انهن ۾ نالو پنهنجي پيءُ لال جو وڌو.

(١)

تلهه: جي مان چاٽان جت ڪا جاڙ ڪندو،
ته سيجن تي ڪيئن سمهان ها

١-آن سُتي هُيس، سار نه ٿئڙي،
جيڪر جانب لئي جاڳان ها

٢- جي مان چاٽان مَنهنجو پنهل نيندا،
پهه ڪري ته پچان ها

٣- جي مان چاٽان مان ڪان وڃڙيا ويندا،
پانڌين ڪون ته پچان ها

٤- ڪرها ڪِٽڪيا ڪين ٻڌا مان،
گورن ڪي ته گُڏيان ها

٥- لال چوي تو، جيڏيون جانب لئي
هي جبل سارو جانچيان ها

(٢)

تلهه: ڪاڻ پنهل جي جيڏيون سرتيون،
هاڻي ويني تي ڪانگ اڏاريان

١- پار انهيءَ ڏينهن اچي من ڪو پانڌي،
تن لاءِ ويني تي راه نهاريان

٢- ٻڌي سندرو سور انهيءَ مون،
مان آري لئي اوساريان

٣-مٽ محبن جي چا ڪو ٿيندو،
تن ڪي ويهي مان ڪيئن وساريان

٤- لال چوي تو پنهل پچاٽان،
مان گهڙي ڪيئن گهاريان

Gul Hayat Institute

(٣)

ٿلهه: نڪري ٿيا نروار، عشق عقل ٻئي چوغان ۾
١- جنگ لڳي ات جُلهه ٿي، ٿيا سرواهين جا شڪار،
اتي مڙد ڪڙا هئا ميدان ۾
٢- ڏرتي سِرَ ته ڏَڪاءُ ٿيو، پڳو سي بلخ بخار
خبر رسي خراسان ۾
٣- جڏهن حڪم ٿيو حضرت شاه جو چئين قبلين چوڌار
مَلڪ فلڪ ٿيا فرمان ۾
٤- عشق پڇايو عقل کي، جنگ ڪٿي ته جهونجهار،
لال چوي لامڪان ۾

(٤)

ٿلهه: جيڏيون ڙي مونکي ڪنهن نه جاڳايو، جيڪر مان هوتن ساڻ هلي وڃان ها
١- جڏهن ڪرهل آيا ٿي ڪيچ ڏنهن، تڏهن هن ٻوڙي کي ڪنهن نه ٻڌايو
٢- اٺ ته آريءَ ڄام جا، هڪڙي ڪا رات رَهايو
٣- هو انگ لکيو آريءَ ڄام سان، قادر قلم وهايو
٤- لال موچي مسڪين سان، اچي مولي محب ملايو

(٥)

ٿلهه: مان سَرتي ڳالهه ڪريمِ ڪا، هاڙهي ڏانهن هلڻ جي
١- ڏر ڏسي ڏونگر جا، متان وري پوءِ وَريم ڪا
٢- مان پيي اوريندي لڻ سان جي ڪا محب لاءِ مريم ڪا
٣- جيڏيون ڙي باه جبل ۾ ٻارو چل جي ٻريم ڪا
٤- لال موچي مسڪين تي، من پنهنجي ديد ڏريم ڪا

(٦)

ٿلهه: موڪل ڏي ميان سومرا وڃان ملڪ وري
وڃان ملڪ وري، منهنجي سرتين ڪؤن نه سري
١- ڪڍ بنديائي بند مئون، لاهج پُل جي پري
٢- ڪاچ ڪائينديس تنهنجا ڪينڪي، توڙي وڃان ماڳ مري

٣- ناهيـــون هنڌن جـــا هيـــروان، اسين پٽـــون کرڙن هيـٺ کري
٤- ڦـــو ڳ ڦـــلاريا ڦـــرکن، ڏيهـــ ۾ ڏنئـــرا پيـــا تـہ ڏري
٥- لال چـــوي منهنجي مـــارن ســـان مـــان کـــوليـــان درد دري

● مـائي سوري يا شوري. ننگر پارکر جي شـهر کلسبي مـان ڪنهن شادي ڪئيءَ اها مائي سوري يا شوري ذات جي، سهڻي هئي. صوبيدار مائي تي پُليو ۽ ان جي مڙس کي جهليـائين ۽ ٽـاڻي تي ويهاريائين. پوءِ مـائي ڏي ويو، مـائي آئي ۽ سپاهي جي ترار سان صوبيدار کي مـاريائين. سَچُو مياڻو ويٺل ٻنڌٽالس جو (١٩٤٨ع ۾ فوت) تنهن مـائي جي ست ۽ سورهيائي تي هيـٺيون بيت چيـو (جيـڪو ڳـوٺ ڏيٽيون، تـعلقي ڏيپلي ۾ الله بـچائي لنجي وٽ ٣١- آگست ١٩٨٣ع تي کيل ڪچهريءَ ۾ سگهڙ عبدالرحيم لُنڊ کان مليو):

الله هو جل جـــلاله ســـاراهيـــان ســـائين
جـــوئين هن جـــهـــان ۾ ايـــان کي آهين
شاه انهيءَ جو شان رکي، موليٰ مـحـشر تائين
جيـئريون هُونِ جـهـان ۾ اهي سَـتيـون سدائين
مڙس مَـرکائينِ پانهنجـا، تيـون مـائٽ ملهـائين
کري خـون خـوشيءَ مـان، ڏس جـو مـرد مـاريـائين
تِـرچي تـنهن کي تـرارين ســـان وڍي وڌائـين
سُبـتيـون تراريون صـوبيـدار کي وَهَ جون واهيـائين
هُئي کسَ قلب کي ســـا لحظي لاتـــائين
ســـڏ کري شـاهدن کي تي کُلُ کـوتـيـائين
تہ هکدم هيـکاندي مـون کي کيـو کورٽ تائين
سامـهـيـون ڳـالهين صاحبلوک کي چونديو چيـائين
ڏسون شان تنهن شوريءَ جـو، جو منهن نہ موڙيائين
اُت بـہ عـــقل هوش جـــون تي باتين بـتـــايائين
انعـــامـــون انگريزن کـــان تي کِليـــو کنيـــائين
مَـشـــر تي ملکن ۾ ســوري ســچـيـــائين

ساعت گهٽي هُئي صوبيدار جي، جو وئو هيڪلو هِتائين
هاڻي حرص نہ ڪندو هتي ٻيو ڪو سپاهي سچيائين
گذاريندا غريبت سان اُتي جي آهين
سهيليون سنگتين سان گهٽو پاڻ پڏائين
پر شوريءَ جهڙي جوءِ سرزمين ۾ ڪانہ سُئي سون ڪڏاهين
نالا نيڪِين ڪتينِ جي،ايئن وِڪون وڏائين
پَليو سوس ساه جا اچو سر سَنباهين
تن سَتين ساڻ سچو چوي، ڪندو مدد مولا سائين
ڳالهين پيا ڳائين، ڏيسوتِين جون ڏيهہ ۾

اي سرتيا! چاڻ تہ سچوءَ جي ٻولي تر ننگر واري آهي جنهن ۾ جمع 'ئين' سان ٺهندو جئن تہ، جوئِين= جويون. ڳالهِين= ڳالهيون. باتِين= باتيون. نيڪِين= نيڪيون. آخري سٽ ۾: ڏيسوتِين جون= چڱين لائق پرينِ جيون.

# سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگري

سنڌ ۾ حيلن ٽَلن (ٽيڪنالاجيز) جي تاريخ کي مرتب ڪرڻ لاءِ لوهارڪي ڌنڌي ۽ ڪاريگري کي سمجهڻ ضروري آهي، ڪنهن سگهڙ آڳاٽو چيو ته:

'جي ڪُٽين ڪُٽُ لوهارَ، تَن کي ڪهڙو قدر سونَ جو'

اها هڪ طرفي ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ جو لوهارن کي جي سونَ جو قدر ڪونهي ته لوهار به ڇئي سگهي ٿو ته سوناري کي به لوهه جو قدر ڪونهي. هڪ ته لوهه وڏيڪ ڪم جو آهي ٻيو ته لوهارڪي ڪم جي ڪاريگري به ايتري ئي اهم آهي جيتري سوناري جي. سنڌ ۾ سونارا توڙي لوهار ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪاريگري ۾ برڪ هئا، پر سونارن جو ڪم 'سون' سان ۽ لوهارن جو ڪم لوهه سان رهيو جنهن ڪري 'سون' ۽ 'لوهه' جي قيمت ۾ فرق سببان ٻنهي ۾ فرق ٿيو. 'وينجهارن' کي به وڏو ڪاريگر ڪري سمجهيو ويو ڇاڪاڻ جو هو موتين ماڻڪن جي وِنڌَ يا وِينجهه ڪرڻ وارا هئا، يعني موتين ماڻڪن کي صاف سهڻي صورت وارو بنائي، وِنڌي وينجهي (سوراخ ڪري)، هارسينگار لاءِ تيار ڪندا هئا. شاه جي رسالي جو بيت ته:

وڻا سي وينجهـــارَ، هيـــرا لالَ وِنڌين جي
هاڻي اُني پيــٽــيين ڪُٽينِ ڪُٽُ لوهارَ

هن بيت مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ وِينجهار به هئا جيڪي آڳاٽو ويا، پر لوهار اڃان شاه عبداللطيف (وفات ١١٦٥هه/١٧٥٢ع) جي وقت ۾ موجود هئا. براج واهن جي وهڻ (١٩٣٢ع) تائين، هتان جا لوهار، ڪنيار ۽ موچي پنهنجن پيشن ۾ مشهور هئا ڇاڪاڻ جو واهن، ڪَڙين، کُورن، کَسين تي هُرلا ۽ نار هئا جن لاءِ انهن ڪاريگرن جي ڪم جي ضرورت هئي. هرلا ۽ نار ويا ته اهي ڪاريگر بي ڪَما ٿيڻ لڳا، ۽ هاڻي هن ويهين صدي جي خاتمي تائين انهن پيشن وارا ڪي ٿورا ڪم ڪندڙ باقي وڃي بچيا آهن، ۽ انهن ۾ به ڪاريگر ڪو ورلي آهي!

١٩٧٥-٨٠ع وارن سالن ۾ جڏهن آءٌ 'شاه جي رسالي' جي تحقيق ۾ مشغول هئس ته "ڪَچو رُڪ ڪٽيون ٽئي" (هيٺ ڏنل بيت ٻئي ۾) جي معنيٰ سمجهه ۾

نه پئي آئي ۽ ڳوليم ته ڪو ڄاڻو لوهار ملي جو سمجهائي. حيراني تي جڏهن ڏٺم ته گهڻو ڪري شهرن ۾ ڪاريا ۽ ٻيا ٻاهريان لوهار نظر آيا پر سنڌ جي اصل لوهارن جا دڪان ئي ڪونه هئا.

شاهه جي رسالي جي سُرِ يَمن ۾ هيٺيان بيت لوهارن جي ڪم جي ڪاريگري جي حوالي سان چيل آهن. اهي بيت هڪ ته شاهه جي فڪر ۽ شاعرانه عظمت تي شاهد آهن جنهن ڪي سنڌ جي ٺئي ماحول مان گڏ لوهارڪي ڌنڌي جي به پوري ڄاڻ هئي، ۽ ٻيو ته انهن بيتن ۾ لوهرن جي ڪم جي ٽَلن ۽ حيلن جو سمان چٽيل آهي جيڪو سنڌ ۾ 'ٽيڪنالاجي' جي تاريخي مطالعي لاءِ وڏي اهميت وارو آهي.

بَرِ تَنَ اڳـــــارن، ٻـه- ڏائين ٻَرَن جي
هڪ جَئن ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهه ڏڳن
ايــان لُهــارن، مـــيــڙي رکـيــا مچ تي.

—

ڏَنءِ ڌنءِ ڏَمَـڻِ وارَ، اچ پـڻ آڳـــــڙيَنِ جي
ٻاري مچ مــجــاز جــو، اوتيــائون اڱـــارَ
ڏُوڏِئان تيءِ مَ ڏارَ، جِمَ ڪِچو رُڪُ ڪَٽيون ٿئي.

—

اچ آڳـــڙيا آئيـــا، سُـــوڏا ســـراڻي
پيـــاري پاڻي، تيـــغـــون ڪندا تِڪِيُـــون.

انهن بيتن جي معنيٰ گهڻن ڪان پڇيم پر ڪنهن حد تائين صحيح نموني ۾ سَولِي سمجهه ۾ تڏهن آئي جڏهن لال بخش خان زئونر (ڳوٺ لڳ ميرپور ٻٺوو) منهنجي سوالن جا جواب باصواب ڏنا. هن وقت (٢٠٠٠ع) هو بندوقن، پستولن رائيفلن وغيره خودڪار هٿيارن جي ساخت، نقص ۽ 'رپيئر' بابت وڏي ڄاڻ رکي ٿو. ساڳس ميرپور ٻٺوريٰ جي علمي ذوق رکندڙ نوجوان عبدالقادر ڪتي معرفت ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون ۽ آخري ڪچهري جيڪا محمد هارون ڪاڙڪ (ڳوٺ ميرپور ٻٺوري ڪان اولهه) وٽ ١- نومبر ٢٠٠٠ع تي ٿي تنهن ۾ لوهارڪي ڌنڌي ۽ ڪاريگري بابت جنهن ڏانهن مٿين بيتن ۾ اشارا آهن تفصيلي گفتگو ٿي.

ـ پهرئين بيت ۾ 'اگرن' جي سختي سهڻ ساراهه آهي جيڪي ٻه ٻيرا (ٻه- ڏائين) ٻرن ٿا. اهي هيڪر (پهريائين) وٽن مان وڏيل ڪاٺ واري ڪوري ۾ ٻري اگر تين ٿا، ۽ ٻيهر لوهار جي ڪوري واري 'ڏوڏي' ۾ ڏنگن ٿا. 'ڏوڏو' اگرن جو اهو تيز تکو مچ آهي جيڪو لوهار جي ڏنوڻ يا ڏمڻ جي ڦوڪن سان ڏنگي ٿو ۽ لالائي واري رنگ ۾ اچي ٿو.

ـ ٻئي بيت ۾، 'ڪچي رڪ جو ڪٽيون ٿيڻ' کي سمجهڻ لاءِ لوهه ۽ 'رڪ' کي سمجهڻ ضروري آهي. رڪ جنهن سان لوهارن جو ڪم آهي سو چار قسم آهي: مرُو رڪ (جيڪو نرم)، ٻيو سخت، ٽيو وڏيڪ سخت، چوٿون اڃان وڏيڪ سخت. لوهه ٻه نمونا: هڪ ڪارو لوهه جنهن کي ڪارو لوهه يا ڪچو لوهه چئجي ۽ ٻيو اڇو لوهه يا مِٺو لوهه (= نَرم آهَن). وَڏِڪَ وارو تيز اوزار (ڪهاڙي، ڪاتي وغيره) رڪ مان يا اڇي لوهه مان ٺهندو، ڪاري لوهه مان نه ٺهندو. ڪارو، ڪارو يا ڪچو لوهه لوهارن جي ڪوريءَ واري ڏوڏي ۾ ڏنگيندو ۽ جڏهن ان کي گهڻو تاءُ آيو ته ٻاڙهو ٿي پوءِ اُڃاڻ ٿي ورندو: ان وقت لوهار ان کي ڏَڪيندو ته اهو سالم رهندو ۽ ان مان ڪا شيءِ ٺهي سگهندي؛ پر جي اهو ڪارو يا ڪچو لوهه ڏوڏي ۾ پورو نه ڏنگيو ۽ ان کي پورو تاءُ نه آيو ته ڏکن هڻڻ سان ڇيتيون ڇيتيون ٿي ويندو. شاهه صاحب عاشق کي لوهه سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته: اي عاشق! وڏي تکي مچ يا ڏوڏي ڪان پري نه ٿيءُ؛ پري ٿيندي ته تو کي پورو تاءُ نه ايندو ۽ ڪچو رهجي ويندين ۽ تنهنجو ڪچو جسم ڏکن سان ذرا ذرا ٿي ويندو:

ڏوڏان ٿيءُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيون ٿئي!

ـ ٽئين بيت ۾ ترارن (تيغن) کي 'پاڻي پيارڻ' جو ذڪر آهي. هن وقت عام اصطلاح 'پاڻي ڏيڻ' آهي. اوزار ٺاهڻ وقت ان کي صحيح پورو 'پاڻي ڏيڻ' لوهار جي ڪاريگري جي وڏي پرکا آهي. پاڻي گهٽ ڏيڻ يا ڏيڻ جو مدار لوهه يا رڪ جي جنس تي آهي. ته اهو ڪيترو نرم يا سخت آهي. لوهه يا رڪ جو ٽڪَر جنهن مان ڪو اوزار ٺاهڻو هوندو تنهن کي لوهار اگرن جي ٻرندڙ ڪُوري ۾ وجهندو ۽ ڏنوڻ جي ڦوڪن سان وڏو ڏوڏو ٿيندو (مچ مچندو) جنهن ۾ ان ٽڪر کي جڏهن پورو تاءُ ايندو تڏهن ڪڏي سَنداڻ تي ڏڪيندو ۽ جيڪو اوزار ٺاهڻو

هوندس سو ٺاهيندو. اوزار ٺهي وڃڻ کان پوءِ، وي ان کي ڪوريءَ ۾ وجهندو ۽ جڏهن پورو تاءُ اچي ويندس تڏهن ڪڍي پرسان رکيل ٿانءُ ۾ وهڪ واري پاسي کي ٽٻي ڏياري ٻاهر ڪڍندو ۽ ان کي جانچيندو ته ان تي هڪ ٻئي پٺيان رنگ چڙهندا. پهريائين اڇي رنگ جو ورق نظر ايندو، پوءِ سونهري، پوءِ نيرو سائيرڙو ۽ آخر ۾ ڪارو. ڪاريگر اوزار جي لوهه يا رڪ واري جنس موافق رنگ چڙهڻ وقت ٻيهر وَهُڪَ واري پاسي کي پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏيندو. اتي 'پاڻيءَ ڏيڻ' واري حد پوري ٿي. راقم پڇا بعد هيٺين جدول ٺاهي آهي ته جيئن لوهه يا رڪ جي اوزار کي پاڻي ڏيڻ واري حقيقت سولائي سان سمجهه ۾ اچي. اوزار کي انهيءَ لاءِ پاڻي ڏجي ٿو ته سخت ٿئي ۽ وهڪ وقت مُڙي نه پوي. ان سان گڏ پاڻيجي ٿو ته 'پاڻي ڏيڻ' سان اوزار جي وَهُڪَ واري پاسي ۾ 'تيز تيڻ' جي صلاحيت به وڌي ٿي جيتوڻيڪ ان کي وڌيڪ تيز ڪرڻ لاءِ رَوات يا سِراڻ ڪام ڪم وٺبو.

ـ سنڌ جي لوهارن جي 'پاڻي ڏيڻ' واري ڪاريگري جو ذڪر هزار ورهيه اڳ، وڏي عالم ۽ محقق بيروني، هيرن جواهرن ۽ قيمتي ڌاتُن بابت سندس لکيل ڪتاب (''الجماهر في معرفة الجواهر'') ۾ آندو. 'پاڻي ڏيڻ' بابت ڪيس هڪ چاڻو شخص ٻڌايو جنهن سنڌ ۾ ڪٿي ڪنهن لوهار کي ڪم ڪندو ڏٺو جنهن کي ڪوري مان ڪڍڻ کان پوءِ ڪو پاٽيٽ پئي ڇٽڪيو جيڪو ٻاڙهيڙي رنگ جو هو: پوءِ ان کي ان ٻاڙهيڙي پاڻيءَ ۾ ٽٻي ٿي ڏياريائين ته جئن لوهه اڻ پاٽيٽ کي پوريءَ طرح جذب ڪري وڃي. پوءِ لوهه کي ڪڍي مطرقن سان ڪُٽي ان کي سنئون ويڪرو ٿي ڪيائين. اهڙيءَ طرح هن وري وري پئي ڪيو. جڏهن ان لوهار کان هن شخص پڇيو ته: اهو ڪهڙو پاٽيٽ آهي ته هو حيران ٿيو ته شايد هن سان مذاق ٿو ڪري (ڇاڪاڻ جو اهو رواجي پاڻي هو جنهن جي سڀڪنهن کي خبر هئي). ان شخص جڏهن پاٽيٽ تي وڌيڪ سوچيو ته پاڻيائين ته 'دوص' (اهو پاڻي جنهن ۾ ٻاڙهو تپيل لوهه ٺارجي) آهي. لوهار ان پاڻيءَ کي ڏوڏي ۾ ڏٻايل لوهه کي ڏڪڻ ۽ ٺارڻ ذريعي ٿي ملايو. 'ڪتاب الجماهر' جي عبارت پوري ٿي اي سڄڻ! توکي اهو ٻڌايان ٿو ته مون هن وڏي ڪاب جي انگريزي ۾ ترجمي کي 'ايڊٽ' ڪيو ۽ انگريزي ۾ مقدمو لکيو، ۽ ان کي ''هڪ سئو ڪتابن'' جي رٿا هيٺ اسلام آباد مان ڇپايو).

ـ ٽئين بيت ۾ ٻيو ذڪر 'سِراڻ وارن' (سِراڻي) وارن جو آهي. اوزار کي پاڻي ڏيڻ بعد ان جي وَهُڪَ کي تکو ڪبو. بيت جي آخري سٽ جو به اهو مطلب آهي ته: پهريان پياري پاڻي (پاڻي ڏيئي) پوءِ انهن ترارين کي تکو ڪندا. ننڍي اوزار ڪاتي، ڪهاڙي) کي 'رَوات' هٽي تکو ڪندا. سنڌ جا سراڻ وارا ڪاريگر (سراڻي) تن جي 'سِراڻ' پنهنجي نـاهيل هوندي هئي. اها لاک ۽ ٿَر جي واري کي گڏي ڳوهي لوئي اُن کي گول ڦيٿي مثل گول ڪندا هئا ۽ پوءِ ان جي وچ مان لوهي سيخ لنگهائيندا هئا جيڪا هڪ طرف مُني ۾ ۽ ٻئي طرف ڪاٺ جي گول سَرائي ۾ لڳل هوندي هئي. ڪاٺ واي سَرائي ۾ چمر جو نيتو پيل هوندو هو جنهن کي سِراڻ ڦيرائيندڙ ٻچيءَ ۾ پائي، سولو کي، پنهي هٿن سان ويهي نيتو اڳتي پوئتي ڇڪيندا هئا (جئن مانڌاڻي کي ڪيرو ولوڙڻ وقت ڇڪجي). سراڻي ڪاريگر ان گول ڦرندڙ ڦيٽي تي اوزار لائيندو هو ۽ ان جي وَهُڪَ کي سنهو ۽ تکو تيز ڪندو هو. سراڻ سان موريان (ڪَٽُ) لهندو ۽ اوزار صاف ٿيندو.

اڄ آڳيا آئيا سُوڏا کي سُجاڻ
لاهيندا موريان، رُک ڪيندا پڌرو

هيٺيون آڳاٽو بيت جيڪو لال بخش خان ٻڏايو سو اصلوکي سِراڻ جي حوالي سان چيل آهي:

هوءِ نه هوئي ساڻ، ته هاءِ هاءِ ڪير ڪري!
پايو ڪَنڊي ڪنڌ ۾، آهي تاٿو تاڻ
سَتا پنهنجي سِرَ تي ايڏا سُورَ سِراڻ
پيسي ويئي پاڻ، اڳلي کي اڇو ڪري.

آخري سٽ ۾ جيڪا اعليٰ معنيٰ سمايل آهي تنهن مان گمان ٿئي ٿو ته شايد هيءَ بيت شاهه عبداللطيف جو هجي (توڙي جو رسالي ۾ ڪونهي) ڇاڪاڻ جو ساڳي معنيٰ ۾ 'سَنداڻ' جي حوالي سان چيل هيٺيون بيت رسالي ۾ موجود آهي ته:

سهي جئن سانداڻ، ڏَکن مٿي ڏکڙا
وَهڻ وڃائي پاڻ، ڏئي ڏوائون ڏگرين.

يعني سنداڻ پنهنجو پاڻ وڃائي، پنهنجو زور نه ڏيکاي، ۽ ڏگرن (مطرقن) کي پئي وارا ڏئي!

ـ رسالي جو ٻيو هڪ بيت وڌيڪ غور طلب آهي ڇاڪاڻ جو شاهه صاحب پاڻ چيو آهي تہ ان جي صحيح ڄاڻ ڪن وڏن آڳرين ڪاريگرن کي ئي آهي:

پَچائي پَهاڻُ، جن رساٽيو رُڪ کي
تَني سندو ڄاڻُ، آهي آڳـڙيَن ڪي.

راقم هن بيت تي گهڻي غور بعد هن نتيجي تي پهتو آهي: 'رَساٽيو' لفظ 'رَسائڻ' مان آهي، يعني ڪنهن شيءِ کي رَس (خاص پاٽيٺ) جي طريقي سان پچائي پڪو ڪرڻ ۽ ڪنهن حد تائين ان جي ساخت ۾ 'رس' واري خوبي پيدا ڪرڻ. هن بيت موجب پٿريون پهڻن گڏيل لوهہ واري معدنيات (irore) جي پچائڻ سان اهو مادو (فولاد) ملي ٿو جيڪو رڪ کي رساٽي ٿو، ان کي سخت ڪري ٿو، ۽ ان ۾ تيزي ۾ جوهر آٽي ٿو.

اوزار (ترار، خنجر، وغيره) تي ترورن وري چمڪ جو ٻيو نالو 'جوهر' آهي (يَمني نالو 'فَرَند'). چوندا 'جوهردار تلوار'. اڳ جوهردار تلوار يا ٻئي 'تکي هنڌڙ اوزار' کي ڍڪي ويڙهي رکندا هئا تہ جئن جوهر ضايع نہ ٿئي، ۽ وري جڏهن 'جوهر' چمڪائڻو هوندو تہ 'بامِيان جي تيل' (vitriol) يا ميٽ سان مانجهيندا هئا.

Gul Hayat Institute

# مقامات سنڌي

['مقامات' عربي ادب جي هڪ خاص صنف آهي جنهن ۾ اديب ڪنهن موضوع ڪي وڏي عبارت آرائي سان بيان ڪندو ، انوکن لفظن ۽ اصطلاحن ڪي آڻيندو، تشبيهن، استعارن ۽ علم بديع ۽ معاني جي ٻين بندشن سان جادو بياني ڪندو. پر هو سڄي ڳالهه ڀن خاص ڪردارن جي زباني بيان ڪندو. 'مقامات' جي فن ۾ ٻه ڪتاب مشهور آهن جيڪي مصنفن جي نالن سان 'مقامات هَمَداني ' ۽ 'مقامات حَرِيري' سڏجن ٿا. عربي لغت جي وسعت جي ڪري هيءَ فن ڪمال ڪي پهتو. علي ڳڙهه ۾ شاگردي واري زماني ۾ خيال آيو ته سنڌي ٻولي به لفظن جي کاڻ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ به 'مقامات' وارو ادبي رنگ پيدا ڪري سگهجي ٿو. ائين مون 'مقامات سنڌي' لکڻ تي سوچيو (اتي آءُ 'سنڌي' جي نالي سان مشهور هئس). مشق طور، سنڌي ڪاني جي ڳڻڻ ۽ رس لاٽڻ جي موضوع تي 'مقامو' لکيم جيڪو ڪي سال پوءِ سنڌي رسالي ''عام راءِ'' ۾ ڇپيو. هاڻي تازو(٢٠٠٠ع) هڪ همعصر اديب هتان جي رَملين جي ڳالهه اهڙي ته دلچسپ انداز ۾ ٻڌائي جو مونکي 'مقامات' جو فن ياد آيو ۽ هي 'مقامو' لکيم.]

## مَقامو: رَمَل ۽ رَملي

Gul Hayat Institute

لعلڻ خان لغاري پيو ڳالهه ڪري ته: اسان جي يار عاشق ڪنيار تنڊي الهيار ۾ پتا پار ڏيئي ٻڌايو ته: ايندڙ سهائي سومار تي وڏا رَملي ۽ جَفري چَنبڙ ۾ ڪَڏ تيندا ۽ سَيرن سَرن ۾ هڪ ٻئي سان پيتان پيت ڪندا: راز ۽ رمز وارا رملي اهڙا وڏا رَمل هٽندا جو هر مُئي جيئري جي خبر ڏيندا، ۽ ٻئي طرف جهونا جَفري جَفر جو حساب جوڙي ساري سنڌ ۾ پوريل خزانن جا پار پتا ڏيندا. اهو ٻڌي، اسين ان ڏينهن پڇائي وڃي چنبڙ پهتاسين ته هنن حريفن جي حرفت ۽ ڪيڏارين جي ڪيڏ ڏسون.

وياسون ۽ در لنگهياسون ته آڏو گلڪاري گِلم تي مڙسن جي رهاڻ لڳي پئي

هئي. اسان سلام واريو ته سيني رملين جفرين يڪ زبان ٿي چيو ته: ادا وعليڪم السلام، ڀلي ڪري آئيو. پوءِ منجهائن هڪڙي مون ڏانهن منهن ڪري چيو ته: تون سانگهڙ طرف جو پروچ آهين جو مون تو ڪي وڏن بالن واري پهراڻ ۾ پٽڪي جي پيرمان سڃاتو آهي. ٻئي چيو ته: تو ڪي گهران نڪتي ڇهه ست ڏينهن ٿي ويا آهن جو تنهنجي ڏاڙهيءَ ڪي لڳل رنگ هيٺيان وارن جون اڇيون پاڙون پڌريون ٿيون آهن. ٽئين چيو ته: تون ٽنڊي الهيار ڪان پنڌ آيو آهين جو ڏڪڻ ڏي مهاڙ سبيان تنهن جي منهن ڪي جهولي سَٽيو آهي. چوٿين چيو ته تون فلاڻي گهٽيءَ مان لنگهي هت پهتو آهين جو انهيءَ گهٽيءَ ۾ گپ آهي ۽ تنهنجي جتي گپ سان ڀريل آهي. اتي سنڌن اڳواڻ حاجي ميوي لغاري چيو ته: ادا مڙس ڪي ويهڻ ۽ ساهه کڻڻ ڏيو ته پنهنجيون خبرون ٻڌائي.

مون ويهندي چيو ته: اوهان جيڪي ڳالهيون چيون سي سڀ سورهن آنا سچيون! پر اوهان پنهنجي به ته سڃاڻپ ڪرايو ۽ ڪا پنهنجي علم جي خبر ٻڌايو.

تڏهن سيني حاجي ميوي ڏي هٿ کڻي چيو ته: هو اسان جو استاد آهي. هاڻي رمل ڪونه ٿو هڻي پر جڏهن ٿي هنيائين تڏهن مئن جيئرن جون خبرون ڏنائين ۽ قبرن ۾ به سچن ڪوڙن کي سڃاتائين. هي سليمان عالماڻي آهي جيڪو رمل جي زور تي، چور جي ڏاڙهيءَ وارا ڪک ته ڏسي ٿو پر چورايل ڏڳي جي ڀڄ جا وار به ڳڻي ٿو. هي حاجي ڳاجڻ آهي جنهن جو رمل ڪوٽن قلعن مان ڏو پار پهچي ٿو. هي جان محمد جفري آهي جنهن جو جفر زمين جا ست ورق چيري به پوريل ڏن پڌرا ڪري ٿو. هو احمد لغاري آهي جنهن کي تلهار ڪان وٺي بدين تائين ڪا شيءِ ڳجهي ڪانهي. هو ٽنڊي آدم جو رانجهن فقير آهي جيڪو مارڪيٽ مٿان اڏامندڙ سرٽين مان هرهڪ جي خبر ڏيندو ته جڏهن هيٺ لامارو ڏيندي تڏهن کهڙي ٻوٽي کٽندي. هو شادمان مهيري آهي جنهن جو رمل ڪوروواه کان وٺي ٻنوري جي اتر ۾ چوروواه تائين چلي ٿو ۽ هر چرندڙ پرندڙ ۽ سُرندڙ جيت کي ڏسي ٿو.

اِهان اِها سڃاڻپ هلي رهي هئي جو هڪ مڙس اچي سلام واريو ۽ هي سڀ سندس آڏو اٿي بيٺا جو پنهنجي سِير ۾ صحيح ڪري ويا ته هي رَمل ۽ جَفر توڙي رِيميا ۽ سيميا جو استاد آهي. ڪيس پيرن تائين وڏو جامو، هيٺ وڏي گهيري

واري سلوار، مٿي تي مولهيو ۽ آڏو ٻٽ ٻڌل هئي: ڳچيءَ ۾ رنگارنگي ڳانا ۽ ڪڇ ۾ ٻگري: هڪ هٿ ۾ ليڪن وارو ڪتاب ته ٻئي هٿ ۾ وڏن مڻڪن واري تسبيح! سيني هن مڙس کي وڏو مان ڏيئي ويهاريو. هو جنهن ڏانهن نظر ڪٽي پيو گهوري ته ان جي اندر جا سڀ وهم ۽ وسوسا پيو پروڙي!

اتي حاجي ميوي ڳالهايو ته: هي سائين رمل جفر جو جهونو استاد آهي ۽ اڄ ورهين کان پوءِ وريو آهي: پر جي وينو ته وينو ۽ جي ويو ته ويو! ڏسڻو هجيوَ ته ڏسي وٺوس، پُڇڻو هجي ته پُڇي وٺوسِ!

بس پوءِ ته سيني ڳُجهه ڳولڻ ۽ راز ڦولڻ وارا سوالن مٿان سوال پڇڻ شروع ڪيا جيڪي هن ماٺ واري مار ۾ پئي ٻڌا. پوءِ ڳالهه ڪٽي ڳالهائين ۽ چيائين ته: هڪ ڪَنا تي ٻڌو ۽ پنهنجن رَمل جَفر جي رازن ۽ مانَ مَرتبن کي سڃاڻو: اسين نه نقُلي، نه ڳِپلي. نه اَملِي آهيون پر وڏي راز وارا رَملي آهيون: نه اسين موالي آهيون جو اَمل رَس کان سواءِ اسان جي نه سَري: اسين رَمل جي رس ۾ آهيون جنهن سان ٻڌل شيءِ تري تي ۽ وچايل وٽ وري تي. بيشڪ رَمل جي معنيٰ 'وارِي' آهي، پر اڄ اسان جي سارِي آهي. بيشڪ 'رَمل' ليڪن ڪڍڻ سان وارِيءَ جي وڇاڻي تي جائو، ۽ وهمن وسوسن جي خوراڪ کائي وڏو ٿيو، پر اڄ اسين زائچن ۽ خاڪن جي سَير ۾ آهيون. غيبات جون خبرون اسان کان سواءِ پيو ڪير ڏئي! اگ- ڪٿيون اسان کان سواءِ پيو ڪير ڪري!

پر ڏسان ٿو ته اصل رملي سنڌ مان ويا ۽ نوان نقلي آيا جن نڳيءَ جي ٺاهه وارا خاڪا ٺاهيا ۽ ماٿو مُنجهايا. اڄ آءُ اوهان کي رمل جا راز ٿو ٻڌايان ۽ سَير وارا سڀ وَرو وَڪڙ ٿو سمجهايان. هڪ ڪَنا تي ٻڌو ته:

١- قرُعو، ڏارو ۽ ڪتاب رَملي جا يار مددگار آهن، ۽ زائچا خاڪا سندس هَڪيا تَڪيا هٿيار آهن.

٢- سچو رملي سَير ڪندو ۽ سير ۾ ڳالهه ڳوليندو.

٣- خاڪو ۽ زائچو رمل جو گهر آهي جنهن جي هر صورت پنهنجو برج ۽ ستارو رکي ٿي.

٤- سڄاڻ رملي ڏارو هٽي، قُرعا ٽپاسي، بُرجن ۽ خانن وارو زائچو ڪڍندو ۽ خاڪو جوڙيندو.

Gul Hayat Institute

٥- هو بُرج ۾ ستاري کي ڏيان ۾ رکي سير ڪندو ۽ صورت حال بيان ڪندو.
٦- رملي موالي هوندو ته به پنهنجن جهوتن جي جهنگ ۾ سير ڪندو.
٧- پر رمل رڳو ليڪن ۾ لڪيرن سان ناهي، پر خيال جي ٽپي ۾ آهي ۽ پوُرن متي پوُرن ۾ آهي.
٨- سچاڻ رملي، حاجتمند جي منهن مهانڊي مان پنهنجي سير لاءِ نيون واٽون ڳوليندو.
٩- سچو رملي اهو آهي جيڪو هر وقت راز ۽ اغماز ۾ رهي ٿو.

اهي نَوَ نشانيون رمل جون باقي ڏارا ڪين ڏريو
دم دلاسن پنهنجن سان سڀ کي خوش ڪريو.

ائين چئي پنهنجي مولهيي وارِي ٻُٽ جو ور ڪوليائين ته سچاتوسون ته هيءَ ته ساڳيو راضي خان لاشاري!!

# گول لاٽون، چورس چگهه

## (جاحظ جي ياد ۾)

عَمرو بن بَحر، 'جاحِظ' جي عُرُف عام سان مشهور آهي. هو بغداد ۾ رهيو، ۽ اڄ کان ساڍا يارنهن سؤ سال کن اڳ سنه ٢٥٥ھ ۾ وفات ڪيائين. جاحظ عربي جي علم ادب جي عمارت جو باني مباني هو. نثر نويسي ۾ بيان، بديع ۽ معاني جو بادشاهه هو. شعر جي پرک پروڙ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. علم ادب جي دائري کان ٻاهر 'علم ڪلام' جو به ماهر هو. انسان ذات سان لڳاءُ هئس. انسان جي علم ۽ عظمت کي ساراهيائين، ۽ رنگ ۽ نسل جي نفرتن ۽ حقارتن خلاف قلم کنيائين. هو ان وقت بغداد ۾ رهندڙ سنڌين جي ذهانت، هنر ۽ حرفت جو قائل هو. جاندارن متعلق پڻ سندس معلومات نهايت وسيع هئا، ۽ انهي موضوع تي سندس لکيل 'ڪتاب الحيوان' دنيا ۾ پهرين قابل قدر تصنيف آهي. جاحظ جي معلومات جو دائرو اجهان به وسيع هو. جِن ۽ بشر، جيت ۽ جانور، پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، ذاتيون قبيلا، حسب نسب، ملڪ ماڳ- مطلب ته جنهن به موضوع تي قلم کنيائين ته ان جي پوري پيرائيتي خبر ڏنائين.

پر هڪ طرف جاحظ جهڙا علم جا درياءَ وهائي ڇڏيا ته ٻئي طرف سندس وقت ۾ احمقن به پنهنجي علم ۽ عقل جي ڏيوالي جا پڙها پئي ڏنا. ائين پئي ڀانيائيون ته علم ۽ عقل ڪين ئي ورثي ۾ مليو، باقي ٻين کي ڪا خبر ڪانه هئي: سندن جاڻ توري ۽ دعويٰ وڏي هئي: اونداهي کي روشني پئي سڏيائون ته ڏينهن کي رات ٿي ڪوٺيائون. جاحظ بالآخر اهڙن احمقن ڏانهن پڻ ڌيان ڏنو ۽ سندن شان ۾ "چورس ۽ گولائي" جي عنوان سان هڪ رسالو لکيو (٢)، جنهن جي پڙهڻ سان تصديق ٿئي ٿي ته:

علم ري عقل جي ڌُرَ مَ دعويٰ ڪَن

جاحظ جي انهي رسالي جي ياد ۾ راقم هي رسالو لکيو آهي، ڇاڪاڻ جو هن دور ۾ پڻ دانائي جي دعويدارن جو غلغلو آهي. مضمون جي سٽاءُ ۾ جيتوٽيڪ جاحظ وارو انگ اختيار ڪيو ويو آهي، مگر موضوع جي قالب ۾ پنهنجي

مقامي ماحول جو رنگ پريو ويو آهي. جيئن هن کان اڳ هو، تيئن هن دور ۾ پڻ:

'عالم أئون ساڻ، پريو ٿو پير ڪري'

سيڪو ڀانئي ٿو ته جيڪي آهيان آئون آهيان، مون کان وڌيڪ ٻيو ڪير!
جيڪي آئون چوان ٿو سو ئي صحيح آهي، ٻئي کي خبر ڪهڙي، ۽ ٻيو ڄاڻي سو ڪير!
ٻيا سڀ ماسا تولا آهن، ۽ فقط آئون ئي سيرجو سوا سير!
جڏهن 'آءُ' ڳالهايان ته ٻيا سڀ مونکي ٻڌن، ٻيو ڳالهائي سو ٿئي ڪير!

پنهنجي وقت ۾ اسان ڏٺو ته هر اڌ پڙهيي پاڻ کي عقل جو وير ڪري پئي ڄاتو: ڪنهن به ائين ڪون ڀانيو ته ڪو آءُ نٿو ڄاڻان ۽ ٻئي کان پڇان، يا منهنجي ڄاڻ محدود آهي ۽ ڪنهن ٻئي کان سکان! اسان پنهنجي ذاتي تجربي مان اهو پرايو ته پڇڻ کان سواءِ پروڙڻ مشڪل آهي. انهي ڪري اسان عالمن آڏو ته هميشه سر جهڪايو، پر ٻهراڙي جي ڳوٺاڻن سان ڪچهريون ڪندي پڻ محسوس ڪيو ته هو جيتوڻيڪ اڻ پڙهيا آهن ته به اڻ ڄاڻ ناهن، ۽ غريب آهن ته به گڻ وارا آهن. اسان چاهيو ته ڪائنس سکون ۽ پرايون، پر اها سگهي سڌ تڏهن پوري ٿي جڏهن اسانجي من ميو ته جيڪي هو ڄاڻن ٿا سو اسين نٿا ڄاڻون. جڏهن اسان پاڻ کي اڻڄاڻ ڪري ڄاتو، تڏهن انهن سگهڙن کان ڪجهه پرايو.

پر اسانجوهڪ دوست آهي جيڪو پنهنجي علم جو ايترو ته قائل آهي جو عالمن کي به جاهل ڪري ڀانئي. 'آئون' جو وظيفو ڪمايل اٿس، باقي 'تون' ۽ 'هو' ڄاڻي ئي ڪونه. جي ڪجهه چئوس ته چڙي، جي ڪجهه وهجايوس ته وڙهي. سندس زود رنج طبع کان لاچار ٿي، ساٿس مُنهان مُنهن ڳالهائڻ بدران لکت ۾ مخاطب ٿيا آهيون. ڪيس پنهنجي سونهن ۽ عقل تي پڻ ناز آهي، ۽ اسان به ڪيس دل کولي داد ڏنو آهي. اسان سندس سونهن ۽ صورت کي ڪماحقون ساراهيو آهي، ۽ پڻ سندس علم ۽ عقل کي جيئن جو تيئن واڪاڻيو آهي. البت ان سان گڏوگڏ ڪيس ريجهائي پرپائي، ويهي ڪائنس ڪي سولڙا سوال پڇيا آهن ته من ڪيس محسوس ٿئي ته علم وسيع آهي ۽ سندس ڄاڻ محدود! من ائين سوچي ۽ سمجهي ته هن جڳ ۾ رڳو 'آءُ' ۽ 'مان' ڪونه آهيان، پر 'مان' کان ٻاهر ڪجهه ٻيو به آهي. جيڪڏهن ايترو سمجهيائين ته پوءِ چڻ اسانجو هي قلمي ڪشالو سجايو ٿيو ۽ پورهيو صاب پيو!

# گول لاٽون چورس چگهه

چون ٿا ته هاڻي ڪاڻي سندس ڏاڏو بزرگوار مستطيل هو ۽ سندس والد ماجد چؤڪنبو چؤراس: پر جيئي شال پاڻ پنهنجي سر گول مول آهي، جنهنڪري شان ۽ شبيهه توڙي لڪٽين آرِيڪٽين پنهنجن وڏن سان نٿو پچي. البت خودي ۽ خوداعتمادي جي ڪيس ڍهوٽي ذات مليل آهي، جنهن ڪري نڪو سونهن صورت ۾ ڪنهن کي پنهنجو مٽ سمجهي ته نڪو علم ۽ عقل ۾ ڪنهن کي پاڻ کان وڌ ڄاڻي. بلڪل پورو يقين اٿس ته پاڻ ئي عقل ڪُل آهي، باقي ٻي سڄي مخلوق جُز ۾ آهي. انهي ڪري ئي هو هر مسئلي ۾ پنهنجي راءِ کي ٻين کان بالاتر ڀانئي ٿو، بلڪ انهيءَ کي قطعي ۽ آخري سمجهي ٿو. ڪيس ٻين جي راءِ سان نه فقط اختلاف آهي، پر ٻين جي راءِ تي هر وقت اعتراض آهي.

سندس چوڻ آهي ته: 'شمس العلماءِ' يعني 'عالمن جا سج' گهٽائي ٿيا، پر اها منزل ڪا ايڏي وڏي ڪانهي. ڪنهن سڄڻ چيس ته: پر تون ته هن پوتر ڌرتي جو سج آهين! جواب ڏنائين ته: 'پُليو آهين'، چئو ته: 'سڄي نظام شمسي جو محور ۽ مرڪز آهين!' ڪيس انهي مسئلي سان ماڳهين دلچسپي ڪانهي ته ڪو سج هڪ جاءِ تي بيٺو آهي يا هلي پيو، يا زمين پنهنجي چوڌاري ڦري ٿي يا سج جي چوڌاري گهمي ٿي: ڇاڪاڻ جو هو پاڻ کي نه فقط نظام شمسي جو پر ڪُل ڪائنات جو ڪِلو سمجهي ٿو. ڪيس يقين آهي ته جيڪڏهن زمين ڦري ٿي ته به سندس چوڌاري ڦري ٿي ۽ جيڪڏهن سج هلي ٿو ته به سندس چوڌاري طواف ڪري ٿو.

الله ڏينهن ڏئيس، اڪيون نراڙ ۾ اٿس ۽ پنهنجن اوچن خيالن سان گڏ نظر به آسمان ۾ اٿس. هيٺ ڏسي ئي ڪونه، ڇو جو پاڻ مٿي آهي. هو فقط 'پاڻ جهڙن' پنهنجن ساٿين کي ئي مڃي ٿو، باقي جي ڪو عام سگهڙن جهڙوڪ ڪتين، ڪورين، موچين، ڪنيارن ۽ مڱڻهارن جي سگهڙپائي کي ساراهي ٿو، تنهن کي تڇ ڪري ڀانئي ٿو.

اسان واندڪائي ۾ وٽس ويندا آهيون ۽ وندر خاطر سندس ٻول ٻڌندا آهيون. پاڻ به اسان سان انهي ڪري ٺهندو آهي، جو رڳو پاڻ ڳالهائيندو آهي ۽ اسين چپ

هو. خليفي مامون کي مون ئي مشورو ڏنو هو ته بغداد ۾ 'بيت الحکمتہ' جي نالي سان هڪ تحقيقي ادارو قائم ڪري. چام نِدي کي مون ئي صلاح ڏني هئي ته دريا خان کي پنهنجو وڏو وزير ۽ سپہ سالار مقرر ڪري. مرزا عيسيٰ ترخان اجان حيدرآباد دکن ۾ هو جو مون کيس لکي موڪليو هو ته مرڻ کان اڳ هو پنهنجي جيئري ئي مڪلي تي مقبرو تعمير ڪرائي.ميان غلام شاهه جڏهن پنهنجي قلعي ۽ تختگاهه لاءِ جايون پئي ڳوليون، تڏهن مون ئي کيس سمجهايو هو ته موجوده حيدرآباد وارو ماڳ نهايت ئي موزون ٿيندو. مير صوبدار خان به مون سان ئي پنهنجو حال ونڊيو هو ۽ مون ئي کيس سمجهايو هو ته پنهنجن مان ڪجهه ڪونه ورندو: فائدو انهي ۾ئي آهي ته انگريزن جي خيرخواهي ڪجي ۽ انعام حاصل ڪجي.“

سندس اهي ٻول ٻڌي کيس چيم ته: شال ڏينهون ڏينهن تهنجي عقل ۾ اضافو ٿئي، جيئن منجهندڙن کي گهٽ نہ منجهائين! بيشڪ، تاريخ جو چاڻو تو جهڙو وري ڪو ورلي پيدا ٿئي. سنڌ جي تاريخ بابت تنهنجيون ڪيل وضاحتون مونکي ياد آهن جو تو چيو هو ته: ”عرب جيتوڻيڪ سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا ۽ سنڌ کي پنهنجو ڪيائون پر تنهن هوندي به اهي ڌاريا ليکبا. ٻئي طرف چچ برهمڻ جيتوڻيڪ ٻاهران آيو ۽ سنڌ جي سمي بادشاهه جو تختو اونڌو ڪيائين ته به نڪي کيس ڌاريو چئبو ۽ نڪو وري ائين چئبو ته سنڌ جي حڪومت غصب ڪيائين، چاڪاڻ جو هو ڏاهر جو پيءُ هو.“ تو ائين به فرمايو هو ته: ”ڏاهر ڪانپوءِ واري سنڌ جي تاريخ کي آءٌ تاريخ ئي نٿو سمجهان، چاڪاڻ جو جيڪي ڪم پوئين پچاڙي انگريزن اچي ڪيا سي ڪانئن اڳ ۽ ڏاهر ڪانپوءِ ڪنهن نہ ڪيا.“

ان ڪانسواءِ مونکي تنهنجا ٻيا زوردار دليل پڻ ياد آهن جو تو چيو هو ته: عرب ٻاهران ڇو آيا، اندران ڇو نہ پيدا ٿيا؟ سومرن سنڌ سان ڪهڙي چڱائي ڪئي! دودو ۽ چنيسر ڇو پاڻ ۾ وڙهيا ۽ ٻاهران علاودين بادشاهه کي ڇو آندائون؟ سمن جي ڄام جوڻي،سلطان فيروز شاهه جو طرف وٺي پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀائيٽي تماچي کي قيد ڪرايو! ان ڪانپوءِ انڙ ۽ جوڻي جي اولاد هڪ سؤ سال تائين هڪ ٻئي کي سک سان ويهڻ ڪونہ ڏنو! ڄام ندو مدينا ماڇاڻي سان ڇو پرڻيو ۽

پيروزپچو ڇاٿو، جنهن ارغونن کي منٿون ڪري گهرايو ۽ درياخان کي مارايو؟ ارغون ۽ ترخان ٻئي ٻاهران آيا ۽ ڌاريا هئا، انهي ڪري سنڌ جي سڄڻپائي انهي ۾ آهي جو سندن مڪلي وارن مقبرن کي ڀڃرائي ڇڏجي. مغل ته بلڪل ئي ڌاريا هئا جن دهلي ۾ ويهي سنڌ تي حڪومت ڪئي. حڪمران عباسي ڪلهوڙا ديري غازي خان طرف جا سرائي هئا ۽ سندن ٻولي به سرائڪي هئي، سو انهن کي ڪيئن توسنڌي سڏي سگهجي! هنن ته پاڻ فقيري جو ڦند ڪري غريب سنڌين کي ڄڻ بڇايا، ۽ سازشون ڪري سڄڻ مارايا! مير ٽالپر پاڻ سنڌ ۾ ڇاوا ته ڇا ٿي پيو، سندن وڏا ته بهرحال سِري مان آيا!“

ڪيس چيم ته: شال دانائي ۾ دنگ ڪرين ۽ تاريخ جا بخيا اڌوڙين! اهي تنهنجون وضاحتون ته سونن اکرن ۾ لکڻ جهڙيون آهن، پر پوءِ بچندا ڪي اهي اکر: باقي سنڌ جي سڄي تاريخ تي پاڻي ڦري ويندو! پيو ته تون ٻين ڌارين کي ڌڪارين ٿو، پر برهمڻن ۽ انگريزن کي ساراهين ٿو. سنڌ جي انهن ٻنهي خيرخواهن سان جيڪو تنهنجو قرب آهي تنهجي به اسانکي ڪل نٿي پوي! وڏي ڳالهه ته محب وطن هجڻ جي به هام هڻين ٿو، جو ننڊ ۾ به پيو ’سنڌ‘ ’سنڌ‘ ڪندو آهين: البت سڄاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ ’آئون‘ ’آئون‘ ڪري اٿندو آهين. پر آفرين هجي تنهنجي تاريخ داني تي ۽ ان گوهر افشاني تي! تنهنجو اهو به ارشاد آهي ته: ’پائي نائون مل جو سنڌ تي وڏو احسان آهي، جو انگريزن لاءِ سنڌ وٺڻ آسان ڪيائين ۽ سنڌ کي غلامي کان آزاد ڪرايائين.‘ هڪ ڀيري تو پنهنجي خواب جي به ڳالهه ٻڌائي هئي ۽ مونکي ويهي سمجهايو هو ته: ”آئون انگريزن جا ڳڻ انهي ڪري ٿو ڳايان جو هنن ئي هوش محمد جهڙي سورهيه جو قدر ڪيو.“ تو چيو ته: ”نيپيئر صاحب پاڻ پنهنجي سرمون سان خواب ۾ ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي اڇي چمڙي جو قسم کڻي چيائين ته: ’مونکي هوشو جي مارڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو!

منهنجي نڙي سڪي وئي پر پاڻي ڪونه پيتم ۽ پهريائين هوشو جي لاش کي تڙ ڏياريم ۽ ڪفن ڍڪايم: پوءِ پنهنجن آفيسرن کي سڏايم ۽ پاڻ ڪلهو ڏيئي جنازو کڻايم ۽ سڄو ڏينهن پيرين پنڌ ڪري اڇي حيدآباد جي قلعي اندر پورايم. اهو انهي ڪري، جو قلعو اسانجي قبضي ۾ هو ۽ اسين هوشو جي قبر

جا جُڳ جيئين! آءٌ حيران آهيان تہ تنهنجي ڏاهپ ڪي ڳايان، يا تنهنجي سمجهہ ڪي ساراهيان! پر ماڻهو برابر ائين ٿا چون تہ تنهنجي زبان تنهنجي جاڻ ڪان ڊگهي آهي ۽ تنهنجي ڏاهپ تنهنجي نيت تي سوار آهي، جو تون چُوچڙي دڪائي، جهيڙو جاڳائي، پاڻ پري ڪان ويهي رنگ ڏسندو آهين، ۽ جهيڙي وقت هميشہ هٽندڙن جي پٺ ۾ ۽ ڀڄندڙن جي اڳ ۾ هوندو آهين. ٻيو تہ ماڻهو توتي اها ميار بہ ٿا رکن تہ تون ٿارڻ ڪان وڌيڪ ٻارڻ ۾ پَڙ آهين، ۽ ٺاهڻ ڪان وڌيڪ ڊاهڻ ۾ ڏڪڙ آهين. چون ٿا تہ: تون مُنهَن جي مِٺي ۽ اندر جي ڪاري ٺيڻ ڪي عيب نٿو ڀانئين، منافقي کي مصلحت ڪري ٿو ڄاڻين، ۽ سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ڪرڻ ۾ روحاني خوشي ٿو ماڻين. تنهنجي خيال ۾ هُوسي، لُوسي ۽ حاسدي بدڪردار ناهن، پر ماڻهن خوامخواهہ ڪٽي انهن کي بدنام ڪيو آهي. ماڻهو عام طور ائين ٿا چون تہ تون تعمير بدران تخريب ڏي مائل آهين ۽ فساد جي جَڙ اُکيڙڻ بدران فتني جو ٻج ڇٽيندڙ آهين.'

مون ڀانيو تہ مڙس ماٺ ۾ آهي سو پشيمان ٿيو آهي، پر حقيقت ۾ سندس ڪن تي جون ئي ڪانہ سُري. مون ڏي ڏسي کلي چيائين تہ: "اهڙن اڀوجهن تي ڪير اعتبار ڪندو! ماڻهن جا وات ۽ ڳُنڍين جا لِيڙا پيا ڪلندا ۽ بند ٿيندا. پرپٺ جنهن کي جيئن وڻي تيئن چوي، پر جيڪو منهنجي منهن چڙهيو سو منهنجي پهرين چٽ سان چٽ ٿي ويندو. ممڙي جو ڇَٽيو بعضي وري اٿي، پر منهنجو ڇَٽيو ڪڏهن نہ چڙهي. انهن مَت جي موڙهلن کي ڇئو تہ منهنجن ڪمن بدران منهنجين ڪاميابين ڏي ڏسن."

تڏهن مون کيس چيو تہ: تنهنجون ڪاميابيون ۽ ڪارناما ايڏا تہ اوچا آهن، جو ويچارن زمين وارن جي تہ اتي نظرئي نٿي رسي! پر شال اجهان بہ ڊگهو ٿئين جو تنهنجي چوٽي آسمان سان گسي ۽ ڪيارڙي قطب سان لڳي! ڀلا، تون اڄ اسان کي ڪَٽ نڪٽ جي خبر ڏي ۽ وِچُون تيڙو جي سُڌ ڏي. پر پهريائين ٻڌاءِ تہ آسمان ۾ مَسيت کهڙي جاءِ تي، تہ ٻُتو ڪوهہ ڪتي؟ مچي ڪتي تہ گهتو ڪتي؟ هو جي 'مُنيون' ۽ 'وات' ٿا چون ۽ ٻيو جو 'ڪانءُ' ٿا ڪوٺين، سو ٻڌاءِ تہ ڪانءُ مُنيءَ تي ويهي ٿو يا وات وٺي اڏامي ٿو؟ هي جو چون ٿا تہ تارو اڀريو آهي سو ڪهڙو تارو ۽ ڪهڙيءَ منڊ ۾ اڀري ٿو؟ 'ايٽ' ڪڏهن ۽ ڪٿان اُسري ٿو، تہ 'لُڏو' ڪهڙيءَ

منڊ ۾ لڙي ٿو؟ پر پيتائي صاحب جو چيو آهي ته:

"ڪَتينِ ڪَر مـــــوڙيا، لُڏا ويا لَڙي."

سو سمجهاءِ ته ڪَتيون ڪيئن ٿيون ڪر موڙين، ته لُڏا ڪڏهن ٿا لڙن؟

اڄ تنهنجون پڏايل ڪي پيون ڳالهيون به توکي ياد ڏياري ڪي وڏيڪ سوال ٿو پڇان ته من تنهنجي جيئري توکان ڪجهه سکي وٺان. سو سدا جيئين ۽ شال جوانيون ماڻين! تون چوين ٿو ته "آءٌ پکي پکيءَ جي ذات ٿو سڃاڻان ۽ پڻ سندن ٻوليون ٿو ڄاڻان. پيو ته وڏي کوجنا ۽ تحقيق کان پوءِ مون هي ڳالهه ڳولي ڪڍي آهي ته ڪانءُ 'ڪان ڪان' ڪندو آهي ۽ ڪڪڙ 'تران تران' ڪندي آهي."

بيشڪ تنهنجي اها تحقيق قابل تعريف آهي، ڇاڪاڻ جو اڳ اها خبر ڪنهن ورلي کي هئي! پر ڏٺي شال توکي لقمان جي ڳجهه جيتري ڄمار ڏئي! اسان کي اهو ته ٻڌاءِ ته تنگون کهڙي پکيءَ جون ڏڳهيون ته پڇ کهڙي پکيءَ جو وڏو؟ ڪن کهڙي پکيءَ جا ڏگها ته ڏند کهڙي پکيءَ جا وڏا؟ ٻولي کهڙي پکيءَ جي مِٺي ته ڳچي کهڙي پکيءَ جي ڏگهي؟ هِل ۽ سِرڻ ۾ ڪهڙو فرق، ته قوسي ۽ قَدي ۾ ڪهڙو ڦير؟ ڇيچڙو ڪڏهن لنوي، ته ڪٽڻي ڪڏهن ٻولي؟ گُرڙ- پَکُ وَڏو ڪ پَرڙ- پَينگ وڏو؟ ڳجهه جون اکيون وڌيڪ ڇٽيون يا سندس نڪ وڌيڪ تيز، جو ڪوهن تان اچي ٿي پوندي تي پري! پلا 'جَجُو' ۽ 'جُوهر' جي خبر ڏي جيڪي پِتو پِت تا اڏامن! يا اها ڳالهه وهڃاءِ ته: ٻوڙي کي "ٻوڙي" ڇو سڏيائون، وهيي کي 'وهيو' ڇو ڪوٺيائون ۽ 'مُلان مُوسڙي' کي اهو نالو ڪيئن ڏنائون؟ ٻُڌاءِ ته عُقاب ڪٿي رهي ته هُماءِ ڪٿي لهي؟ پلا اها خبر ڏي ته جڏهن نوح نبي جي بيڙي ٿي زمين تي لِٿي، تڏهن ڪڪڙ ڪهڙو ڪم ڪيو ته مِيتَر کهڙي مڙسي ڪئي؟

شال چمڪين ۽ ڇِٽو ٿئين جو آرسيءَ کي انڌو ڪرين! تون پنهنجي سونهن صورت کي واکاڻيندي چوندو آهين ته: 'اکيون سهٽيون اُهي جيڪي وڏيون هجن'؛ انهيءَ کري ئي تنهنجو چوڻ آهي ته 'اکيون ڇِپ جون سهٽيون آهن، پر ماٺهو خواه مخواه کنهن کي ڇِپ چئي ٿا ڇٽرون ڪن ۽ ويچاري پکيءَ جو شان گهٽائن!' بيشڪ تون جماليات ۾ جامع ڪمالات آهين! حسن بابت تنهنجي اهڙي تيز تخيل کان متاثر ٿي، توکان ان جي حقيقت سمجهڻ گهرون ٿا ته: سونهن

سانوَري رنگ ۾ آهي يا ڳوري منهن ۾؟ وڏي اک ۾ آهي يا ننڍي وات ۾؟ سڌي نڪ ۾ آهي يا سنهي چَپ ۾؟ سنئين قد ۾ آهي يا ڏنگي تور ۾؟ نئين وهيءَ ۾ آهي يا پور جواني ۾! پيلا عشق جو راز سمجهاءِ ته: عشق اکين سان آهي يا دل سان؟ اول اکيون اٽڪن ٿيون، پوءِ دل لڳي ٿي، يا اول دل لڳي ٿي پوءِ اکيون اٽڪن ٿيون؟ تون ڀاڻ حسن کي دماغ سان پرکين ٿو يا دل سان تورين ٿو؟

وڏي عقل جا وير! تنهنجو چوڻ آهي ته: "ليکي حساب ۾ جيڪا مهارت مون کي آهي، سا ٻئي ڪنهن کي ڪانهي، چو جو ٽن لکن ۽ ڇئن لکن ۾ جيڪو فرق آهي، سو به مون کي ئي معلوم آهي." پيلا جي ائين آهي ته پوءِ شال هڪ مان لک ٿينئي! ٻڌاءِ ته: 'سهسين' ۽ 'هزارين' ۾ ڪهڙو فرق؟ 'ڏيڍ لک' ڇا کي چون؟ لک وڏو ڪه پُرچ؟ 'نيل' وڏي ڪه 'پَدم؟' 'اَنت' ڇاهي ۽ 'انت جو انت' ڇاهي؟ پيلا جي وڏي ليکي ۾ نه پٺون ۽ ننڍي کي ئي وٺون، ته پوءِ شال ڪَڻ مان مڻ ٿينئي! اسان کي سمجهاءِ ته: 'ڇپنو' ڇا، 'ٻٺونترو' ڇا؟ 'ساڍي سَٽ' گهٽي ٿي، ته 'ڏيڍڙو چوٿايو' ڪيترو ٿيو؟ 'ساڍ-چال' ڇا ته 'نوتيرهيو' ڇا؟ 'پنج-هٿيو' ڪنهن کي چون ته 'پنجاهيو' ڪنهن کي ڪوٺين؟ 'تيرهن تر' ڪهڙا ته 'تيرهن تيزيون' ڪهڙيون؟ 'گهڙي' ۾ 'پَل' گهٽا، ته 'پهر' ۾ گهڙيون ڪيتريون؟ پيلا ٻڌاءِ ته ماڻهوءَ جو قد وڏو ڪه پُرهيه؟ هٿ وڏو ڪه ڇاڙڪي؟ نَري وڏي ڪه ڪانو؟ 'ڳوڪُو' وڏو ڪه 'ٻاچُو؟'

هڪ ٻيري تو چيو هو ته: 'ماڻهو ماڻهوءَ کي ته سڃاڻان، پر جانورن جي به جنس جنس جي مون کي خبر آهي.' ڏٺي شال تو کي مکين ڪان پناهه ڏئي ۽ مڇرن منگهڻ کان بچائي! ٻڌاءِ ته 'ڪُٽ' ڪٿي سِرجي 'چارو' ڪٿي جمي؟ 'چوا' ڪيئن لڳن، 'ڪارڙا' ڪيئن سُرن؟ 'پهرات' ڇا، 'پوراف' ڇا؟ اٺ کي توهو چو ٿيو، گهٽي کي دُنب چو ٿي؟ ڳَڌهن جا ڪن چو وڏا آهن ۽ ڏاند جو پيچ چو ڊگهو آهي؟ خچر زوراور، يا 'اَستر' قداور؟ گهوڙا ڪيئن پيدا ٿيا ته مينهون ڪيئن ڪُنَ مان ڪڙڪي نڪتيون؟ ڏاچي ٻيري ٻيري مِڙي پر مينهن چو حيلي سان مڙي؟ اُٺ جو چپ ڪڏهن چيريو، ڏاند سڱ تي ڊرتي ڪڏهن ڪنئي؟ پيلا ٻڌاءِ ته جنهن مڇي کي 'ڏاهي' ٿا چون سا سيني مڇين ۾ ڏاهي آهي، يا ٻي ڪا ڪانئس وڌيڪ سياڻي آهي؟ اهو صحيح آهي ڇا ته ٻلي شينهن جي ناني آهي،

برڪت پوي! ٻڌاءِ تہ : نوري ڪنهن جي ڌيءَ تہ سورٺ ڪنهن جي ڄائي؟ ڪونئرو ڪٿان آئي ۽ ليلان ڪيڏانهن لڏي؟ سهڄان ڪٿي سمائي ۽ سومل ڪنهن پڙهائي؟ سهڻي ڪٿي ٻڏي تہ سسئي ڪٿي پيئي؟ مومل ڪڏهن ڪاڪ ويئي ۽ ڪٿي ڏاگهہ چڙهي؟ پلا اهو وهڃائي ڏي تہ: لاکو ڦلاڻي ڪڏهن ٿيو تہ هٽند تنڌياڻي ڪٿي رهيو؟ ٻلو ٻداماڻي کهڙي ماڳ جو، تہ شينهڙو ڏماچاڻي کهڙي جوءَ جو؟ پنهون کي 'ڄام' چو سڏيائون تہ چنيسر کي 'داسڙو' چو ڪوٺيائون؟ ڪَلاچي جو ڪن ڪٿي هو ۽ موروڙي مڇ ڪٿي ماريو؟ سهڻي جو گهر ڪٿي هو تہ ميهار جو پاڻ ڪٿي هو؟ ڦل وڏو ڪٿي وڏيو، ۽ پوري سان ڪٿي گڏيو؟

شال ڌرتي تنهنجو ڳرو بار سهي! ماڻهو توتي ميار تا رکن تہ پويان ويهي ٿو فتنا جاڳائين، پر ٻاهر نڪري ميدان نٿو ملهائين. سو شال ميدان ۾ اچين، پر پڇين ۽ ٻچين جو پورين سان خبرون ڪرين! ٻڌاءِ تہ 'رڻ' ڇا، آرڻ ڇا، سانگيون ڇا، مصريون ڇا، 'تہ ڇل ڇا، 'ٿهاڳ ڇا؟ ننگر کهڙي ماڳ تي وڙهيو، دودو ڪٿي ماريو؟ دولهہ دريا خان سان ڪنهن بوهہ ڪيو، تہ سورهيہ صبغت الله سان ڪنهن دغا ڪئي؟ چئو تہ چغل ڪڏهن ساماٽا ۽ سنڌ جا سورهيہ ڪيئن مارائا؟

# مُندن جي موٽَ ۾ سِڪ وارن جون سارُوڻيون

سنڌ ۾ مُندن جي موٽ تي، سڪ وارن پنهنجا سڄڻ پئي سارِيا آهن. مند پَرجڻ تي، ٻاهر ويل اچڻ وارا ٿيندا هئا ۽ سڪندڙن کي سندن انتظار هوندو هو. مند جي موٽڻ تي سڪ وارن کي پنهنجن سڄڻن جون سارُوڻيون ٿيڻ هڪ فطري عمل هو. مينهن جي مند، سرءُ لڳڻ ۽ پوکن پچڻ جي مند، سياري جي مند، ۽ چيٽ ۾ وڻن ٻوٽن جي ڦٽڻ ڦلارجڻ واري مند- انهن چئني مندن ۾ پيار وارن کي پنهنجا پرين ياد پيا.

● ساوڻ جي مينهن ۾ سڄڻن کي سارڻ وارو سَمانُ، شاهه صاحب سر سارنگ ۾ سهڻو چٽيو آهي ته:

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪئي ڇوتي
مُندائتي مينهن جي ڪنوڻ نه کوتي
آءُ لالڻ موتي، گهورئا رُسڻ ڏينهڙا.

—

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪارا ڪڪر ڪيس
وڄون وسڻ آئيون ڪري لال لبيس
پرين جي پرديس، سي مونکي مينهن ميڙئا.

سنڌ ۾ ساوڻ جو مندائتو مينهن گهڻو ڪري اتر- اوير واري ڪُنڊ کان ايندو، انهيءَ ڪري 'اتر پار' جو اهڃاڻ جيڪو پوءِ سيني شاعرن پنهنجن بيتن ۾ آندو.

- سگهڙ سورينگ مُرگر (ڪلمتي) ويٺل ديهه ٻوڙو ٽپو سڪپور، تعلقو ميرپورساڪرو، ١٩ صدي جي وچ ڌاري ٿي گذريو. سندس بيت ته:

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪِي آ* ڪارِ
وِيلُون وِڄون ولات تان واحد ڪٽي وارِ
مَنگهي جا مُرگر چئي توڪَ وِسي ڪرتار
سُڪا پٽَ سينگارِ، ساوا ڪر سورينگ چئي.

ڪار معنيٰ ڪاراڻ، 'منگهي جا' يعني منگهي پير وارا پٽ پلسا (توڪ).

ـ سومار زنگياڻي ڪلمتي (تعلقو گهوڙاٻاري) ساوڻ جي مينهن جي واڏائي جو

Gul Hayat Institute

هوندم هيـــــــڪـــــــانـدا، مـــــاروئڙا مليــــــــر ۾.

-

اڄ پـــــــڻ اتـــــــر پـــــــارڏي، ڏم ڪيئين ٽڙڪـــــو
ڇُريو ڇٺني ڪُنڊين ڪان، هيـــر ڪندو ڪَڙڪو
وســيلو وڙڪو، آهي منداڻن مـــيـنهن جـــو.

سيپٽمبر ١٩٩٤ع ۾ ڇاڇري تعلقي جي سرحدي شهر 'تڙ دوس' ۾ سگهڙ سلطان دَرس سان رهاڻ ٿي. مـيـنهن جو قدر ٿر ۾ آهي، جو برسات وقت پورهيي تي ٻاهر ويل ٿر وارا اَوس مـوٽندا. سلطان فـقـيـر مـارئي جي زباني ڇيل پنهنجي سڪ ۾ اڪير وارو هيٺيون بيت ٻڌايو:

عـــمـر اباڻي پار ڏي تـيـــا ڪـڪـر ڪارونيـــار
اُتـــا مـــيـنهن ملڪ تي، گـــاهن ڪـيـــا گلزار
سُـــڪـــا وڻ ســـاوا تـــيـــا، بنجي باغ بـهـــار
مـولي ڪـيَڙا مِـهر سان ساٿيـهـ منجهـ سُڪار
ٻَهونُ تـيـڙيون ٻاجهريون، ڪـيـون آڳي اوتيان تار
مگَ منڌاڻا مڪـٽـيـــون، گــڏ تهين ســـان گـــوار
ٻيريون ڪيريون ٻانٽريون ٻِـي ويـڪـر منجهـ ولهار
پُـرٽ پـوپـرئي پـٽـن تي، تـوه ولين ڪـيــا تار
لُلُر ۽ لاٽا تـــيـــــا، ڇِـــڪـن ۾ ڇـــوڏار
وري آئـــي وطـــن ۾ پـــهـــنـــوار جـــي پـــار
ڇـيـڙ ڇـارين ڇـاه مـــان ٻـڪـرين ڪـي ٻـڪـرار
ڪـيـــر پـين تـــا خـــوشيءَ مـــان ڏونـٺـرا ڏڻ ڏنار
ٻاٽُر جي پٽـن ۾ جـهـــانگـي ڪن جـهـــونـگـار
تن ويڙهيـڇن جي وجـــود ۾ آ الف اَتـوئـي پار
مُنهن ڏيـڪـارئين مـحب جـو سُلطان ڪي سـتـار
دائـم ڪَرائـين دلـبـــــر جـــــو دَرس ڪي ديـدار
مـــــارو مَـــٽـــيـــادار، ڏيـڪـارِيمِ ڏيـهـــ ڏٺي!

● سانوڻ ڪان مهينو پوءِ سَرَءُ شروع ٿيندي، پر عام اصطلاح ته 'سَرءُ لڳندي'. ٻَڌو

۽ اَسُو (سيپٽمبر ۽ اڌ آڪٽوبر) سرء جا مهينا آهن. ان وقت هاري هر ڏيندا، ٻني ٺاهيندا ۽ سرُءَ جا فصل (سرهيه، جانيون) ڪاهيندا؛ ڪتيءَ جون پوڪون (جوئر، ٻاجهري، گوار، تِر) پچنديون، لابارا لهنداءِ ٽيندا ڪانوَ اَلَ (ٻچا) اڏاريندا. سَرءُ جي سُکن ۾ به سِڪ وارن کي سڄڻ ياد آيا.

**جمعو:**

سَرءُ سَڪيرِي سڄڻا، هارين ٻڌا هر
پنج مُٽيون هنِ پرينءَ جون انهن جي آڌرِ
ڪلمون قول پڙهي ڪري ڏي ٻُڌن سانِ ٻِنَڪَر
لاڙي لنگهائج لاهَ ڪئون چُوني ساڻ چَپر
جاني يار جمعو چوي موتن ساڻ مِهر
ٽين ميلا مر، محبت جا هن مند ۾

—

سَرءُ سڪيري سڄڻا، ڪانوَنِ اَلَ اُليل
جيڪي وچڙيا هئا ورهين جا سي هيڪانڊا ٿيا هيل
ٻيلي توسان ٻيل، هوندس شال حضور ۾
بنگو.

سَرءُ سڪيري سڄڻا، جهليا ٻِيڻ پا ٻوڙا
هارين هر هٿ ڪيا، جال وَهن جوڙا
ڏوڙن ڪئون ڏوڙا، ٽيا باري بخت بنگو چوي.

—

سرءُ سڪيري سڄڻا، رُت مِٽي راول
ڪانون آڪيرن مئون اَڏاريا هِن اَلَ
پُور پون پلپل، مانکي محبوبن جا
مٽو.

سرءُ سڪيري سڄڻا کو ڏيکا ڪانا
مِل اچي منهنجا پرين سڄڻ سَمانا
طعنن جا طعنا، مان تان لاهِ مٽو چئي.

Gul Hayat Institute

سَرءِ سکيري تو چوان، اج آيا جان ڪال
اک ڦري، هت ٽري، ايٽ اُلاٽي مال
ڪانگ لَنوي شال، آيا جاني جُوءِ ۾.

شاعر منٽي جي پهرين بيت ۾ 'سمانا' جون ٻه معنائون آهن ۽ ٻئي لڳن ٿيون ١. 'سَمن تي پورا'، وعده مطابق پوري وقت ۽ ماڳ تي ملڻ وارا (منهنجا سڄڻ!). ٢، وڏي چڱي مان وارا. ٻئي بيت ۾ مال يعني مالھ. چرحي جي متان ويڙهيل تندن جو پٽو.

پر اي سياڻا! جاڻ ته سرءِ ۾ ڪانهَ ۽ سَرَ نسرندا ۽ پوکن وارِي ساواڻ ۾ چتايون ٿينديون جو ڪانهنِ ۽ سَرن جي چوٽين ۾ اڇا سنگ نڪرندا. جن کي 'گنگ' چئبو.

سَرءِ لڳي، سَر موريا، کَڏيا گوش گنگن

سَرءِ جي مند پيدايش واري آهي جو هاري ڪڙمي جو ڪيل پورهيو ان ۾ صاب پوي ٿيو. فصل لهندا، جوئر، ٻاجهري پچندي، ۽ 'اَنُ' ٿيندو. چوندا ته "ان آهي ته ايمان آهي." اهڙي پياري مند ۾ پنهنجا پيارا ياد پوندا. هيٺئين بيت ۾ شاهه عبداللطيف اهي اهڃاڻ ڏنا آهن ته ڪيئن سڪ وارِي سَرءِ ۾ پنهنجي پياري وَر کي سنيالي تي چوي ۽ تي ته:

سَرَ لوهِيڙا ڳِپِيا، کُسَرَ نِسرِئا
تو ڪيئن وِسرِئا، ڍولا ڏينهن اچڻ جا!

يعني ته مند پرجي آئي آهي، سَرَ ۽ لوهيڙا ڳيجي ويا آهن ۽ کُسَر نسري ويا آهن، پر اي منهنجا ڍول تون ڪونه آئين! توکي هن مند ۾ اچڻ وارا ڏينهن شايد وِسري ويا!

هيءَ بيت، 'مند' جي پارن پَتن توڙي سِڪندڙ جي پنهنجي سڄڻ لاءِ ساروڻي واري نفسياتي ڪيفيت کي اُجاري ٿو. پر اي سياڻا! پهرئين سٽ ۾ جيڪي تي لفظ آهن يعني سَرَ، لوهيڙا ۽ کُسَر- تن کي سمجهه. لوهيڙو وڻ آهي، سَرَ ۽ کُسَرَ ٻُوڙا آهن. لوهيڙو يا روهيڙو ٿر توڙي جبل ۾ ٿئي، ۽ بياباني ماحول ۾ نهايت سائو نظر ايندو. ان جا گل ويتر وڏيک سهڻا آهن. ڪاٺي نهايت مضبوط. اگ

ڪُوهن ڪٽڻ وقت 'ڇَڪَ' لوهيڙي جا ڪندا هئا. جڏهن ته هي وڻ ٽورو ٽئي ۽ ڪتي ڪتي ٿئي، تنهن ڪري ان جي وڍڻ جي منع هئي. افسوس جو پاڪستاني دور ۾، سنڌ حڪومت جي ڪمزوري سبب، ساوا سهڻا گلن سان سينگاريل لوهيڙا جيڪي ٿر جبل جا گهوٽ آهن ۽ جن ڪي رنگين گُلن جا موڙ ٻڌل آهن سي بي واها ٿي پيا وڍجن! پر اي سڄڻ! 'سَرَ' ۽ 'ڪُسَر' جي معنيٰ سمجهه جو اها ايتري سولي ناهي ۽ مونکي به گهڻي پڇاء ۽ جانچ بعد سمجهه ۾ آئي آهي. عام طرح چوندا ته سَرُ ٻه قسم آهي، هڪ سچو سَرُ ۽ ٻيو ڪوڙو سَرُ جنهن کي ڪُسَرُ چئبو. پر شاهه صاحب جي هن بيت مان ظاهر آهي ته 'سَرَ' معنيٰ سچو سر: يعني 'سچي سر' کي چئبو ئي 'سَرُ': باقي 'ڪُسر' معنيٰ ڪوڙو سر. سَرءُ لڳندي (سرء جي مند ٻَربي) ته 'سَرَن' جي چوٽين ۾ ٻُڪِ پوندو (تولهه ٿيندي) باقي ڪُسَر نسري ويندا، يعني انهن جي ڪانن جي چوٽين ۾ اچا گنگ' نڪري نروار ٿيندا. ائين چاڻ ته سَر ڏيڍي ۾ هوندو ته ڪُسر نسري بيهندو. سَر ۽ ڪُسر جي سڃاڻپ جا وڏيڪ اهڃاڻ ته 'سَر' (سچي سر) جو ڪانو سنهون، پن ويڪرو، قد ننڍو، ۽ گنگ اڇو: سَر ۾ 'ڪُتِ' ٿوري ٿيندي. سرمان مُڃ جو سنهو سنو واڻ ۽ پڻ ٽُوئا ٺهن. 'ڪُسر' جو ڪانو ٿلهو، پن سنهو ڊگهو، قد وڏو، گنگ ڳاڙهيرو، ۽ هن ۾ ڪُت' گهڻي ٿئي. ڪُسر مان، ڳاڙهو ٿلهو واڻ ۽ مُوڙا ٺهن.

● سَر نسرئا ته سرءُ جي مند پوري ٿي. سرءُ جي پوري ٿيڻ تي سياري جي شروعات ٿيندي: اتر لڳندا ۽ سڄڻ ياد پوندا. شاهه صاحب انهيءَ سِڪ جو اهڃاڻ ڏنو ته:

سـر نسـرئا پانـد، اُتر لـڳـا آءُ پـريـن!
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سُڪائون ڪيون.

ڪنهن سڪندڙ سهاڳڻ پنهنجي پياري ور کي 'سياري جو سيءُ' سڏيو (جيڪو جان ۾ سمائجي ٿو وڃي). چيائين ته:

**آءُ آرهڙ جي وِچـــٽي،**
**تون سـيــاري جــو سيءُ.**

سر سامونڊي جي بيت ۾ سهاڳڻ پنهنجي وڻجاري ور کي سياري جي سيءُ ۾ ياد ڪيو ته:

Gul Hayat Institute

اســـان اڏارا، آٽي آوَنگِ چـــاڙهيـــا
مُنهن ڏيئي مـون آئيـا سـامـهـان سِيَارا
اُيــرن ســيــڪــارا، پَســئــو وَرَ ٻين جـا.

ٻهرين سٽ ۾ ’آونگ‘ آهي، جيڪو اڳين ٻوليءَ جو ءِ خاص طرح هينئين لاڙ ۾ ڪاري واري ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معني ڇڪو يا اُڄَٽُ جيڪو گهر جي ڇت هيٺان لٽڪيل هوندو هو، جنهن ۾ مڇي يا گوشت رکندا هئا ته وائڪو رهي. بيت ۾ صحيح لفظ ’آونگِ‘ (گ جي زير سان) آهي جنهن جي معني آونگ ۾ يا آونگ تي چاڙهيا، يعني مٿي چاڙهي رکيا. لفظ ’اڏارا‘ مان سمجهجي ٿو ته مراد ’مڇرا‘ (ننڍيون مڇيون) آهي، رسالي جي هڪ ٻئي بيت ۾ آهي ته:

● سياري جي پوري ٿيڻ تي ’چيٽ‘ ايندو جيڪو ’بهار‘ جي برابر آهي.چيٽ جي مند ۾ به گهڻن سڪ وارن پنهنجن سڄڻن کي سنڀاليو. جتي شاعر چيو ته:

چــيــٽ ڦُــٽــو، وڻ مــوريَا، وَر يا واهُـندا
پريــن جي پــرڏيهــ ويا، سي اڄ صبح اُيندا
دلبــر پنهنجي ديس ۾ شال هـمـيـشـه هوندا
خــاطر تـن خــوش ٿـئي جي مــحبن لاءِ مــاندا
پريــنِ جي پاندا، شــاديون هونديون شــهــر ۾.

(’واهوندا‘ معنيٰ سياري جي پڄاڻي تـي ڏکڻ- اولهه جون هوائون. ’خاطر‘ معني دل: ’پرين جي پاندا‘ معنيٰ پاند ڪان، طرفان، جتي پرين هوندا اتان.)

ـــ چـيـٽ ڦُــٽــو وڻ مــوريَا، واهوندا ورن
سڪ جن جي ســاهـ کي سي اڳڻ مـــانَ اچن
جــانِب اچي جُــوءِ ۾ مـــون کي شـــال ملن
ٿــا وٺــيــو مـون وِڄن، فـــوجـدار فـراق جـا.
ـــ چـيـٽ ڦـٽـو وڻ مـوريـا، ٿـيـا واهوندا واهـ
اڳـــهي در الله جي هن عـــاجـــز سندي آهـ
ڏِسِي ڏَرسَن دوس جـو سَـرهو ٿـيــو ســاهـ
اچڻ ســاڻ عــجــيب جي ٿــيــو آرامي ارواح

آهي جيءَ جُسي ۾ جاءِ، دلبر پنهنجي دوست جِي.
— چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ڪِي واهوندن وراڻ
جَڙ منهنجي جيءَ ڪِي آهي سڄڻ ساڻ
خاوند ڪيو ڪِيئَن، ڏنو ڏاتَر ڏاڻ
اندر روح رهاڻ، متي تنهن محبوب جي.
— چيٽ ڦُٽو وڻ موريَا، پيرين جهليا پُورَ
باغين گل بهاريا، آمنَ ڪِيا انگور
سيڪنهن ساعت سُپرين مون ڪي پلپل پور
ڦورڙائي فراق جا آهن ساجن وڏا سُور
دِلشان تئين مَدور، جانب منهنجي جيءَ جا.
— چيٽ ڦُٽو وڻ موريَا، ڪِي ڪانديرن قطار
دلبر گهُرجين ديس ۾ سرتين جا سينگار
وري آءُ وطن ۾، تيون هيڪاندا هيڪار
دم اوهان ڪان ڏار، ڏينهن قيامت پانئيان.
— چيٽ ڦٽو وڻ موريا، تي چوڏس چاندوڪي
خاشا خمَر شراب جا تي مَت ڪڍي موڪي
محبت منهنجي من ۾ تو پرين جا پوڪي
سارهجي ويئي روح ۾ تِي اُڪوڙڻ اوڪي
صاحب ڪر سوڪي، ته دلبر ڏسان ديس ۾.
— چيٽ ڦٽو وڻ موريَا، تي ساجن جي سنيال:
سڪ اوهان جي سپرين هڙو ڪيم حال
اوهان جي اُڪِير جي مون ڪي ساعت سال
انئي پهر اکين ڪان جر وهي تو جال
سڄڻ ايندم شال، ويتي وات نهاريان.
— چيٽ ڦٽو وڻ موريَا، تا ڦاروها ڦتن
باغن بهاريون ڪيون ليما تا لتڪن

’ناري‘ سندي پَرتي، ڪڪر تا ڪڙڪن
اندر ڦٽ فراق جا تا جانب لاءِ جتڪن
مونکي ماڻ ملن، دلبر پنهنجي ديس ۾.
— حيث ڦتو، وڻ موريا، کَخوريا کَرير
اوهان جي اداس جو، سونچو منجهه سرير
ڇڏائيندم ڇتو چئي، عالم جا امير
اڃي ڪَڍهون قيد مان دولهه دستگير!
پيرن سندا پير، ميڙ منهنجا سُپرين.

بهار جي مند ۾ پرينِ جي واپس ورڻ بابت لس ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي پائيتي دوس محمد، مارئيءَ جي زباني بيت چيا ته:

— چيٽ ڦتو وڻ موريا، پيرون تا پچن
پرين جي پرڏيهه ويا موتي شال اچن
ننگ پنهنجي نينهن جو من سائين سچاڻن
ڦوڙائي فراق جي شل ڪوڪ نه پوي ڪن
مونکي شال ملن، دلبر پنهنجي ديس ۾.
— چيٽ ڦتو وڻ موريا، ڏاڙهن ڪيا ڏار
دلبر اڃي ديس ۾ سگهي لهج سنيار
اوهان جي ارواح کي آهي پلپل منجهه پچار
ساري سپ جمار، گڏ گذاريون ڏينهڙا.
— چيٽ ڦتو وڻ موريا، ترن تڏي هير
هٽن سَرتيُون سيليا، پِينِ پاڪ پُنير
ڪڊ بنديائي بند مان دوس محمد چئي دلگير
پيرن سندا پير، موکي مارن ميليين.

Gul Hayat Institute

# ڪڇهري ناڙي

اي سڄاڻ! هي ناڙيءَ جي رهاڻ آهي جنهن ۾ ناڙي ۽ ناڙيوالن (ناڙي وازن) جي ڳالهه هلندي. ناڙي، سنڌ جي سِري جي ساڄي پاسري آهي جيڪا سِبي کان شروع ٿي جيڪب آباد ضلعي جي اتر- اولهه کان ڦري ٿي. ناڙيءَ جو سڄو ملڪ وس تي آهي: مينهن وسن ۽ نيون وهن ته ناڙي آباد ٿئي. راقم ناڙيءَ جي حدن پاڳن کي سمجهڻ لاءِ ڪشالا ڪيا ۽ ١٩٦٠ع کان وٺي ناڙيءَ ۾ جدا جدا جاين تي ڪچهريون ڪيون. آخري وڏو سفر مهيني نومبر ١٩٩٦ع ۾ ٿيو. مرحوم مير شاهنواز خان شهلياڻي جمالي (محراب پور) جيڪو وڏو اديب ۽ علم دوست هو تنهن جي مهرباني ۽ ميزباني سان ناڙيءَ کي پوريءَ طرح سمجهڻ جو موقعو مليو ۽ جيڪي مون سمجهيو سو اي سياڻا سڻ ته توکي سڻايان.

جاڻ ته ناڙي (نالي) نالو هڪ نديءَ جو آهي جيڪا سبي شهر جي اتر- اولهندان ڏکڻ ڏي وهي ٿي. اهو سڄو ملڪ جتي ناڙي ندي جو پاڻي ويو ان کي آڳاٽي وقت کان ناڙي سڏيائون. بعد ۾ ڇڳي سِياءَ خاطر، شهر 'ياڳ' جو نالو ڳنڍي 'ياڳ ناڙي' سڏيائون.

مٿان سبي کان وٺي جيڪب آباد ضلعي جي سرحد تائين ناڙيءَ جا ٽي مکيه ياڳا آهن: هڪ مٿين 'بالا ناڙي'، مِنڙي کان ڏنگڙو تائين؛ ٻي درمياني (وچين) ناڙي، ڏنگڙو کان ڇڪڙ ستيشن تائين جنهن ۾ ياڳ وارو علائقو شامل آهي؛ ۽ ان کان پوءِ زيرين (هيٺين) ناڙي، جنهن ۾ 'مولوي' ۽ ٽنبُو وارو علائقو اچي وڃي ٿو. مٿان ان سڄي ملڪ کي ٻه نديون سيراب ڪن ٿيون: هڪ ناڙي ٻي بولان. اهي ٻئي وڏيون نديون آهن. مٿئين ياڳي ۾ ٻارهن ئي مهينا انهن ۾ پاڻي هلي. اپرندان 'لهڙي' واري نئن جو پاڻي به ناڙي ۾ اچي ٿو. انهن ۽ ٻين نئن نالن جو پاڻي ان سڄي ملڪ کي ريلي ڇيلي ڏکڻ ۾ اچي ڪير ٿر واهه سان لڳي ٿو. اڳتي شهدادڪوٽ کان باريچن واري علائقي مان، پوءِ غيبي ديري کان ۽ اڳتي فريد آباد ۽ ماڏو وٽان اولهه منڇر ڏانهن رخ رکي ٿو. ماڏو کان اتر- اولهه هڪ نئين جو نالو 'آخر- ناڙي' آهي جنهن کي اهو نالو شايد انهيءَ ڪري ڏنائون جو

اها چڻ ناڙي جي پاڻيءَ جي آخري حد آهي.
مٿان ناڙي ۽ بولان جو پاڻي 'سَچُو شهر' وٽ گڏجي ٿو. پوءِ اتان نندين وڏين نينِ نالن جو پاڻي شهر جلال خان ڏانهن منهن ڪري ٿو. اتي جي ڪنهن سگهڙ آڳاٽو چيو ته:

'نديون سڀ نواڻ، جهوڪان جلال خان ۾'

يعني سيني ندين نين جون جهوڪون (منزلون) جلال خان ۾ آهن. جلال خان مغيري بلوچن جو شهر آهي جيڪو سندن وڏي سردار جلال خان ٻڌايو. هن وقت (١٩٩٦ع) به مغيري سردار جو نالو جلال خان آهي. سچو شهر کان هيٺ اهو پاڻي جدا جدا نالن ۾ پورن ۾ هيٺ وهي ٿو جتن ته باغ، هِينگڻ، قَبُوليو: مٿان ايندڙ 'شَرڪل' پورو هيٺ 'قبوليو' سڏجي ٿو جيڪو 'طنبو' جي ايرندان مَٿي ٿو. ياڳ ناڙيءَ جا هيٺيان شهر جيڪي راقم ڏٺا.

● **شهر ياڳ**. وچين ناڙي جو مکيه شهر آهي. اڳ خان قلات جو هڪ اهم انتظامي شهر هو. ٢٦ نومبر ١٩٩٦ع تي شهر ياڳ ڪي ڏسڻ جو موقعو مليو. شهر جي بازار پر رونق، ۽ واپار جي چلتي ۽ چهچٽي وارو شهر آهي جنهن کي پاڻي ١٢-١٣ ميل اتر- اولهه طرفان 'سَنِي جي شهر' کان نلن وسيلي پهچي ٿو. خان قلات جي حڪمراني وقت شهر ۾ وڏا تلاء هئا. شهر ۾ هاءِ اسڪول آهي جنهن جو وڏو سهڻو حاطو آهي. ڏکڻ طرف خان قلات جي ڪنهن صاحبزادي غلام مصطفيٰ خان جي مرقد وارو ڍگهو قبو آهي. هي شهر ڪنهن دور ۾ ديني علم جو مرڪز هو ۽ هتي وڏا عالم پيدا ٿيا. شهر جي قاضين جو وڏو ملا جيوڻ هو. قاضي عزيزالله ويهين صدي جي نصف اول ۾ ناميارو عالم هو. سندس فرزند قاضي حبيب الله، سنه ١٩٥٣ع ۾ قضا تان استعفا ڏيئي دارالعلوم قائم ڪيو جيڪو سندس رهبري هيٺ هلي رهيو آهي. قاضي صاحب جي عمر ستر سال کن، نوراني چهرو، متواضع ۽ مهربان. ساڻس علمي ادبي گفتگو ٿي. مدرسي جي اڳين عمارت جي سامهون اتر طرف سردار يارمحمد خان رند نئين عمارت جوڙائي آهي ۽ مدرسي جي فروغ خاطر هو ٿي پيرا مدرسي ۾ آيو آهي. قاضي حبيب الله صاحب جو فرزند محمد انور هن وقت مستونگ ۾ قاضي آهي. خان قلات جي دفتر خاني جي رڪارڊ جي آدار تي، هن 'ذڪِري' فرقي بابت

ڪتاب لکيو آھي. تيرھين صدي ھجري جي آخر ۾، شھر ڀاڳ ۾ ھڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ عبدالوھاب ٿي گذريو جنھن حديث جي ڪتاب مشڪواة المصابيح جي مشڪل لغات جي حل لاءِ 'خلاصة البيان' نالي ڪتاب لکيو. ھي قلمي ڪتاب راقم ڏٺو. جنھن جي آخر ۾ لکيل عبارت:

> فيقول الصوفي عبدالوھاب ابن سيد عيسيٰ الناصري جيلاني ساکن بھاگ بلوشستان انه لما کان ... بعض کلمات مشکواه المصابيح المشققره ..... فتحتھا بمفاتيح البيان طالباً ان الله ... فسميت ھذه الشرح بخلاصة البيان.

● **شھر سَني.** قلات جي خان عبدالله خان ۽ ميان نورمحمد جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي، ان بابت معلوم ٿيو ته شھر سَني ڪان نَوَ (٩) ميل ڪن اتر- اوڀر طرف واري ماڳ تي لڳي، جنھن کي پوءِ خانپور سڏيو ويو. ھن وقت (١٩٩٦ع) کنڊر آھي. سني شھر، جتوئي بلوچن جو علائقو آھي.

● **فتحپور قديم.** ھي شھر مشھور سردار مير چاڪرخان رند جو مرڪزي شھر ھو. انگريزن جي آمد وقت اڃان آباد ھو. ان جا آثار شھر ڀاڳ ڪان ڏکڻ- اولھه طرف آھن. (وڌيڪ تحقيق ڪرڻي).

● **شورڻ، گاجان، گنداوا** تاريخي شھر آھن جيڪي ناڙيءَ جي اولھه طرفان جبلن جي ڪنڌيءَ لڳ آھن. انھن جي زمين کي جبلن جي چشمن جو پاڻي آباد ڪري ٿو، انھيءَ ڪري اھا زمين ناڙي ۾ شامل ناھي. گنداوا کي مُولھه جو پاڻي آباد ڪري ٿو. اوائلي اسلامي تاريخ ۾ 'گنداوا' جو نالو 'قَندا بيل' آيو آھي. گنداوا ڪان ھڪ واٽ قلات ۽ ٻي خضدار وڃي ٿي. گنداوا ڪان گاجڻ، قاضي اسماعيل، سُڪليجي، آري سَر ۽ پوءِ خراسان يعني قلات. گنداوا ڪان پير ڇتو، نَوَ لنگھه (مولھه جي پاڻيءَ جا)، ڪُونھُون، ھَتاجِي، جانءِ، پاڻي واند، خَزانَ جتان ٻه واٽون: ھڪ ڪَرخ ڏانھن ٻي خضدار ڏانھن. گنداوا شھر جي دڪانن تي راقم خوشبوءِ دار چانور ڏٺا جيڪي جابلو ڀاڱي ۾ مُولھه جي پاڻي تي ٿين ٿا. جامع مسجد جي پيش امام، قلندر صفت انسان مولوي رڍ جو کي گھڙيون ديدار ٿيو. خاص ڳُولا سان، قاضي نورمحمد بابت معلوم ٿيو ته ڪَلواڙ قبيلي جو ھو، سندس پٽ ابوالخير جنھن کي ٽري نياڻيون ٿيون. قاضي نورمحمد، 'پاڻي پٽ'

Gul Hayat Institute

واري لڙائيءَ (١٧٦٨ع) ۾ قلات جي خان نصيرخان سان گڏهو ۽ ڪتاب جنگ نامو لکيائين. ان تاريخي ڪتاب لاءِ راقم جڏهن اسلام آباد ۾ تاريخي اداري جو ڊائريڪٽر هو تڏهن بلوچستان يونيورسٽي کي گرانٽ ڏياري ۽ هي ڪتاب نئين سر شايع ٿيو. ١٠- جنوري ١٩٧٨ع ۾ جڏهن راقم گندارا ۾ پڇا ڪئي تڏهن قاضي نورمحمد جي نياڻين جي اولاد مان هڪ جوان مڙس مليو جيڪو اڻ پڙهيل هو.

● **فتحپور (نئين).** هيءَ صوفي رڪيل شاهه جو شهر آهي. هن فتحپور جي زمين توڙي ان سان لاڳو نوشهره جي زمين کي مُولهه جو پاڻي آباد ڪري ٿو.

● **مولوي'،** زيرين ناڙي، يعني 'هيٺين ڏاڪٽي ناڙي' جو هڪ مکيه شهر آهي. پهريون شهر اتر طرف هو جيڪو مولوي يارمحمد ماڇي ٻڌايو. ان بعد هاڻوڪو شهر مولوي سعد الله ماڇي ۽ پيائرن ٻڌايو.

● **ميرپور بيبي واري.** هي به 'زيرين ناڙي' جو ٻيو مکيه شهر آهي.

● **مَٽُ.** هي زيرين ناڙي ۾ ٻُڌن جو وڏو شهر آهي. ميرپور کان ڏهه ميل اتر ۽ گنداوا کان ويهه ميل ڪن اوپر واقع آهي. ڊسمبر ١٩٦٨ع ۾ جڏهن راقم اهو ياڳو ڏٺو تڏهن مٽ شهر جو رئيس حضوربخش هو.

● **پير ڪَلو.** شهر مولوي کان ڏکڻ 'پير ڪَلو' جي مزار زيارتگاهه آهي، جتي مجاور رهن ۽ ٻيا زيارتي اچن وڃن، پر شهر ڪونهي.

● **آباد.** پير ڪلو کان ڏکڻ اولهه 'آباد' جو شهر، مگسين جي علائقي جو پهريون وڏو شهر آهي.

● **شهر هاشم ٻُڌ.** هي شهر 'پير ڪَلو ۽ شهر 'آباد' کان ڏکڻ طرف آهن. هن وقت (١٩٦٨ع) شهر هاشم ٻڌ وارو ٻُڌن جو علائقو اندازاً ڏهه ميل اتر-ڏکڻ ۽ پنج ميل اولهه- اوير تي آهي.

● **شهر گولا.** اهو هاشم ٻڌ کان اولهه طرف آهي. گولا بلوچ آهن. انگريزن جي دور ۾ گولن هي ياڳو ٻُڌن کان خريد ڪيو.

● **شهر طنبو.** عمراڻين بلوچن جي علائقو جو مکيه تاريخي شهر آهي.

ناڙي ۾ گهٽي حد تائين سرائڪي ۽ بلوچي زبانون رائج آهن. سنڌي ڳالهائيندڙ قبيلن ۾ برڙا، ابڙا، جکرا، ڪاڪيپوتا، ڏيتا ، راهوجا، مُنگراڻي (منگر جي شهر

Gul Hayat Institute

جا) ۽ ڪڪراڻي اچي وڃن ٿا. اهي سڀ چوندا ته اسين ’آبڙ‘ ۾ آهيون. لاڙڪاڻي طرف ڪڇرين ۾ به مٿين پيڙهيءَ وارو نالو ’سما‘ بدران ’آبڙ‘ ٻڌو ويو جنهن مان گمان نڪري ٿو ته ’آبڙ‘ جي حيثيت ’سمي‘ کان جدا آهي.
هيٺ ناڙي جي چئن مشهور تاريخي قبيلن بابت ڪيل تحقيق مختصر طور بيان ڪجي ٿي.

## ٻُڌ قبيلو.

ٻُڌ قبيلو ناڙيءَ جي آڳاٽن قبيلن مان آهي. ۽ گمان نڪري ٿو ته ’ٻُڌ‘ اصل ۾ چنا آهن. محمد بن قاسم جي فتح وقت سندن ٻُڌ علائقو موجود هو ۽ ان جو مکيه شهر قندابيل (گنداوا) هو. هيٺ سيوهڻ کان جيڪب آباد تائين ڪاڪا ۽ چنا راڄ هئا ۽ مٿي وچ ناڙي تائين ٻُڌ چنن جا راڄ هئا. ان وقت چنا اسلام ۾ آيا ۽ هڪ وڏي عرصي تائين هو مُولهه جا مالڪ رهيا ۽ پوءِ اندروني نا اتفاقي سبب مٿن زوال آيو:

چنا چوراسي راڄ، هئا مُولهه مَڱ- ڏٺي
جڏهن پيين پاڻ ۾ تڏ ٿيا تراڙين ڪاڄ.

اوائلي اسلامي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته مقامي ماڻهن دل سان اسلام قبوليو ۽ سندن اصلوڪا نالا قائم رهيا. ان جا ٻه وڏا مثال، سنڌ ۾ ’ٻانيڻ‘ قبيلو ۽ ناڙي ۾ ’ٻُڌ‘ قبيلو، جن جا نالا اڄان تائين هليا اچن. جيتوڻيڪ اهي اسلام کان اڳ جا آهن. ٻُڌ قبيلا اسلام کان اڳ ٻُڌ مذهب وارا هئا ۽ ٻُڌ نالو اڄان تائين هليو اچي.
هن وقت ٻُڌن جو مکيه شهر مَٽُ آهي، پر ناڙي کان ٻاهر سنڌ ۾ به ’ٻُڌ‘ قبيلي وارا موجود آهن. خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ (وارهه طرف) ۽ ٻين ماڳن تي رهن ٿا. ناڙيءَ ۾ اڳ ٻُڌن جو علائقو وڏو هو. اولهه طرف جهل ۽ اوپر طرف ڪنبو ۽ طنبو. کيرٿر واهه جي نڪرڻ وقت، وڏيري هاشم ٻڌ جي پٽ موسي اڳين سَنَد پيش ڪئي هئي جنهن ۾ ڏکڻ طرف ويندي چانڊيي جي حد تائين ٻڌن جو علائقو هو. پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻين قومن کي وڪڻي ڇڏيائون. ’مَٽُ‘ کان هيٺ ڏکڻ طرف ’هاشم ٻڌ جو شهر‘ آهي. ١٩- صدي جي آخر ۽ ٢٠- صدي جي شروع ۾ ٻڌن جو وڏيرو هاشم ٻڌ هو جيڪو ١٩١٥ع ڌاري ٻڌن ۽ ٻرڙن واري جنگ ۾

مارجي ويو. ٻڌن ۽ ٻرڙن جي انهيءَ جنگ جو تفصيلي احوال راقم ڪتاب ’جنگ ناما‘ ۾ ڏنو آهي، جتي ڏسڻ گهرجي. اسان هاشم ٻڌ جي شهر ڪي وچي ڏٺو جيڪو وس ۾ آباد ٿئي تو ۽ جنهن جون جايون پٽيون سلامت آهن. سگهڙ هوت خان صوبدار اڻي جمالي، سورهيه هاشم ڪي ساراهيو ته:

هاشم شير شهيد ٿيو، رليو تولي امامن
هاشم جهڙا پُٽڙا، مائون مر جڻن.

## ماڇي ۽ جويا

مٽي بيان ٿي چڪو ته ٻُڌن جو وڏو علائقو هو جيڪو تڪرا تڪرا ڪري وڪيائون. ’شهر مولوي‘ وارو علائقو ٻُڌن ڪان ماڇين ورتو ۽ ان کي آباد ڪيو. مولوي يارمحمد ماڇي شهر ٻڌايو جيڪو سندس نالي پويان ’مولوي‘ جي نالي سان سڏيو ويو. اصل شهر مٽي اتر طرف هو. پوءِ تن ماڇين ڀائرن مولوي عنايت الله، مولوي سعد الله ۽ مولوي عبدالعزيز هاڻوڪو شهر آباد ڪيو.

اهو علائقو خان قلات جي ڀاڳ ناڙي- گنجابه محال ۾ داخل هو ۽ مير نصيرخان طرفان ماڇي قبيلي وارن کي مدامي طور سَند سان پڪو ٿي مليو. ميان نورمحمد جنگ ۾ فتح بعد جڏهن ڀاڳ ناڙي ۽ سڄي ڪَڇي واري ڀاڱي تي قبضو ڪيو تڏهن پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ ماڇين ۽ ٻين جي اصل آبادي کي ٻي دخل ڪيائين. اُن لاءِ ميان پنجاب مان جويا آندا جيڪي سندس خادم مستي فقير جويي جي پويان ميان جا مريد ٿيا هئا. جوين پوءِ ناڙي ۾ زور ورتو ۽ پڻ سنڌ ۾ پکڙيا. مستي فقير جويو ١١٦٩هه ۾ (ميان نورمحمد جي وفات کانپوءِ) فوت ٿيو ۽ کيس آدم شاهه جي ٽڪري تي دفن ڪيو ويو. ميان نورمحمد ’ميانوالي طريقي‘ ۾ رڪ ۽ پرهيز جي دائري کي سوڙهو ڪيو ۽ ماڇين، موچين، مهاڻن ۽ ڪن ٻين اهڙن قبيلن کي ان دائري کان ٻاهر رکيو. جڏهن ميان نورمحمد پنجاب ۽ ملتان کان جويا ۽ لِيکِي آندا ۽ ناڙي ۽ سنڌ ۾ وهاريا، ته انهن کي سندس پٽ پرائي حاصل ٿي. ناڙي ۾ ماڇين واري علائقي تي جوين جو قبضو ٿيو.

٥ کان ٧ جنوري ١٩٧٧ع تائين شهر مولوي ۾ وڏيڪ تحقيق جي سلسلي ۾ راقم جون (مرحوم مير شاهنواز خان شاهليائي جي ميزباني ۽ مهرباني سان) ڪڇهريون ٿيون جن ۾ وڏيڪ تحقيق ڪرڻ جو موقعو مليو. ارباب غلام قادر

جويي ڪان معلوم ٿيو تہ اهو علائقو اصل ۾ ماڇين جو هو جن ڪان جوين ورتو ۽ پوءِ هنن ماڇين ڪان خان قلات واري اصل سَندَ بہ ورتي. اها سَنَد ارباب غلام قادر وٽ محفوظ هئي جنهن جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

حکم عالي شد آنکہ نائبان و کارداران وضابطان وعا ملان شاهي استقبال محال بهاگ ناري و گنجابہ بتوجهات خاطر عاطر عالي مستفاد (؟) بوده- بدانند درینوقت از روي شفقت و مهرباني زمین دشت موات غیرآباد ده مولوي محدود بحدود اربعہ هذا. حد شرقا آن ناله باغ وحد غربا آن ناله رونگه وحد شمالا آن پنج و هنہ یعني بَهنري ناله هذا و جنوبا آن پیر کله سراني (؟) احیانا آباد نموده حواله فضیلت پناه ملا آدم و طاهر و خضر و طیب و قبول وکرم و صالح فرموده شد و بناء بَتائي غلات ابدي و همیشگي بقرار چهارم حصہ بلاخرچ. چنانچہ یک حصہ از سرکار عالي وسه حصه ازانها و حصہ گاه وکرب و کنده دوهي بقرار دهم رسد چنانچه یک حصہ از سرکار و نُہ حصہ آبادگاران. وبتائي غلات ده خرچ بقرار هشتم حصه و از نجار و حجام و دایه و مهتائي بقرار پنجم ابدي مقرر سواي آن هشت خرمن رئیسي فراخور حال پیدایش و بتائي خرمنات رئیسي بلا خرچ بقرار ابدي بقرار هشتم حصہ. چناچنه یک حصہ از سرکار عالي و وهفت حصہ از آبادگاران. و وجوهات زمین داري چنانچہ دَهویاري بقرار سائر ناڙي و یک کاسه وجہ اربابي و نود جریب پروانگي مرزا برید (؟) سرکار درباره نامبرده خان مرحمت و عنایت فرموده شد- بلا عُذر و اهمال رسانیده تعطل و انحراف نہ ورزند. بر کارکنان سرکار عالي لازم کہ این تعلیقچہ رفیع عالي را سَنَد ابدي وهمیشگي داانسته طلب تعلیقچه مجدد نہ کنند. اندر این باب تاکید را هر.... (؟) بلیغ دانستند و عهده شناسند. تحریر تاریخ چهارده محرم الحرام سنہ ١١٠٤

الله نعم الوکیل
حسبنا
نعم المولي و نعم النصیر

سَنَد ۾ آيل ڪن نالن جي وضاحت. پير ڪله سَراني = جيئن ته ڌهن لفظ 'سراني'

آهي تہ وڌيڪ صحيح 'سَرحاني' ٿيندو يعني 'سرخاني' (سرخان جو پٽ). بلوچي زبان ۾ 'خان' کي 'حان' ڪري اچاريو ويو. اهڙو هيو بلوچڪو نالو 'پير حسن سَرحاني' آهي جيڪو حب ندي جي الهندين ڪناري تي 'مدينة الحڪمة' جي سامهون مدفون آهي. نالہ رُونگہ= رُونگھن وارو واه (رونگھا ذات جا). پنج وهنہ= پنج وَهڻ يا پنج واهہ، سي هي: ١- مولوي سعد الله واهہ، ٢- صابري واهہ، ٣- رونگھا واهہ، ۴- خانو اهہ، ۽ ٥- راڄ واهہ. ڀهنري= ڀَنرِي جو شهر. جن شخصن جا نالا ڄاڻايل، اهي سڀ ماڇي قبيلي جا. ڪرب= ڪَرٻ (گاهہ ڪانن جو). ڪنده دوهي= ڪنڌو ۽ ڀري. ڍهوياري= ڏهو يارِي حصو راڄ جو.

'ڏهوياري' حصي جي تخميني بابت تحقيق ڪندي معلوم ٿيو تہ ناڙي ۾ قلات جي خانن واري وقت ۾ توڙي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي قبضي واري وقت ۾، ان جي جنس طور سرڪاري بٽئي ٿيندي هئي جنهن ۾ 'ڏهوياري' حصو سرڪار جي حصي مان ملندو هو. مثال تہ جيڪڏهن جملي جوئر ١٢ سئو مڻ تہ ان جي بٽئي هن طرح: چوٿون حصو ٣ سئو مڻ سرڪار (خان) جو جنهن مان ڏهون حصو ٽيهہ مڻ موٽي ملندو آبادارن ۽ ڪڙمين کي، جنهن جا وري چار حصا ٿيندا: هڪ حصو 'ڏهوياري' سيني ڪڙمين جو، هڪ حصو رئيس جو (ڪم سنڀاليندڙن ڪمدارن جو)، هڪ حصو اربابن (مالڪن) جو، ۽ هڪ حصوعام راڄ جو.

## عُمراڻي بلوچ

وچين ۽ زيرين ناڙي (لڳ تعلقو اوستہ محمد) کي ١۴- ١٥ صدي ڌاري گرگيجن بلوچن آباد ڪيو. ناڙي جي شهر طنبو جي چوڌاري سڄو علائقو عمرخان گرگيج جي اولاد عمراڻين جو آهي، جن بابت وڏي سڄاڻ پير مرد سگهڙ چنيسرخان عمراڻي (عمر اسي سال) هيٺين خبر ٻڌائي جنهن سان ١۴-١٥ جنوري ١٩٧٩ع تي شهر مولوي ۾ وڏي ڪچهري ٿي. چيائين تہ: بالاچ، عمر، جيئند ۽ دودو چارئي ڀائر هئا. بالاچ بهادر ۽ شاعر هو. سندس شعر قديم بلوچي شاعري جو قيمتي سرمايو آهي. عمراڻي، عمر بن عالي گرگيج رند جو اولاد آهن جن جا پاڙا: نوتڪاڻي (هي پاڙو قوميت ۽ راڄ ۾ وڏو هو)، سوياڻي، سيتاڻي، پلياڻي، ملغاڻي، ڀائناڻي، پرياڻي، بورياني. پوئين دور ۾ سرداري دلاور خان جي گهر ۾

آئي. ”عمرخان پٽ عالي خان گرگيچ، تنھن جو پٽ علي خان جنھن کي ٽي پٽ: دلاورخان، جڙنگوخان (جنھن کي چار پٽ: جن چار شھر ٻڌايا)، مصري خان (جنھن جو پٽ امام بخش خان جنھن جا چار پٽ جن چار شھر ٻڌايا). دلاورخان پھريائين ’ڪَنگ‘ شھر ٻڌايو ۽ پوءِ ٽنبو واري ماڳ تي آيو جتي پنھنجو ٽنبو هڻايائين. دلاورخان پوءِ پنھنجي زمين ائن پٽن ۾ ورهائي جن شھر ٻڌايا. سندس پٽن مان ڪتوريي خان شھر ڪتُور ٻڌايو. ميرخان پنھنجي پٽ جي نالي سان شھر ’ٻَڙهي رحمان‘ ٻڌايو. محراب خان، ٻڙهي جي مٿان شھر محراب پور ٻڌايو. فتح محمد خان پنھنجي پٽ نورمحمد جي نالي سان ’شھر نورو‘ ٻڌايو. ولي محمد خان شھر ايري (قبوليي ڪان اوڀر) ٻڌايو. منڌئو خان شھر ’ديھہ مازي‘ (ايري واري طرف) ٻڌايو. تاج محمد ’تاجپور‘ ٻڌايو. بالاچ خان ’بالاچ‘ ٻڌايو. ڪتوريي خان جو پٽ غلام علي خان جنھن جو پٽ دلاورخان (ننڍو) جنھن وڏي دلاورخان واري ٽنبو جي جاءِ تي شھر ٽنبو ٻڌايو. دلاورخان (وڏو) نادرشاھ جي وقت ۾ هو ۽ اها زمين ڪيس نادر شاھ ڏني. اڳ هي ملڪ محراب خان مستوئي جو هو. ٻڙهي خيري وارو ملڪ نواب خان گاڏهيءَ جو هو. ٻن پائرن مان ’خان دوران‘ پنھنجي زمين نياڻين کي ورهائي ڏني ۽ سخي رَتي پنھنجي زمين پائرن کي ورهائي ڏني.

’راقم اهي سڀ شھر نازي بابت تحقيق ڪندي ١٩٦٥-١٩٨٥ع واري عرصي ۾ ڏٺا جن مان ڪي غيرآباد هئا. ٽنبو هڪ وڏو شھر هو جنھن جون شاهي ديواريون پري کان شاندار صورت ۾ نظر آيون. محراب خان جي پٽ پيربخش خان جنھن ٽنبو شھر کي وڌايو سو بہ انگريزن کان اڳ ميرن جي دور ۾ ٽي گذريو.‘

۵ ڪان ٧ جنوري ١٩٧٧ع تائين شھر مولوي ۾ رهڻ وقت راڳ جون محفلون ٿيون ۽ وڏي سنگت ساڻ هئي، ۽ ميزبان مھربان شاهنواز خان شاهلياڻي هو. ان وقت جا قلمبند ڪيل تاثرات هيٺ ڏجن ٿا.

”محمد نواز جويي يڪتاري ۽ ڪڙتالن تي ڪالھ رات ۽ رات قافيون چيون. لئي ساڳي چيزل شاھ جي فقيرن جي ڳائڻ واري جنھن ۾ هن وقت فقير مولابخش عمراڻي، فقير غلام حيدر مگنھار، ۽ سيد دولت شاھ تعلقي جيڪب آباد جو (تيئي موتيل مڙس) سنا ڳائيندڙ آهن. انهن کي راقم پھريائين ڪوئيٽہ ۾

Gul Hayat Institute

جناب چيزل شاهه جي قرب ڀرين محفلن ۾ پڌو. محمد نواز (ڀائيتو) ۽ ميرمحمد (چاچو) جويا ٻئي ويٺل مولوي، صوفي چيزل شاهه جا فقير آهن. محمد نواز تنگ ڪان منڊڙو، پر يڪتاري کي نه زڳو وڃائي، پر ساڱئي وقت نچائي ۽ ڪڏائي، ۽ پڻ ڪڙتالن کي وڏي رمز سان ڪڙڪائي. هيٺيان ڪلام ڳايائين، وڏو رس لاتائين ۽ محفل کي مچايائين.

- ڪلام چيزل شاهه. ڪلام ۾ وڏو سوز، سندس پنهنجي حال جي ڳالهه:

جان جلي وئي جندڙي ساري، بره بيڙ مچ ٻاريو آ
بره بيڙ مچ ٻاريو آ، منهنجي ساه کي سورن ساڙيو آ
١- بره جا پڙڪا، ڪُنَ جي ڪڙڪا، عشق اوپڙو آيو آ
لهرن لڙهندي ڪنڌي نه ڪائي، توڪل ترهي تاريو آ
٢- جان جلي وڏو سورن ساڙي، قول ازل انگ پاڙيو آ
سک، قرار، آرام نه ڪوئي، مان روئيندي رات گذاريو آ
٣- درد ڏکن ۾ جندڙي آهي، دردن دل کي آزاريو آ
چيزل عشق اصلي اِهڙو، سُولي سِر نيئي چاڙهيو آ

- ٻيو ڪلام

ٻُڌ سُورن جي ڪا پچار، ڏاڍي عشق آزاريو يار
ڪربل دي وچ قَتل ڪَرائي، سيئي هُيا سردار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
اصلي عشق اڙانگو آهي، ڪيئن ڪَيِن سرڏار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
صوفي سائين شاه عنايت، نيزي سر نروار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
ڳجهه جون ڳالهيون ڪيان ماڻ ڪنهن سان، اُلٽاتِي لسرار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
سولي تي منصور چڙهائي، پاڙيئي سپ اقرار
ڏاڍي عشق آزاريو يار

شمس الحق جي ڪَل ڪَلائُئي، تُهنجا خوني خيال خمار

ڏاڍي عشق آزاريو يار

چيزل سودو سر جو آهي، ڪر سچو وڻج واپار

ڏاڍي عشق آزاريو يار

- چيزل شاهه جي ڪلامن کان پوءِ، هيٺيون ڪلام فيضل فقير لاشاري جو ڳايائون ۽ ڏاڍو رس لاتائون. فيضل فقير صوفي رکيل شاهه جو طالب هو، پاڻ وڏو سالڪ شاعر هو ۽ گهڻو ڪلام چيائين.

سِر سمجهه حقيقي حال وچون- صاف صنم سب چال وچون

١- ڪڏان عابد زاهد زهُد ڪَهُون- ڪڏان رند قلندر عُهد ڪهون
ڪڏان غوث قطب اَبدال وچون

٢- ڪڏان گل قل زار نظار ڪهون- ڪڏان بر بحر بازار ڪهون
ڪڏان رڻ پٽ روه جبال وچون

٣- ڪڏان مير امير وزير ڪهون- ڪڏان بيد برهمڻ پير ڪهون
ڪڏان صادق سوز فقير ڪهون- ڪڏان خاص اَغاني خيال وچون

٤- ڪڏان رومي هون ڪڏان زنگي هون- ڪڏان زلف بنا ڪر جنگي هون
ڪڏان هر رنگ دي وچ رنگي هون، ڪڏان ڪيفي ڪيف ڪلال وچون

٥- ڪڏان بحر محيط بيان ڪهون- ڪڏان خطري خوف زيان ڪهون
ڪڏان پاڪ صمد سبحان ڪهون- نهين فرق فيضل هڪ وال وچون

هي ۽ ڪلام جيئن محمدنواز چيو آهي تيئن لکيو ويو آهي. درستي جي ضرورت آهي.

Gul Hayat Institute